ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) | اربع 03 ڊسمبر 2025ع 11 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه | شمارو (110)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ملڪ کي 70 سيڪڙو گئس ڏيندڙ سنڌ مان ڪوٽ ختم ڪئي وڃي، سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ منظور

متحده جي عامر صديقي پاران پيش ڪيل نجي ٺهراءَ جي حڪومتي ميمبرن پڻ حمايت ڪئي، ڪراچي بدران سڄي سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ جو موقف

اسان امير صديقي جي قرارداد جي مخالفت نٿا ڪري سگهون ڇاڪاڻ ته اهو سموري سنڌ جو اهم مسئلو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

اسان هن قرارداد جي حمايت ڪريون ٿا، قرارداد ۾ ڪراچي جي بدران سموري سنڌ لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سڄي سنڌ ۾ گئس جي ڪوٽ آهي: غلام قادر چانڊيو

آئين اسان کي صوبي جي حقن جي حفاظت جي اجازت ڏئي ٿو. هن چيو ته سنڌ 70 سيڪڙو گئس فراهم ڪري ٿي: صابر قائمخاني

ڪراچي (رپورٽ : راغب ڳاهو/ مجيد عباسي) گڏيل ڏهاڙي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ پرائيويٽ ميمبرن واري ڏينهن جي موقعي تي مخالف ڌرجي ميمبرن جون ڪيترين ئي قراردادون منظور ڪيون ويون. جڏهن ته جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق پاران

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت جو سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اتر وزيرستان ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي ڪئي وئي

خارجين جي قبضي مان هٿيار ۽ بارود برآمد ڪرڻ فورسز جي پيشهورانه مهارت آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

جسٽس ظفر راجپوت کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪرڻ جي منظوري

بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس ڪامران خان ملاخيل جي نالي جي منظوري ڏني وئي

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ 3 سينيئر ججن جي نالن تي غور ڪيو ويو

جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان جي ٻئين اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ جي مستقل ججن جي مقرري تي غور ڪيو ويو

وقتي ذميواريون نڀائيندڙ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب کي ئي سپريم ڪورٽ جو مستقل جج مقرر ڪرڻ جي منظوري

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت ۾ سپريم جڊيشل ڪائونسل جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جڊيشل ڪميشن آف پاڪستان سنڌ هاءِ ڪورٽ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس جمعي تي صبح 11 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جو اجلاس جمعي تي صبح 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو آگاري ڏينهن قومي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: پاڪستان جو نئون مقرر ڪيل سفير شفقت علي خان متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زيد النهيان کي پنهنجا ڪاغذ پيش ڪري رهيو آهي

قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ آهي: وزيراعظم

اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي خلاف ٻن جدا جدا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران لاڳاپيل ادارن کي سريلنڪا ۾ امداد لاءِ ڀرپور مدد جي هدايت

سريلنڪا ۾ سامونڊي طوفان سبب قيمتي جانين جي زيان تي افسوس آهي: وزيراعظم

پاڪستان سريلنڪا جي متاثر علائقن جي بحالي ۽ نئين سر تعمير ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سريلنڪا ۾ سامونڊي طوفان سبب قيمتي جانين جي زيان تي افسوس

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شهري، سرڪاري ۽ نجي ادارا، سول سوسائٽي خصوصي ماڻهن جو خيال رکن: صدر آصف زرداري

خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ قومي زندگي ۾ سندن مڪمل شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون

اسان جي گڏيل ذميواري آهي ته انهن جسماني، سماجي ۽ روين بڻيل رڪاوٽن کي ختم ڪريون جيڪي خصوصي ماڻهن کي درپيش آهن

الله تعاليٰ اسان کي توفيق ڏي ته اسان هڪ اهڙو پاڪستان قائم ڪريون جيڪو هر ماڻهو جي لاءِ پهچ جوڳو ۽ شموليت رکندڙ هجي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري تعليم، ڪاروبار، سرڪاري خدمتن ۽ قومي ترقي ۾ خصوصي ماڻهن جي شرڪت کي پاڪستان جي مستقبل جي لاءِ انتهائي اهم قرار ڏيندي چيو آهي ته شهري سرڪاري ۽ نجي ادارا سول سوسائٽي ۽ عالمي حصيدار خصوصي ماڻهن جو خيال

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

محترمه بينظير ڀٽو 2 ڊسمبر 1988ع تي وزيراعظم جي حيثيت سان حلف کنيو: صدر

36سال اڳ 11 سالن جي مارشل لا ۽ آمريت کانپوءِ پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت بحال ٿي

بينظير ڀٽو پاڪستان جي سڀ کان گهٽ عمر وزيراعظم بڻجي عوامي حڪومت کي سگهه ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته محترمه بينظير ڀٽو شهيد 2 ڊسمبر 1988ع تي 35 سالن جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سريلنڪا جي صدر جو وزيراعظم شهباز شريف کي فون، مشڪل وقت ۾ يڪجهتي جي اظهار تي ٿورا مڃيا

اسلام آباد (اي پي پي) سريلنڪا جي صدر انورا ڪماراڊسا نائيڪي وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ٽيليفون ڪري مشڪل

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري پاران سريلنڪا ۾ پاڪ بحريه جي جاري امدادي سرگرمين تي بحريه کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري سريلنڪا ۾ پاڪ بحريه جي جاري امدادي سرگرمين تي بحريه کي شاندار

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

جمهوري اسلامي ايران
وزارت فرهنگ و ارشاد اسلامي

تهران: وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي ايران جي وفاقي وزير سيد عباس صالحي سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سيف سٽي پروجيڪٽ ڪراچي کي جديد ٽيڪنالاجي بنياد تي شهر ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي: وڏو وزير

هي هڪ فليگ شپ پروجيڪٽ آهي جيڪو ڪراچي کي محفوظ ۽ ٽيڪنالاجي بنياد تي هلندڙ شهر بڻائڻ لاءِ جامع ويڊيو نگراني ۽ ڊيٽا تجزيي تي ٻڌل آهي

131850 اهلڪار 31 ضلعن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جن لاءِ سالن جو بجيٽ 189.7 ارب رپيا مقرر آهي

ڪچي جي علائقي جي ڪارروائي ۾ 71 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا، جيڪي انتهائي ڏکين علائقن ۾ منظم ڌاڙيل ڪارروايون خلاف اهم اڳڀرائي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سيف سٽي پروجيڪٽ ڪراچي کي جديد ٽيڪنالاجي بنياد تي هڪ محفوظ شهر ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ جامع ويڊيو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ملتان: ٽيب پاران ڪرايل ديوارن جي تصويرن واري مقابلي ۾ شاگرديائيون تصويرون ٺاهي رهيون آهن

اسلام آباد ۾ اهم شخصيت جي پٽ گاڏي جو ٽڪر هڻي اسڪوٽيءَ تي سوار ٻن نارين کي ماري ڇڏيو

جج محمد آصف جي پٽ مبينا طور ري ايٽ لينڊ ڪروزر هلائيندي اسڪوٽي تي گهر ويندڙ ٻن ڇوڪرين کي ٽڪر هنيو

ابوذر وٽ ڊرائيونگ لائسنس به نه هو جڏهن ته گرفتاري کان اڳ هن پنهنجي موبائل فون گم ڪري ڇڏي: فريادي جو وڪيل

ملزم کي اسلام آباد جي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت سندس 4 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي تخت گاهه ۾ شاهراهه دستور تي گذريل رات اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج محمد آصف جي ننڍي عمر جي پٽ جي گاڏي جي ٽڪر ۾ اسڪوٽي تي سوار ٻه ڇوڪريون فوت ٿي ويون. جوابدار کي اڳاري ڏينهن اسلام آباد جي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي عدالت سندس 4

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ٽو مئي ڪيس: عمر ايوب، زرتاج گل ۽ شبلي فراز سميت پي ٽي آءِ جا 18 اڳواڻ اشتهاري قرار

راولپنڊي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي 18 غير حاضر جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو

عدالت طرفان اشتهاري قرار ڏنل جوابدارن ۾ شبلي فراز، عمر ايوب، ڪنول شوذب، شيخ راشد شفيق ۽ زرتاج گل شامل

جوابدارن جي لاڳاپيل ضلعي جي ريونيو آفيسرن کي به آرڊر جاري، سندن ملڪيتون ضبط ڪرڻ جو حڪم به ڏنو ويو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) راولپنڊي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ٽو مئي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي 18

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

نيپا واقعو جنهن جي به غفلت سبب ٿيو انهي کي سخت سزا ملڻ گهرجي: نبيل گبول

گٽر تي ڍڪڻ لڳايا ويندا آهن پر انهن ڍڪڻن کي نشو ڪندڙ ڪڍي وڪرو ڪندا آهن

جنهن جڳهه حادثو پيش آيو اها شاهراهه 3 سالن کان کوٽيل آهي: اين بي آر ٽي ٺهي پيو: منعم ظفر

دنيا ۾ ڪوبه منصوبو شروع ٿيندو آهي ته متبادل رستو ٺاهيو ويندو آهي، ڪراچي ۾ پارڪنگ دستياب ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وچ روڊ تي کليل گٽر جو مين هول جيڪو ڪنهن وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو

مين هول ۾ ڪري معصوم ابراهيم جو فوت ٿي وڃڻ انتهائي ڏکوئيندڙ آهي: ناصر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته گلشن اقبال نيپا جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

35 هين نيشنل گيمز 6 ڊسمبر کان ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ افتتاحي تقريب نيشنل اسٽيڊيم ۾ ٿيندي: محمد بخش مهر

سرڪاري، خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا 10 هزار کان وڌيڪ شاگرد حصو وٺندا، ٽائون ۽ ضلعي سطح تي فوڪل پرسن مقرر ڪيا ويا آهن

راندين جي تيارين سرگرمين ۽ نيشنل گيمز جي واڌاري بابت سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي هڪ خاص مهم شروع ڪئي ويندي: ذوالفقار علي شاهه

ثقافت کاتو نيشنل گيمز جي سمورن پروگرامن ۾ مڪمل سهڪار فراهم ڪندو، سنڌ حڪومت ۽ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن تيارين کي آخري شڪل ڏئي ڇڏي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 35 هين نيشنل گيمز 2025 جي تيارين بابت سنڌ حڪومت جي اعليٰ سطحي ڪميٽي جو هڪ اهم اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت سنڌ جي راندين واري وزير سردار

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس اڻڄاتل عرصي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق پارليامينٽ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران بنون ۾ اتر وزيرستان جي اسسٽنٽ ڪمشنر سميت 4 ڄڻن جي شهادت تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

PAKISTAN
FAO
PAN

روم: وفاقي وزير راڻا تنوير حسين فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيو آهي

پارليامينٽ ۾ اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن وارو بل 2025ع منظور، اپوزيشن جو احتجاج، نعريبازي

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ مخالف ڌر جي جماعتن شديد نعريبازي ڪندي ناموس رسالت زنده آباد، نعري تڪبير الله اڪبر جا نعرا هنيا، اسپيڪر ۽ وزير قانون هيڊ فون لڳائي ڇڏيا

بل جي حق ۾ 1260 ۽ مخالفت ۾ 79 ووٽ مليا، پ پ جي ميمبر قادر پٽيل ۽ ايمل ولي خان مخالفت ڪئي، قادياني ڪافر قرار ڏنل آهن، اهڙي ڪا به قانون سازي قبول ناهي: عبدالقادر پٽيل

27هين آئيني ترميم ۾ ڪجهه شخصيتن کي لامحدود سهولتون مراعتون ڏنيون ويون، اهو طبقاتي ورهاست آهي، اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي هڪ به تجويز انهي ۾ شامل ناهي ڪئي وئي: فضل الرحمان

بل جي شروعات ۾ اهو لکيو ته گڏيل قومن جي گهرج آهي، اوهان پاڪستان جي آئين جو حلف کنيو آهي يا گڏيل قومن جو؟ مان جائز مخالفت ڪندو آهيان، جذباتي مخالفت ناهيان ڪندو: جي يو آءِ سربراهه

اقليتي اسان جا ڀائر آهن، پر اسلام جي خلاف ڪا به قانونسازي نٿي ٿي سگهي (بئرسٽر گوهر) پاڪستان ۾ سڀ کان وڏو مسئلو انساني حقن جي خلاف ورزي آهي، ماڻهن کي سندن حق نه پيا ملن: علامه ناصر عباس

نبي ڪريم ﷺ تي اسان جي جان به قربان آهي، جيڪو ٻيو ته خاتم رسول صه کي آزاد ڪريو، ڪير خاتم رسول نه آهي، مولانا فضل الرحمان ۽ ڪامران مرتضيٰ ترميمون ڏنيون، حڪومت اهي قبول ڪيون: اسحاق ڊار

اسان اهڙي قانونسازي نه ڪنداسين، جنهن سان قادياني فتني کي هٿي ملي، آئين چوي ٿو ته قادياني غيرمسلم آهن، قرآن ۽ سنت جي خلاف ڪنهن به قسم جي قانونسازي نٿي ٿي سگهي: وزير قانون

هي اقليتن جي حقن جو بل آهي، قيدي نمبر 804 کي ڪجهه نه ٿيندو اهو انتهائي اهم قانون آهي، اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن جي بل جي شق 35 حذف ڪئي وئي آهي

سپريم ڪورٽ 2014ع ۾ حڪم ڏنو هو ته ڪميشن جوڙي وڃي، ان ڪري انهي قانون تي سياست نه ڪئي وڃي، ڪميشن جي قيام جو مقصد ملڪ جي اقليتي برادري جي حقن جو تحفظ آهي: اعظم نذير تارڙ

اسلام آباد (مانيٽرنگ) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ اقليتن جي حقن بابت بل کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو آهي مخالف ڌر جي جماعتن شديد نعريبازي ڪندي ناموس رسالت زنده آباد، نعري تڪبير الله اڪبر جا نعرا هنيا، نعريبازي دوران اسپيڪر ۽ وزير قانون هيڊ فون لڳائي ڇڏيا. پيپلزپارٽي رٿ جي حمايت ڪئي، جڏهن ته پ پ جي ميمبر قادر پٽيل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني پارليامينٽ جي گڏيل سيشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪنهن اسان جي امن جي خواهش کي چئلينج ڪيو ته منهن ٽوڙ جواب ڏينداسين: ايئر چيف مارشل

پاڪستان آپريشن بنيان مرصوص ۾ دشمن کي مات ڏني سائبر وار

دشمن چئلينج ڪيو ته پاڪستان ايئر فورس ڀرپور جواب ڏيندي رافيل سميت ان جا جديد ترين جنگي جهاز تباهه ڪيا

پاڪ فضائيه جو هر جوان ۽ آفيسر تيار آهي، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير معرڪه حق ۾ قائدانه ڪردار ادا ڪيو: ظهير احمد بابر سڌو

رسالپور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو چيو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بنون ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ اتر وزيرستان جي اسسٽنٽ ڪمشنر سميت 4 ڄڻا شهيد

اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان پنهنجي اسڪواڊ سان گڏ بنون ميران شاهه روڊ تي سفر ڪري رهيو هو ته دهشتگردن حملو ڪيو

اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان ٽلي تي شهيد، حملي ۾ شهيد ٿيلن ۾ 2 پوليس اهلڪار ۽ هڪ راهه ويندڙ به شامل

حملو ڪندڙن زخمي پوليس اهلڪارن کان هٿيار به کسي ويا، اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهتي

پشاور (اي پي پي) اتر وزيرستان جو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس دوران قانون سازي دوران ڪجهه ميمبرن جو واڪ آئوٽ

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامينٽ جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران سريلنڪا جي امداد جي لاءِ 200 ٽن امدادي سامان سامونڊي رستي روانو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان خوفناڪ سامونڊي طوفان ڊٽواهه سبب ٿيندڙ تباهين ڪانپوءِ متاثر سريلنڪا جي امداد جي لاءِ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ پيٽروليم جي ميدان ۾ سهڪار لاءِ ٿيل ٺاهه جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ ترڪي جو توانائي وارو وزير الپرسلان بائيراختر موجود آهن

روانگي واپار ۾ اضافي لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهيون: شهباز شريف

مختلف ورڪنگ گروپس جي تجويزن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو

ڪاروبار ۽ مضبوط معيشت سان ئي ٽيڪس آمدني ۾ اضافو ٿيندو: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته روانگي واپار ۾ اضافي جي ذريعي معاشي ترقي جي لاءِ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

خصوصي صلاحيت رکندڙ طبقن جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کنيا پيا وڃن: وزيراعظم

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ خصوصي ماڻهن جو عالمي ڏينهن ڀرپور عزم سان ملهايو ويو

ڪنهن به طرح جي جسماني گهٽتائي انساني ذهني صلاحيتن ۽ حقن جي نفي نٿي ڪري

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سمورن شهرين خاص طور تي ڪمزور ۽ خصوصي صلاحيت رکندڙ طبقن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان معاشي مشڪلاتن مان نڪري رهيو آهي: دانيال چوڌري

وزيراعظم جي قيادت ۾ پاڪستان هاڻي معاشي بحالي جي سفر تي گامزن آهي

جيئن جيئن معاشي رفتار وڌندي، ٽيڪس جو دٻاءُ گهٽ ۽ ڪاروبار وڌندو

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري پارلياماني سيڪريٽري دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان معاشي مشڪلاتن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ ڪينيڊا جي هاءِ ڪمشنر طارق علي خان سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت حيدرآباد سميت صوبي جي شهرن ۾ ڪرڪيٽ سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جي حامي آهي: شرجيل ميمڻ

نياز اسٽيڊيم ۾ ميچون منعقد ڪرائڻ جي حوالي سان حڪومت ڪرڪيٽ بورڊ کي ڪيترائي خط لکي چڪي آهي

هر ضلع ۾ معياري اسٽيڊيم هجڻ گهرجي ته جيئن نوجوان رانديگرن کي موقعو ملي ۽ نئون ٽيلنٽ سامهون اچي

لياقت علي خان جي ورسي تي عام موڪل جي حوالي سان ايم ڪيو ايم ٺهراءُ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪري، سنڌ حڪومت ان جي حمايت ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ سرڪار حيدرآباد سميت صوبي جي مختلف شهرن ۾ ڪرڪيٽ هي سرگرمين

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت بلوچستان جي تڪ پي بي 21 ۾ صالح ڀوتاني بابت ڪيس جي ٻڌڻي 18 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت بلوچستان جي تڪ پي بي 21 صالح ڀوتاني بابت ڪيس جي ٻڌڻي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

Ataullah Tarar
Federal Minister for Information and
Population

اسلام آباد: سڌ سماءُ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاڪستان پاپوليشن سمٽ ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

فيلڊ مارشل سان ترڪ وزير جي ملاقات، گڏيل سهڪار مضبوط بڻائڻ جو عزم

ترڪ وزير الپرسلان بيرڪتار جي ايچ ڪيو ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي

فيلڊ مارشل مختلف عالمي فورمز تي پاڪستان جي لاءِ ترڪي جي ڀرپور حمايت تي ٿورو مڃيو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ترڪيه جي توانائي ۽ قدرتي وسيلن واري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

عمران خان سان گهر ڀاتين جي ملاقات، جيل انتظاميا تي ذهني ٽارچر جو الزام

اڊيالا جيل ۾ عظميٰ خان جي 29 ڏينهن کانپوءِ پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ٿي

عمران خان چيو ته مون تي ذهني ٽارچر جو هڪ ئي شخص ذميوار آهي: عظميٰ خان

عمران خان وڏي ڪاوڙ ۾ هو، ڪيس سڄو ڏينهن ڪمري ۾ بند رکيو ويندو آهي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڊيالا جيل ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان سان سندس ڀيڻ عظميٰ خان جي 29 ڏينهن کانپوءِ ملاقات

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ ڪي پي ڪي بنون حملي جو نوٽيس ورتو، واقعي جي مذمت، آءِ جي پوليس کان رپورٽ طلب

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي بنون ۾ اتر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سياحت جا ڪيئي موقعا موجود آهن: عطاءُ الله تارڙ

دنيا جي 14 بلند ترين جبلن مان 5 بلند جبل هتي موجود آهن: وزير اطلاعات

اسان وٽ دنيا کي ٻڌائڻ جي لاءِ شاندار ڪهاڻي آهي، رڳو درست انداز اختيار ڪرڻو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاڪستان جي مثبت تشخص کي عالمي سطح تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

دادو: آءِ بي اي ڪيمپس جو وائيس چانسلر آصف احمد شيخ پير مظهر الحق ۽ ٻيا سولر گرڊ جو افتتاح ڪري رهيا آهن

دادو ۾ آءِ بي اي ڪيمپس ۾ وي سي پاران سولر گرڊ جو افتتاح

نئين بس پوائنٽ، فنانشل ليٽريسي ليب، ناليج لائبريري ۽ انگلش ليب جي شروعات

تعليمي ترقيءَ جو 70 سيڪڙو ڪم مڪمل، باقي ڪم هڪ سال اندر مڪمل ٿيندو: وي سي

دادو (ر) دادو ۾ آءِ بي اي ڪيمپس ۾ وائيس چانسلر آءِ بي اي سکر يونيورسٽي آصف احمد شيخ پاران مختلف فيڪلٽيز

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عورتن ۽ اقليتن جي حقن جا حق منهنجي پهرين ترجيح آهن: سينيٽ چيئرمين

مان وزيراعظم هئس ته منهنجو منشور هو ته عورتن ۽ اقليتن منهنجو تڪ آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته عورتن ۽ اقليتن جي حقن کي حاصل ڪرڻ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ٽوڪيو: پاڪستاني سفارتخاني ۽ جاپاني واپاري تنظيم جي سهڪار سان ٿيل بزنس سيمينار ۾ ورتل تصوير

لاهور هاءِ ڪورٽ پاران پرائيويٽ حج آپريٽرز کي ڪوٽه نه ڏيڻ خلاف درخواست تي دليل طلب

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پارلياماني رپورٽرز کي هميشه پارليامينٽ جو اهم حصو سمجهيو آهي: اسپيڪر

صحافت هڪ وسيع ۽ باوقار شعبو آهي، صحافي اسان جون اکيون ۽ ڪن آهن: اياز صادق

پارلياماني رپورٽرز پارليامينٽ ميمبرن کان وڌيڪ وقت پارليامينٽ ۾ گذارين ٿا: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته صحافت هڪ وسيع ۽ باوقار شعبو آهي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڀارت پاڪستان مان سريلنڪا کي انساني امداد جي فراهمي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو آهي ته ڀارت پاڪستان مان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان خطي ۾ هڪ اسٽريٽجڪ حب طور اهم ڪردار ادا ڪري پيو: احسن اقبال

ڪاربڪ فريم ورڪ 11 ملڪن کي 6 اهم اقتصادي راهدارين جي سهولتڪاري سان جوڙي ٿو

ايڪيهين صدي جا فيصلا جاگرافيائي بيهڪ کان وڌيڪ قومي حڪمت عملي تي ٻڌل هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

توهان گورنر راڄ لڳايو، اسان عوامي راڄ لڳائينداسين: محمود اڇڪزئي

خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ جون ڌمڪيون اچي رهيون آهن، اسان ظلم خلاف بيهنداسين

پارليامينٽ چاهيون ٿا جتي آئين، قانون ۽ عوام جي حقن جون ڳالهيون ٿين: سربراهه پي ڪي ميپ

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشتون خوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اڇڪزئي چيو آهي ته توهان همت ڪري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڦر دوران نوجوان قتل، شهرين ڦورو کي سوگهو ڪري زنده ساڙي ڇڏيو، ايس ايڇ او معطل

اورنگي ٽائون ۾ ڦورن مزاحمت ڪرڻ تي شهري کي گولي هڻي ڇڏي، فرار ٿيڻ دوران هڪ ڦورو سوگهو

مجريل ماڻهن ڦورو کي بجلي جي ٿنڀي سان ٻڌي تشدد ڪرڻ بعد پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي

ايس ايڇ او اورنگي ٽائون يوسف مهر لاپرواهي جي الزام ۾ معطل، 35 ماڻهن خلاف ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اورنگي ٽائون ۾ نوجوان کي قتل ڪندڙ مبينا ڦورو کي شهرين پڪڙي جيئرو ساڙي ڇڏيو تفصيل موجب ڪراچي جي اورنگي ٽائون جي سيڪٽر 7 بلوچ ڳوٺ ۾ ڦورن مزاحمت ڪرڻ تي شهري کي گولي هڻي ڇڏي جڏهن ماڻهو فائرنگ جو آواز ٻڌي ته گڏ ٿيا ته ڦورو فرار ٿيڻ لڳا، ان دوران هڪ ڦورو کي شهرين پڪڙي ورتو مجريل ماڻهن ڦورو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌي ثقافت سڄي قوم لاءِ فخر جوڳي آهي: مريم نواز

سنڌين کي ثقافتي ڏهاڙي جي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿي

اجرڪ، ٽوپي، دلڪش موسيقي ۽ شاعري ملڪ جي ثقافتي خوبصورتي ۾ واڌ ڪري ٿي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز سنڌ جي عوام کي ثقافتي ڏهاڙي جي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته سڄي ۽ مهمان نواز سنڌي ڀينرن ۽ ڀائرن کي پنجاب واسين جو سلام پيش ڪيان ٿي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

عدليه جي فيصلي موجب سرڪاري ملازمتن ۾ عمر جي حد تي پابندي آهي: سعيد غني

فيصلي کان اڳ جيڪي ملازمتن لاءِ آئي بي اي سکر پاران ورتل ٽيسٽ پاس ڪيا ويا انهن تي عدليه جو فيصلو لاڳو نه ٿيندو

حڪومت سنڌ سرڪاري ملازمتن ۾ 15 سال جي ريليف فراهم ڪيو هو جيڪا ڪافي عرصي تائين جاري رهي

نون ڀيٽيندڙن لاءِ عدالت جي فيصلي جو اطلاق لازمي آهي، حڪومت سڀ کان وڌيڪ عمر جي ريليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته معزز عدليه جي فيصلي موجب سرڪاري ملازمتن ۾ عمر جي حد تي پابندي آهي ۽ سنڌ حڪومت کي پڻ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ۾ ٻارڙيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

بقايا 1 خراج تحسين

زرداري اتر وزيرستان ۾ ڀارتي حمايت يافته سرگرم فتنه الخوارج جي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ڪامياب ڪارروائين دوران خوارجين کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي جوانن جي جرئت کي ساراهيو صدر چيو ته ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم خوارجين جي قبضي مان هٿيار ۽ بارود برآمد ڪرڻ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه مهارت جو ثبوت آهي صدر سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بلند حوصلي کي سلام پيش ڪندي ملڪ جي دفاع جي عزم کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 2 نعريبازي

مخالفت ڪئي ۽ ايوان مان هليو ويو سينيٽر عبدالقادر ۽ ايمل ولي خان به بل جي مخالفت ڪئي ان موقعي تي وزير قانون اعظم نذير تارڙ چيو ته هي اقليتن جي حقن جو بل آهي، قيدي نمبر 804 کي ڪجهه نه ٿيندو اهو انتهائي اهم قانون آهي جڏهن ته اقليتن جي حقن بابت قومي ڪميشن جي بل جي شق 35 کي حذف ڪئي وئي آهي، وزير قانون اعظم نذير تارڙ شق واپس وٺي ڇڏي، وزير قانون چيو ته سپريم ڪورٽ 2014ع ۾ حڪم ڏنو هو ته ڪميشن جوڙي وڃي، ان ڪري انهي قانون تي سياست نه ڪئي وڃي، ڪميشن جي قيام جو مقصد ملڪ جي اقليتي برادري جي حقن جو تحفظ آهي، اسان سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت ڪميشن جي قيام لاءِ قانوني بل گڏيل اجلاس ۾ آندو آهي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي سربراهي ۾ ٿيل پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ قانون واري وزيراعظم نذير تارڙ اقليتن جي حقن بابت بل پيش ڪندي چيو ته پارليامينٽ اقليتن جي حقن بابت ڪميشن جي قيام جو بل قومي ڪميشن براءِ اقليتي حق 2025 منظور ڪري ورتو. ايوان اقليتن جي حقن بابت بل کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو بل جي حق ۾ 1260 ۽ مخالفت ۾ 79 ووٽ مليا. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي قانون واري وزيراعظم نذير تارڙ چيو ته سال 2014 ۾ سپريم ڪورٽ چيو ته اقليتن جي هڪ ڪميشن ٺاهيو مولانا فضل الرحمان جو ٿورو ادا ڪريان ٿو ته انهي جي ميمبرن هن بل ۾ ترميمون ڏنيون قانون ۾ واضح آهي ته قادياني غير مسلم آهن مولانا فضل الرحمان ايوان ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ڪوشش ڪئي وڃي ته آئين تڪراري نه هجي. 27هين ترميم ۾ ائين ناهي ٿيو اها ترميم اهڙي طرح تڪرار هوندي جيئن 18هين ترميم کان اڳ جي ترميم ٿي هئي هن چيو ته سال 1973ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو وٽ به پاڳي تي اڪثريت هئي اهو آئين ۾ ترميم ڪري سگهيو ٿي پر انهي طرفان ڳالهيون ڪيون ويون 9 مهينن جي محنت کان پوءِ 18هين ترميم تيار ڪئي ته لڳو اسان جي پارٽي اختلاف جي باوجود گڏ ٿي سگهي ٿي 26هين آئيني ترميم آئي ته پي ٽي آءِ انهي ۾ شريڪ نه هئي اسان 26هين آئيني ترميم جو پي ٽي آءِ کي ٻڌائيندا هئاسين پر 27هين آئيني ترميم ۾ ڪنهن کي به پروسي ۾ نه ورتو ويو جي يو آءِ سربراهه چيو ته 27هين آئيني ترميم ۾ ڪجهه شخصيتن کي اهڙيون سهولتون مراعتون ڏنيون ويون اها طبقاتي ورهاست آهي. مولانا فضل الرحمان چيو ته هڪ سال گذرڻ جي باوجود اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي هڪ به تجويز انهي ۾ شامل ناهي ڪئي وئي اڄ جيڪي قانونسازيون ٿيون انهي حوالي سان ٿورو سوچيو اوهان 18 سال اڳ جي شرعي نڪاح کي جنسي زيادتي قرار ڏنو آهي ٽرانسجينڊر جي حوالي سان شين کي اسلامي نظرياتي ڪائونسل رد ڪيو هن چيو ته بل جي شروعات ۾ اوهان لکيو ته گڏيل قومن جي گهرج آهي، اوهان پاڪستان جي آئين جو حلف کنيو آهي يا گڏيل قومن جو؟ مان جائز مخالفت ڪندو آهيان جذباتي مخالفت ناهيان ڪندو جيڪا مغرب جي خواهش آهي اسان هن وقت انهي جي پيروي ڪري رهيا آهيون. نائب وزيراعظم پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايوان ۾ خطاب ڪندي چيو ته هي اهڙو بل هو جنهن کي ٻئي هائوسز پاس ڪري چڪا هئا، صدر وٽ جڏهن اهو بل ويو ته انهي اعتراض اٿاريو ته انهن شين کي ڏٺو وڃي. نبي ڪريم صه تي اسان جي جان به قربان آهي. چيو ويو ته خادم رسول صه کي آزاد ڪريو ڪير خادم رسول نه آهي اسحاق ڊار چيو ته مولانا فضل الرحمان ۽ ڪامران مرتضيٰ ترميمون ڏنيون جنهن کي حڪومت قبول ڪيون هي حڪومتون اينديون وينديون آهن اسان جي جان مال رسول صه تي قربان، حڪومتون ڪنهن جي وراثت نه آهن. اهي اچيتون وڃيتون آهن قيدي نمبر 804 جي لاءِ جيڪو ڪرڻو آهي ڪريو پر اهم معاملن تي سياست نه ڪريو پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو ته اڄ ايجنڊا موجب اوهان کي 7 قانون پاس ڪرڻا آهن. اقليتي اسان جا ڀائر آهن پر اسلام جي خلاف ڪا به قانونسازي نٿي ٿي سگهي، وزيراعظم قانون وضاحت ڪئي ته قرآن ۽ سنت جي خلاف ڪنهن به قسم جي قانونسازي نٿي ٿي سگهي، اسان اهڙي قانونسازي نه ڪنداسين جنهن سان قادياني فتني کي هٿي ملي، آئين چوي ٿو ته قادياني غيرمسلم آهن. جي يو آءِ کي به اسان يقين ڏياريو آهي. ڪامران مرتضيٰ چيو ته شق 35 کي حذف ڪيو ويو آهي، ان تي به اسان کي ڪو اعتراض ناهي. علامه ناصر عباس چيو ته هن وقت پاڪستان ۾ سڀ کان وڏو مسئلو انساني حقن جي خلاف ورزي آهي. ماڻهن کي سندن حق نه پيا ملن. گڏيل اجلاس آهي پر ڪو اپوزيشن ليڊر ناهي، جيڪڏهن چاهيو ٿا ته اپوزيشن ڪردار ادا ڪري ته انهن کي حق ڏيو سموري قانونسازي ٽڪڙ ۾ ڪئي پئي وڃي پ پ ميمبر قادر پٽيل چيو ته قاديانين کي ان

وزيراعظم ڪافر قرار ڏنو جنهن کي ڏاڙهي نه هئي قيامت واري ڏينهن ان جي پڪڙ ٿيڻي آهي هن وقت امت محمدي جو مسئلو آهي وزير قانون اهڙو ڪو دروازو نه کولي اسان اهڙو ڪو قانون پاس ٿيڻ نه ڏينداسين

بقايا 3 شهباز شريف

عملي قدم کڻي رهيا آهيون. ڪاروباري شخصيتون ۽ سيڙپڪار قابل احترام آهن مختلف ورڪنگ گروپس جي تجويزن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو ڪاروبار ۽ مضبوط معيشت سان ٽيڪس آمدني ۾ اضافو ٿيندو ڪالهه اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار معاشي سڌارن جي لاءِ نجي شعبي جي ماهرن ۽ ڪاروباري شخصيتن تي ٻڌل ٽيڪس جي شعبي جي سڌارن بابت قائم ورڪنگ گروپ جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن احد خان چيمه، محمد اورنگزيب، علي پرويز ملڪ، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، خاص معاون هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ورڪنگ گروپ جي چيئرمين شهزاد سليم سميت ٻين ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شريڪ ڪاروباري شخصيتن ۽ سيڙپڪارن گذريل اجلاس ۾ ايڪسپورٽ ڊيولپمينٽ سرچارج ختم ڪرڻ جي حڪمن تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا. وزيراعظم چيو ته حڪومت ٽيڪس ڏيندڙ ڪاروباري ماڻهن ۽ ڪمپنين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي، ڊگهي مدي واري قدمن جي ذريعي ملڪ ۾ ڪاروبار کي بهتر ۽ مقابلي وارو بڻائڻ چاهيون ٿا، حڪومت پهرين ڏينهن کان روانگي واپار ۾ اضافي تي ٻڌل معاشي ترقي جي لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي وزيراعظم چيو ته نجي شعبي جي ماهرن پاران جامع تجويزون پيش ڪيون ويون جن تي ٿورائتو آهيان انهن تجويزن تي غور ڪائيوءِ انهن کي عمل جوڳو بڻائڻ جي لاءِ ناڻي واري وزير جي صدارت ۾ ڪميٽي قائم ڪري رهيو آهيان ڪميٽي عملي قدمن تي ٻڌل حڪمت عملي پيش ڪندي اجلاس کي ڪارپوريٽ شعبي سميت مختلف شعبن ۾ ٽيڪسن جي شرح ۽ تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو اجلاس کي پاڪستان ۾ نجي شعبي جي ترقي، روانگي واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ ضروري ٽيڪس سڌارن تي تجويزون پيش ڪيون ويون اجلاس کي خطي ۾ پاڪستاني ڪاروباري شعبي جي مسابقت وڌائڻ جي حوالي سان پڻ تجويزون پيش ڪيون ويون

بقايا 4 وزيراعظم

جي بنيادي شهري حقن جي تحفظ ۽ انهن کي برابر سهولتن جي فراهمي کي حڪومت جي ترجيح قرار ڏيندي چيو آهي ته ان سلسلي ۾ سمورا ضروري قدم کنيا پيا وڃن ڪالهه اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم خصوصي ماڻهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ اڄ خصوصي ماڻهن جو عالمي ڏينهن ان عزم سان ملهايو پيو وڃي ته خصوصي ماڻهن جي حقن جو تحفظ ۽ زندگي جي سمورن شعبن ۾ انهن جي شموليت کي يقيني بڻائڻ قومي ترقي جي لاءِ لازمي آهي هن چيو ته هن سال اهو عالمي ڏينهن "خصوصي ماڻهن جي معاشري ۾ شموليت ۽ سماجي ترقي" جي عنوان تحت ملهايو پيو وڃي هن چيو ته پاڪستان جو آئين سمورن شهرين کي برابر حق ۽ برابر شموليت جي ضمانت ڏي ٿو خصوصي ماڻهو اسان جي معاشري جي سماجي، معاشرتي ۽ ثقافتي اساس جو اهم حصو آهن. ڪنهن به طرح جي جسماني گهٽتائي انساني ذهني صلاحيتن ۽ حقن جي نفي نٿي ڪري. هن چيو ته پاڪستان حڪومت کي خصوصي ماڻهن جي حقن جي اهميت جو مڪمل ادراڪ آهي ۽ حڪومت انهن جي تحفظ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. ان ڏس ۾ سمورا ضروري ۽ موثر قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن خصوصي ماڻهن جي لاءِ همدرداڻي دوستاڻي ۽ معاون معاشرو جوڙي سگهجي هن چيو ته قانوني پس منظر ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي خصوصي ماڻهن جي حقن جا ايڪٽ اهڙن ماڻهن کي هر طرح جو ضروري قانوني تحفظ فراهم ڪن ٿا، وڌيڪ اهي ايڪٽ خصوصي ماڻهن جي داخلا ۽ انهن جي مدد، امداد ۽ ٻيون موثر خدمتون سرانجام ڏيڻ جي لاءِ پڻ بنياد فراهم ڪن ٿا، خصوصي ماڻهن جي حقن جي ڪائونسل سي آر پي ڊي پڻ حقن جي نگراني ۽ حڪومتي پاليسي قدمن کي مضبوط ڪرڻ ۾ تمام گهڻي فعال طريقي سان ڪم ڪري رهي آهي. ان ڪانسواءِ ٻين قدمن ۾ هر 15 ڏينهن ڪانپوءِ طبي معائنو خصوصي ماڻهن جي لاءِ معذوري جو سرٽيفڪيٽ، انهن جي لاءِ سهولتي آوزارن، هنرمندي ۾ اضافي جي انتظامن صلاحيت کي وڌائڻ جي تربيت، نوڪرين ۾ مخصوص ڪوٽا، ڪم جي جڳهه تي آساني سان پهچ جي لاءِ قدم شامل آهن هن چيو ته حڪومت خصوصي ماڻهن جي معاشري ۾ هر سطح ۽ هر شعبي ۾ شموليت کي يقيني بڻائڻ چاهي ٿي، حڪومت پاليسي ۽ واعدن کي عملي جامعو پارائيندي خصوصي ڪوششون ڪيون آهن ته جيئن خصوصي ماڻهن کي تعليم صحت، روزگار ۽ سماجي زندگي ۾ هر طرح جي شموليت يقيني ٿئي جڏهن ته ان طبقي جي ڀرپور نمائندگي ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ اڃان وڌيڪ موثر قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. هيستائين کنيل قدمن ۾ خصوصي ماڻهن جي حقن جي ڪائونسل جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن ۽ انساني حقن بابت وفاقي وزارت پڻ خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ مضبوطي جي لاءِ وڏي محنت سان ڪم ڪري رهي آهي. وزيراعظم چيو ته خصوصي ماڻهن جي ڀرپور شموليت ڪي

معاشرتي نظام جي اهميت ۽ موثر ڪارڪردگي جو امتحان آهي ۽ اها اسان جي نظام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي لاءِ جامع حڪمت عملي ٺاهڻ جي ياد پڻ ڏياري ٿي. هن چيو ته سمورن شهرين خاص طور تي ڪمزور ۽ خصوصي صلاحيت رکندڙ طبقن جي بنيادي شهري حقن جو تحفظ ۽ برابر سهولتن جي فراهمي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي وزيراعظم چيو ته هو اڄ هن ڏينهن جي موقعي تي عوام، صوبائي حڪومتن، لاڳاپيل نجي ادارن، سول سوسائٽي استادن ۽ معاشري جي سمورن اهم ماڻهن کي اپيل ڪري ٿو ته اچو گڏجي اهڙي پاڪستان طرف اڳڀرائي ڪريون جنهن ۾ خصوصي ماڻهو پنهنجي مڪمل صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻيندي هڪ دوستاڻي همدرداڻي ماحول ۾ معاشري جو فعال حصو بڻجي سگهن هن چيو ته ڪنهن به امتيازي سلوڪ کان پاڪ ۽ سماجي اڻبرابري کان قطعي نظر سمورن شهرين جي صحت ۽ عزت ۽ وقار جي تحفظ جي لاءِ اسان جو عزم پختو هجڻ گهرجي اچو اڄ جي ڏينهن وچن ورجايون ته خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ جي لاءِ اڳ کان وڌيڪ گڏيل تعاون سان موثر قدم کڻنداسين ته جيئن اسان ان ڏس ۾ پنهنجي ذميوارين جي ادائيگي ۾ پورو لهي سگهون

بقايا 5 دانيال چوڌري

مان نڪري رهيو آهي ۽ ٽوڻين جو دور هاڻي پوئتي رهجي ويو آهي راولپنڊي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (آر سي سي آءِ) ۾ واپاري برادري کي خطاب ڪندي هن چيو ته حڪومت گذريل ڏيڍ سال ۾ معيشت جي استحڪام جي لاءِ مشڪل پر ضروري فيصلا ڪيا، جنهن جا مثبت نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويا آهن هن چيو ته حڪومت جڏهن ذميواري سنڀالي ته ملڪ شديد معاشي بدحالي جو شڪار هو جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن ۽ مضبوط ٽيم جي ڪري پاڪستان هاڻي معاشي بحالي جي سفر تي گامزن آهي دانيال چوڌري معيشت جي صورتحال کي "ڀڳل ٽنگ" جي مثال سان بيان ڪندي چيو ته پلاسٽر ۽ ٽوڻين ڪانپوءِ هاڻي ملڪ آهستي آهستي هلڻ جي مرحلي مان نڪري جلد ڊوڙڻ لڳندو پارليامانی سيڪريٽري چيو ته اڳوڻي حڪومت جي آءِ ايم ايف سان ڪيل واعدن جي ڪري سخت معاشي پاليسيون جاري رکڻ لازمي هو تنهن هوندي به موجوده حڪومت انهن پاليسين کي بهتر انداز ۾ هم آهنگ ڪري معيشت کي مستحڪم بنياد فراهم ڪيو آهي هن واپاري برادري کي يقين ڏياريو ته جيئن جيئن معاشي رفتار وڌندي، ٽيڪس جو دٻاءُ گهٽ ۽ ڪاروباري سرگرميون وڌيڪ آسان ٿينديون وينديون هن وزير حنيف عباسي جي سربراهي ۾ پاڪستان ريلوي جي بحالي جي قدمن کي پڻ ساراهيو ۽ چيو ته ادارو هاڻي موثر انداز ۾ بحال ٿي چڪو آهي. دانيال چوڌري راولپنڊي چيمبر جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته واپاري برادري ملڪ جي ترقي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي ۽ حڪومت انهن جي مسئلن جي حل لاءِ مڪمل تعاون جاري رکندي آخر ۾ هن آر سي سي آءِ جي صدر عثمان شوڪت، گروپ اڳواڻ سهيل الطاف ۽ ٻين عهديدارن پاران تقريب منعقد ڪرڻ تي ٿورا مڃيا.

بقايا 6 رستي روانو

200 ٽن امدادي سامان سامونڊي رستي روانو ڪري ڇڏيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب ان سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ سامان روانگي جي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ پاڪستان ۾ سريلنڪا جي هاءِ ڪمشنر ايڊمرل راويندرا سي وجي گنارتني شرڪت ڪئي تقريب ۾ پرڏيهي وزارت ۽ اين ڊي ايم اي جا سينيئر عملدار پڻ موجود هئا. پاڪستان ان موقعي تي سريلنڪا جي عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

کي هٿي ڏيڻ جي حامي آهي، سنڌ حڪومت اڳواٽ ئي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ کي ڪيترائي خط لکي چڪي آهي ۽ نياز اسٽيڊيم ۾ ميچون منعقد ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجو موقف واضح ڪري چڪي آهي سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ ڳالهائيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد اسٽيڊيم جي پنهنجي سڃاڻپ آهي ۽ ماضي ۾ هتي ميچز ٿي چڪيون آهن، سندس چوڻ هو ته هر ضلع ۾ معياري اسٽيڊيم هجڻ گهرجي ته جيئن نوجوان رانديگرن کي موقعو ملي ۽ نئون ٽيلنٽ سامهون اچي. هن ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي کي درخواست ڪئي ته اهي استحقاق واري رٽ واپس وٺن، چاڪاڻ ته ايوان اڳواٽ ئي ان جي حمايت ڪري چڪو آهي. سکر ۾ نئين اسٽيڊيم جو ڪم مڪمل ٿيڻ جو ذڪر ڪندي هن چيو ته حڪومت چاهي ٿي ته سکر ۾ به باقاعده ميچز ڪرايون وڃن اجلاس دوران لياقت علي خان جي ورسي جي موقعي تي عام موڪل جي حوالي سان ٺهراءُ جي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مخالفت ڪندي چيو ته صوبائي حڪومت ان حوالي سان پاڻ وفاق کي خط لکندي. هن چيو ته لياقت علي خان پوري قوم جو رهنما هو ۽ ان بابت فيصلو وفاقي سطح تي ٿيڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم وفاق ۾ موجود آهي ان لاءِ هي معاملو قومي اسيمبلي يا ڪابينا ۾ اٿاري. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته لياقت علي خان جي ورسي تي عام موڪل جي حوالي سان ايم ڪيو ايم ٺهراءُ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪري، سنڌ حڪومت ان جي حمايت ڪندي

بقايا 8 عطاء الله تارڙ

اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۾ سياحت جا بي پناهه

موقعا موجود آهن پاڪستان وٽ قديم گنڌارا تهذيب، نانگا پربت ۽ براڊ پيڪ جهڙيون خوبصورت جايون آهن اسان وٽ دنيا کي ٻڌائڻ جي لاءِ شاندار ڪهاڻي آهي، اسان کي رڳو ان کي صحيح نوعيت جي ٻڌائڻ تائين صحيح انداز ۾ بيان ڪرڻو آهي. اها ڳالهه هن ڪالهه اڳاري ڏينهن مقامي هوٽل ۾ ڊسڪور پاڪستان جي اهتمام هيٺ "نيشنل ٽوئرازم ايوارڊ 2025ع" جي تقريب کي خطاب ڪندي چئي. اطلاعات واري وفاقي وزير قومي سياحت کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش تي ڊسڪور پاڪستان جي سي اي او ڊاڪٽر قيصر رفيق جا دل سان ٿورا ادا ڪندي چيو ته هو اڪيلو هڪ ڏهاڪي تائين ٻاهرئين ملڪ رهي چڪو آهي ان جي لاءِ ڪيس ان ڳالهه جو پتو آهي ته پاڪستان بابت غلط فهميون رڳو اهڙي طرح جي ڪوششن سان ختم ڪري سگهجن ٿيون هن چيو ته غيرملڪي سياح هڪ ڀيرو پاڪستان اچن ٿا ته پوءِ اهي بار بار اچن ٿا. غيرملڪي سياح پاڪستانين جي مهمان نوازي جا مداح آهن مهمان نوازي اسان جي شاندار روايتن جو حصو آهي هن چيو ته اهو ئي پاڪستان جو مثبت تصور آهي جنهن کي عالمي سطح تي پيش ڪرڻ ضروري آهي چو ته پاڪستان وٽ ٻڌائڻ جي لاءِ هڪ منفرد ڪهاڻي موجود آهي وفاقي وزير ملڪ جي گهڻ رخي جاگرافيائي خصوصيتن جي نشاندهي ڪندي پاڪستان کي هڪ مڪمل پيڪيج قرار ڏنو هن اترئين علائقن جي خوبصورتي طرف اشارو ڪندي چيو ته دنيا جي 14 بلند ترين جبلن مان 5 بلند جبل هتي موجود آهن جن ۾ ڪي ٽو نانگا پربت، گاشر برمل ون ۽ ٽو ۽ براڊ پيڪ شامل آهن ان ڪانسواءِ هن مالم جبا جي اسڪي سلوپس جو پڻ ذڪر ڪيو وفاقي وزير شندور پولو فيسٽيول بابت چيو ته اهو دنيا جي بلند پولو ميدان تي ڪي هزار ميٽر کان وڌيڪ بلندي تي منعقد ٿئي ٿو هن چيو ته قدرتي حسن ڪانسواءِ پاڪستان ثقافتي ورثي سان پڻ مالامال آهي هتي گنڌارا تهذيب موجود آهي جڏهن ته صديون پراڻي روايتون پڻ موجود آهن جيڪي اڄ به ڪيلاش قبيلي جا ماڻهو اختيار ڪن ٿا. اطلاعات واري وفاقي وزير سنڌ ۽ بلوچستان جي ريگستانن ۽ چولستان ۾ ٿيندڙ ساليانو جيپ ريلي جو ذڪر ڪندي ان کي پرڪشش برانڊ قرار ڏنو وفاقي وزير چيو ته ڀلي اتر طرف بلند برف جبل هجڻ ڏکڻ جا سنهري ريگستان يا گنڌارا تهذيب، پاڪستان ۾ سياحت جا بي پناهه موقعا موجود آهن هن چيو ته ڊسڪور پاڪستان نه رڳو سياحت پر پاڪستان جي عوام جي همت ۽ مهمان نوازي کي اجاگر ڪري هڪ عظيم قومي خدمت سرانجام ڏني آهي هن چيو ته اسان وزيراعظم محمد شهباز شريف، صدر آصف علي زرداري ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ سفارتي ڪاميابين جي ذريعي تمام گهڻي عزت حاصل ڪئي آهي پنهنجي خطاب جي پڄاڻي تي اطلاعات واري وفاقي وزير ڊسڪور پاڪستان جي پليٽ فارم کي عالمي سطح تي وٺي وڃڻ جي لاءِ ورڪنگ گروپ جوڙڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهن ۾ خيبرپختونخواهه جو گورنر وزيراعظم جو سياحت وارو خاص معاون ۽ ڊسڪور پاڪستان جو سي اي او شامل هجن هن وڌيڪ تجويز ڏني ته پرڏيهي آفيس ۽ ٻاهرئين ملڪ مقرر پريس اتاشي ان چينل جي برانڊ ايمبيسڊرز جي طور تي ڪم ڪن. وفاقي وزير ڊسڪور پاڪستان کي عالمي سطح تي پاڪستان جي مثبت تشخص کي موثر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ انگلش زبان ۾ چينل لانچ ڪرڻ تي حڪومتي مراعتن جي آڇ پڻ ڪئي.

بقايا 9 افتتاح

۽ سولر گرڊ جو افتتاح ڪيو. وائس چانسلر پاران نئين بس پوائنٽ، فنانشل ليٽريسي ليب، ناليج لائبريري، انگلش ليب جو افتتاح آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي وائيس چانسلر پاران ليب ۾ وڌيڪ 4 ڪمپيوٽر ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو. آءِ بي اي ڪيمپس دادو ۾ بجلي جي سهولتن لاءِ 200 ڪي وي گرڊ اسٽيشن جو افتتاح تعليمي خدمتن ۾ بنا رڪاوٽ جاري رکڻ ۾ لاڀائتو ٿيندو. آءِ بي اي جي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر آصف علي شيخ خطاب ڪندي چيو ته ڊيولپمينٽ جو 70 فيصد ڪم مڪمل آهي باقي رهيل ڪم هڪ سال ۾ مڪمل ٿي ويندو. افتتاحي تقريب ۾ بين القوامي تنظيم اڳواڻ اقبال ترين، اڳوڻي وزير تعليم پير مظهر الحق، پرو وائس چانسلر پروفيسر سرفراز ڏڪڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 10 ٺهراءُ منظور

ڪراچي ۾ اي-چالان بابت پيش ڪيل قرارداد کي اسپيڪر غير آئيني قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو چاڪاڻ ته اهو معاملو هن وقت عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي اسپيڪر اهڙي معاملي تي بحث کي به ايوان جي ڪارروائي مان خارج ڪري ڇڏيو سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي ڪراچي ۾ گئس لوڊشيڊنگ خلاف ايوان ۾ پنهنجو نجي ٺهراءُ پيش ڪيو جنهن جي حڪومتي ميمبرن پاران پڻ حمايت ڪئي وئي ۽ اها قرارداد هڪ ترميم سان منظور ڪئي وئي ته: ڪراچي جي بدران سموري سنڌ ۾ گئس جي ڪوٽ تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ بحث ڪيو وڃي قرارداد پيش ڪندي عامر صديقي چيو ته ڪراچي شهر ۾ گئس ناهي، سنڌ جي وڏي وزير کي معاملو سي سي آءِ ۾ اٿارڻ گهرجي هن چيو ته سوئي گئس پاران ڪراچي جي سمورن ٽائونز جي ترقي لاءِ 14 ارب ڏنا آهن پر اجا تائين روڊ نه ٺهي سگهيا آهن ان موقعي تي اطلاعات کاتي جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان امير صديقي جي قرارداد جي مخالفت نٿا ڪري سگهون چاڪاڻ ته اهو سموري سنڌ جو اهم مسئلو آهي پيپلز پارٽي جي غلام قادر چانڊيو چيو ته اسان هن قرارداد جي حمايت ڪريون ٿا، قرارداد ۾ ڪراچي جي بدران سموري سنڌ لکڻ گهرجي چاڪاڻ ته سڄي سنڌ ۾ گئس جي ڪوٽ آهي، ايم ڪيو ايم جي راشد خان چيو ته حيدرآباد ۾ به گئس جي ڪوٽ آهي جيتوڻيڪ حيدرآباد جي ويجهو ٽنڊو عالم گئس فيلڊ به موجود آهي هن چيو ته سنڌ 70 سيڪڙو گئس مهيا ڪري ٿي پيپلز پارٽي جي جميل سومرو چيو ته گئس جو مسئلو سڄي سنڌ جو آهي، آئين ۾ چيو ويو آهي ته صوبي جي وسيلن تي سڀ کان پهرئين انهيءَ صوبي جو حق آهي. گئس جي معاملي ۾ سنڌ صوبي سان ناانصافي ٿي رهي آهي پي ٽي آءِ جي شبير قريشي چيو ته سي اين جي پمپ بند ڪيا وڃن ڪراچي ۾ گئس بلڪل به موجود ناهي سموري سنڌ ۾ گئس جي ٻي ترتيب فراهمي يقيني بڻائي وڃي ايم ڪيو ايم ميمبر صابر قائمخاني چيو ته پاڪستان جو آئين اسان کي صوبي جي حقن جي حفاظت جي اجازت ڏئي ٿو هن چيو ته سنڌ 70 سيڪڙو گئس فراهم ڪري ٿي سنڌ کي پنهنجي صوبي جي گئس فراهم ڪرڻ گهرجي. صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته سنڌ لاءِ گيس جي فراهمي تڪليف ڏيندڙ آهي سنڌ 2000 ايم ايم سي ايف ڊي گئس پيدا ڪري ٿي پر سنڌ کي ڪڏهن ڪڏهن 900 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ڏني وڃي ٿي جنهن بعد سنڌ اسيمبلي ۾ ڪارروائي دوران گڏيل طور تي گئس جي ڪوٽ خلاف قرارداد منظور ڪئي وئي، اسيمبلي جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبر فرح سهيل پاران هڪ قرارداد جيڪا گڏيل طور تي عورتن جي مهارت جي وڌائڻ بابت هئي ان کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو جڏهن ته حڪومتي ميمبرن پڻ قرارداد جي حمايت ڪئي صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو چيو ته عورتن ۾ مهارت هجڻ گهرجي، سنڌ اسيمبلي پاران چائلڊ ميرج بل منظور ڪيو ويو آهي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي عورتن کي حق ڏنو آهي ته اهي ڪيترا ٻار پيدا ڪري سگهن ٿيون معاشري اندر ڪيترائي مرد عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪن ٿا، ٻار جي پيدائش کان بچڻ لاءِ 6000 مردن نس بندي ڪرائي آهي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي چيو ته اسان اسڪيوڪا جي تعاون سان عورتن کي تربيت ڏئي رهيا آهيون حڪومت هن پروگرام ۾ عورتن کي تربيت ڏئي ٿي هن چيو ته ان سلسلي ۾ به حڪومت جيلن ۾ عورتن بابت سوچي رهي آهي اسان دارالامان ۾ عورتن کي تربيت پڻ ڏئي رهيا آهيون سنڌ ۾ عورتن جي مهارت جي ترقي لاءِ ڪيترائي منصوبا هلائي رهيا آهيون هن چيو ته جيڪڏهن هن سماج ۾ عورتن کي حق ملندا ته معاشرو به ترقي ڪندو ايم ڪيو ايم جي ميمبر ڪرن مسعود ۽ پي پي ميمبر سعديه جاويد به قرارداد جي حمايت ۾ ڳالهايو ايوان جي ڪارروائي دوران جماعت اسلامي جي ميمبر فاروق احمد ڪراچي ۾ اي-چالان بابت قرارداد پيش ڪئي جنهن جي حڪومت مخالفت ڪئي ۽ بعد ۾ اسپيڪر فيصلو ڏنو ته معاملو هن وقت عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي ۽ ان ڪري ان

تي ايوان ۾ بحث نه ٿو ڪري سگهجي اسپيڪر قرارداد کي غير آئيني قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ قرارداد جي مخالفت ڪئي ۽ چيو ته سنڌ حڪومت ٽريفڪ سسٽم کي بهتر بڻائڻ ۽ حادثن کي گهٽائڻ لاءِ سچائي جي بنيادن تحت ڪم ڪري رهي آهي هن سوال ڪيو ته ڇا اي-چالان جي لاڳو ٿيڻ سان شهر اندر بهتري نه آئي آهي؟ هن چيو ته هيلمٽ پائڻ ۽ موٽر سائيڪل هلائڻ سان حڪومت کي ڪهڙو فائدو آهي جيڪڏهن ڪو ماڻهو هيلمٽ پائڻ سان موٽر سائيڪل هلائي ٿو ته ڪو به جاني نقصان نه ٿيندو شرجيل ميمڻ چيو ته حڪومت ڪو به فيصلو احتياط سان غور ڪرڻ کان پوءِ ڪندي آهي هن چيو ته ون وي ٽريفڪ جي خلاف ورزي سبب ڪيترين جانين ضايع ٿين ٿيون اسان چاهيون ٿا ته ماڻهو ٽريفڪ ضابطن جي پاسداري ڪن جيڪڏهن ٽريفڪ قانون تي عمل ڪيو وڃي ته ڪنهن تي هڪ رپيو به ڏنڊ نه لڳايو ويندو هن چيو ته ڪو به مهذب معاشرو ٽريفڪ ضابطن جي ڀڃڪڙي جي اجازت نٿو ڏئي سگهي ايوان جي ڪارروائي دوران ايم ڪيو ايم ميمبر صابر قائمخاني جي استحقاق واري تحريڪ تي به غور ڪيو ويو جيڪا حيدرآباد جي نياز اسٽيڊيم سان لاڳاپيل هئي مواخذ ڪندڙ چيو ته سنڌ اسيمبلي گهڻو وقت اڳ ان حوالي سان هڪ قرارداد منظور ڪئي هئي پر ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت بين الصوبائي رابطا کاتي کي خط لکيو هو

بقايا 11 وزيراعظم

ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ڪالهه اڳاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم انهن آپريشنز ۾ فتنه الخوارج جي 7 دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ ڪئي هن چيو ته عزم استحڪام جي ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي خلاف وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي وزيراعظم چيو ته پوري قوم دهشتگردي جي خلاف ان جنگ ۾ پاڪستان جي فوج سان گڏ بيٺل آهي، ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهيون

بقايا 12 مدد جي هدايت

جو اظهار ڪندي لاڳاپيل ادارن کي سريلنڪا ۾ امدادي ڪارروائين جي لاءِ ڀرپور مدد جي هدايت ڪئي آهي ڪالهه اڳاري ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ سريلنڪا ۾ سامونڊي طوفان "ڊٽواهه" سبب متاثر علائقن ۾ پاڪستان پاران امدادي ڪارروائين جو جائزو وٺڻ جي لاءِ اجلاس ٿيو جنهن کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته مشڪل جي هن گهڙيءَ ۾ سريلنڪا جي حڪومت ۽ عوام سان گڏ بيٺل آهيون وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته سرچ اينڊ ريسڪيو مرحلي ڪانپوءِ پاڪستان متاثر علائقن جي بحالي ۽ نئين سر تعمير ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو اجلاس کي پاڪستان پاران سريلنڪا جي طوفان کان متاثر علائقن ۾ جاري امدادي ڪارروائين بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته پاڪستان مان آربن سرچ اينڊ ريسڪيو ٽيم سڀاڻي سريلنڪا رواني ٿيندي، ڪمرشل سامونڊي جهاز جي ذريعي وڌيڪ امدادي سامان پڻ سڀاڻي روانو ٿيندو وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته پاڪ بحريه جو جهاز سيف سريلنڪا ۾ مقرري جي دوران ٻوڏ متاثرين جي لاءِ امدادي سرگرمين ۾ مصروف آهي.

بقايا 13 صدر آصف زرداري

رڪن ۽ انهن جي سڃاڻپ جو احترام ڪن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر اهڙن خيالن جو اظهار خصوصي ماڻهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته خصوصي ماڻهن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اسان هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي قومي وابستگي جو ورجاءُ ڪريان ٿو ته اسان خصوصي ماڻهن جي حقن ۽ وقار جي تحفظ ۽ قومي زندگي ۾ انهن جي مڪمل شموليت کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهيون صدر چيو ته پاڪستان حڪومت وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي ذريعي خصوصي ماڻهن جي لاءِ پهچ، تعليم صحت، چرپر ۽ روزگار جا موقعا بهتر بڻائڻ جي لاءِ مسلسل قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته قومي سڃاڻپ ڪارڊ تي خصوصي لوگو معذوري جا سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ، سماجي تحفظ جي اسڪيمن تائين آسان پهچ ۽ بحالي ۽ ڪميونٽي جي سطح تي مدد جي نظام کي مضبوط بڻائڻ ان ڳالهه جي علامت آهي ته اسان اهڙو معاشرو ٺاهڻ چاهيون ٿا جتي هر ماڻهو پنهنجي صلاحيت موجب اڳتي وڌي سگهي. صدر آصف علي زرداري چيو ته منهنجو يقين آهي ته منصفاڻو معاشرو انهي وقت ممڪن آهي جڏهن اسان سڀني جي لاءِ پهچ جوڳو ماحول، مناسب انفراسٽرڪچر ۽ عوامي سهولتون موجود هجن صدر چيو ته اها اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ته اسان انهن جسماني سماجي ۽ رويي بدل رڪاوٽن کي ختم ڪريون جيڪي خصوصي ماڻهن جي بااختيار ۽ باعزت زندگي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون هن چيو ته آئون شهرين، سرڪاري ۽ نجي ادارن سول سوسائٽي ۽ عالمي حصيدارن کي چوڻ چاهيندس ته خصوصي ماڻهن جا خيال رکن ۽ انهن جي سڃاڻپ جو احترام ڪن تعليم ڪاروبار سرڪاري خدمتن ۽ قومي ترقي ۾ انهن جي شرڪت پاڪستان جي مستقبل جي لاءِ انتهائي اهم آهي هن چيو ته اچو گڏجي هڪ اهڙي پاڪستان جي لاءِ ڪم ڪريون جتي ڪو به پوئتي نه رهجي ۽ جتي خصوصي ماڻهن کي گڏيل قوت ۽ حوصلي جو حصو سمجهيو وڃي شموليت رڳو هڪ خيال نه هجي، بلڪ اسان جي روزاني جي فيصلن ۽ عمل ۾ نظر ايندڙ حقيقت بڻجي صدر چيو ته الله تعاليٰ اسان کي توفيق ڏي ته اسان هڪ اهڙو پاڪستان قائم ڪريون جيڪو هر ماڻهو جي لاءِ پهچ جوڳو ۽ شموليت رکندڙ هجي.

بقايا 14 صدر

عمر ۾ وزيراعظم جي حيثيت سان حلف کنيو ۽ اسلامي دنيا جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم بڻجي وئي ڪالهه اڳاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄ جي ڏينهن 36 سال اڳ 11 سالن جي مارشل لا ۽ آمريت ڪانپوءِ پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت بحال ٿي 35 سالا بينظير ڀٽو جي سربراهي ۾ جمهوريت جي واپسي جو سفر شروع ٿيو صدر چيو ته ان ڏينهن قوم ۾ اميد جي نئين لهر ڊوڙي ۽ عورتن ۽ نوجوان طبقي ۾ سياسي شرڪت جي خواب کي هٿي ورتائڻ جو پيغام مليو صدر آصف علي زرداري چيو ته بينظير ڀٽو

پاڪستان جي سڀ کان گهٽ عمر وزيراعظم بڻجي عوامي حڪومت، جمهوريت ۽ برابري جي عزم کي سگهه ڏني

بقايا 15 ٿورا مڃيا

وقت ۾ يڪجهتي جي اظهار ۽ فراخدلانه امداد تي ٿورا مڃيا وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ڪالهه اڳاري ڏينهن ڊيموڪريٽڪ سوشلسٽ ريپبلڪ آف سريلنڪا جي صدر انورا ڪمارا ڊسانائيڪي وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ٽيليفون ڪئي وزيراعظم سريلنڪا ۾ سامونڊي طوفان ڊٽواهه سبب ٿيندڙ جاني نقصان ۽ وڏي پيماني تي ٿيندڙ تباهي تي پنهنجي گهري ڏک جو اظهار ڪيو وزيراعظم سريلنڪا جي عوام ۽ حڪومت سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو هن انهن سوڳوار خاندانن سان پڻ همدردي جو اظهار ڪيو جن تباهي آڻيندڙ ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ ۾ پنهنجي پيارن کي وڃائي ڇڏيو وزيراعظم سوين قيمتي جانين جي زيان ۽ جزيري ۾ هزارين ماڻهن جي بي گهر ٿيڻ تي پڻ گهري افسوس جو اظهار ڪيو وزيراعظم انهن مشڪل حالتن ۾ امدادي ڪارروائين تي سريلنڪا جي عملدارن فوج ۽ ريسڪيو ٽيمن جي فوري ردعمل کي ساراهيو موسمياتي تبديلي سبب پيدا ٿيندڙ آفتن جي حوالي سان پاڪستان کي پهچندڙ نقصانن جو ذڪر ڪندي هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان ان مشڪل ترين صورتحال ۾ سريلنڪا سان مڪمل يڪجهتي سان گڏ بيٺل آهي وزيراعظم سريلنڪا جي صدر کي آگاهه ڪيو ته پاڪستان سريلنڪا جي عوام جي مدد جي لاءِ فوري طور تي انساني بنيادن تي امداد موڪلي رهيو آهي ته جيئن ان قدرتي آفت سبب ٿيندڙ تباهي مان نڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي

بقايا 16 پيش

لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر پاڪ بحريه جي هيلي ڪاپٽر پاران 5 ڏينهن کان ڦاٿل متاثر خاندان جي وقت سر مدد ڪرڻ تي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ بحريه جي جهاز سيف جو ٻوڏ متاثرين جي لاءِ امدادي مشن سريلنڪا سان پاڪستان جي گهري دوستي جو عملي ثبوت آهي

بقايا 17 وڏو وزير

نگراني شامل آهي ۽ ساڳئي وقت هن ٻڌايو ته ڪچي جي علائقي ۾ ڪيل ڪارروائين دوران 71 ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. وڏي وزير هي ڳالهه 52هين اسپيشلائيزڊ ڊيليگيٽس جي 47هين ابتدائي ڪمانڊ ڪورس جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڪئي جن جي اڳواڻي نائب ڪمانڊنٽ (NPA) مسٽر سرفراز احمد فالڪي، پي ايس پي ڪري رهيا هئا ۽ هي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات لاءِ آيو هو. آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ ۽ سيڪريٽري وزيراعليٰ رحيم شيخ پڻ ان موقعي تي موجود هئا. وڏي وزير مراد علي شاهه سنڌ پوليس کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس هڪ جديد فورس ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ حڪومت جي وابستگي کي اجاگر ڪيو. هن کاتي جي وڏي ڍانچي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ چيو ته 131850 اهلڪار 31 ضلعن 8 زونن/رينجن ۽ 618 پوليس اسٽيشنن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن جن لاءِ سالن جو بجيٽ 189.7 ارب رپيا مقرر آهي. سڀ کان پراڻي فورس: وڏي وزير ٻڌايو ته سنڌ پوليس 1843ع ۾ سر چارلس نيپيئر طرفان رائل آئيرش ڪانسٽيبلري جي ماڊل تي قائم ڪئي وئي جيڪا ننڍي کنڊ جي سڀ کان پراڻي پوليس فورس ۽ پاڪستان جي ٻي وڏي فورس آهي انتظامي ۽ عملي مقصدن لاءِ پوليس جو نظام انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي هيٺ آهي جيڪو ڪراچي ۾ قائم مرڪزي پوليس آفيس جي نگراني ڪري ٿو.

بقايا 18 ايئر چيف مارشل

آهي ته آپريشن بنيان مرصوص ۾ اسان دشمن کي شڪست ڏني 10 مئي تي دشمن جي ڊفينس سسٽم کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو پي اي ايف اڪيڊمي رسالپور ۾ پاسنگ آئوٽ پريڊ سان خطاب ڪندي پاڪ هوائي فوج جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو جو چوڻ هو ته معرڪاءِ حق ۾ ڪاميابي پاڪستان ايئر فورس جي بهترين ڪارڪردگي جو مظهر آهي سندس چوڻ هو ته جڏهن 6 ۽ 7 مئي جي رات پاڪستان جي خودمختياري کي چيلينج ڪيو ويو ته پاڪستان ايئر فورس دشمن کي ڀرپور جواب ڏيندي رافيل سميت ان جا جديد ترين جنگي جهاز تباهه ڪيا، 10 مئي تي اسان دشمن جي ڊفينس سسٽم کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو آپريشن بنيان مرصوص ۾ پاڪستان سائبر وار فيئر ۾ پنهنجي سرسي ثابت ڪئي هن چيو ته رافيل جهازن جي صلاحيت پاڪ فضائيه اڳيان ٻڏي ثابت ٿي دشمن جي هر حرڪت کي هوائي فوج سيڪنڊن ۾ مانيٽر ڪيو اڄ جي جديد دنيا ۾ پاڪ فضائيه پيشيوارانه صلاحيتن سان ليس آهي.

بقايا 19 شهيد

اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان ڪالهه بنون ۾ پنهنجي قافلي تي ٿيل حملي ۾ شهيد ٿي ويو جڏهن ته حملي ۾ 02 پوليس اهلڪارن سميت وڌيڪ 03 ڄڻا شهيد ۽ 03 زخمي ٿي پيا آهن بنون جي ڊي پي او مطابق اهو واقعو اڳاري جي معصوم آباد مهمند خيل جي علائقي ۾ پيش آيو اتر وزيرستان جو اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان پنهنجي اسڪواڊ سان گڏ بنون ميران شاهه روڊ تي سفر ڪري رهيو هو ته هٿياربند سندس گاڏي کي نشانو بڻايو حملي جي نتيجي ۾ اتر وزيرستان جو اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان جاءِ تي شهيد ٿي ويو

بقايا 20 واڪ آئوٽ

گڏيل اجلاس دوران قانون سازي جي عمل دوران ڪجهه ميمبرن واڪ آئوٽ ڪيو. جي يو آءِ جا مولانا فضل الرحمان سميت جي يو آءِ جا ميمبر ايوان ۾ موجود رهيا گذريل ڏينهن پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس دوران اقليتن بابت قومي ڪميشن 2025ع ڪانپوءِ اپوزيشن پارٽين جي ميمبرن نعريبازي ڪانپوءِ واڪ آئوٽ ڪيو جڏهن ته جي يو آءِ جا سمورا ميمبر اجلاس ۾ موجود رهيا.

بقايا 21 ملتوي

وڪيل فاروق ايڇ نائڪ جي گذارش تي 18 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٽڪ بي 21 صالح پوٽائي بابت ڪيس جي ٻڌڻي گذريل ڏينهن چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ ڪئي. عدالت وڪيلن کي مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪڏهن وڪيل تيار آهن ته عدالت ڪيس ٻڌڻ لاءِ تيار آهي وڪيل فاروق ايڇ نائڪ عدالت کي ٻڌايو ته ٽربيونل ۾ اشوز فريم ٿي چڪا آهن

بقايا 22 رپورٽ طلب

وزيرستان جي اسسٽنٽ ڪمشنر شاهه ولي خان جي قافلي تي دهشتگردن جي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي وزير اعليٰ هائوس پشاور مان جاري ڪيل بيان مطابق وڏي وزير حملي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ پوليس اهلڪارن ۽ هڪ راهگير جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي هن چيو ته صوبائي حڪومت شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي ۽ کين هرممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي واقعي بعد وڏي وزير پنجاب جي آءِ جي پوليس کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي سندس چوڻ هو ته واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي

بقايا 23 اسپيڪر

صحافي اسان جون اکيون ۽ ڪن آهن. پارليامانی رپورٽرز جي مثبت ذميوارانه رپورٽنگ ڏسي خوشي ٿيندي آهي. هڪ ذميواري صحافي جي سڃاڻپ اها آهي ته هو مثبت، سچي ۽ ذميوارانه صحافت کي ترجيح ڏئي ٿو اهڙو اظهار هن ڪالهه پارليامينٽ هائوس ۾ پارليامينٽيرينز رپورٽرز ايسوسيئيشن (پي آر اي) جي نئين چونڊيل باڊي جي حلف برداري واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. اسپيڪر پي آر اي جي نئين چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو

بقايا 24 احسن اقبال

سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته پاڪستان خطي ۾ هڪ اسٽريٽجڪ حب طور اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جيڪو چين وچ ايشيا، ڏکڻ ايشيا ۽ عالمي مارڪيٽن کي مربوط ڪري ٿو گذريل ڏينهن پروفيسر احسن اقبال وچ ايشيا اقتصادي تعاون جي شروعات تي رٿيل تياتشان فورم ۾ خطي ۾ اقتصادي يڪجهتي ۽ رابطاڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ چار اهم فريم ورڪ پيش ڪيا. هن ترقي تي ٻڌل تعاون ۽ گڏيل خوشحالي جي اهميت تي زور ڀريو هن چيو ته رابطاڪاري ۽ اقتصادي انضمام ريلوي، بندرگاهن ۽ ڊجيٽل واپاري نظام واري جوائنٽ ٽاسڪ فورس کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ريجنل اسپيشل اڪنامڪ زونز صنعتي ترقي ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ يوريشين انرجي ۽ گرين ٽرانزيشن پارٽنرشپ تجديد جوڳي توانائي ۽ موسمياتي مضبوط بنيادي ڍانچي لاءِ بجلي جي مناسبتا ۾ تعاون ڊجيٽل سلڪ روڊ ۽ فيوچر اسڪلز الائنس نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ جدت ۽ علم تي ٻڌل معيشت کي هٿي ڏيڻ لاءِ آهن پروفيسر احسن اقبال چيو ته پاڪ چين اقتصادي راهداري خطي ۾ معاشي ۽ سماجي ترقي جا نوان موقعا فراهم ڪيا آهن.

بقايا 25 طلب

پرائيويٽ حج آپريٽر نعمت الاهي جي درخواست تي مذهبي معاملن واري وزارت ۽ درخواست گذار کي حتمي دليلن لاءِ طلب ڪري ورتو جسٽس چوڌري محمد اقبال ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته حج پاليسي تحت 40 سيڪڙو حج ڪوٽا پرائيويٽ آپريٽرز لاءِ رکيل آهي پر وزارت ڪوٽا جاري نه ڪري رهي آهي سرڪاري وڪيل ٻڌايو ته سال 2026ع لاءِ 25 آپريٽرز کي 60 هزار جي حج ڪوٽا جاري ڪئي وئي آهي وڌيڪ چيو ته درخواست گذار 2027ع جي حج پاليسي لاءِ درخواست ڏئي جاچ پڙتال کان پوءِ ڪوٽا حاصل ڪري سگهي ٿو

بقايا 26 پرڏيهي ترجمان

سريلنڪا کي انساني امداد جي فراهمي جي روڪ جاري رکيو اچي ڪالهه اڳاري ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان جاري بيان ۾ چيو ته سريلنڪا جي لاءِ پاڪستان مان انساني امداد ويندڙ خصوصي جهاز کي 60 ڪلاڪن کان وڌيڪ دير کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

بقايا 27 ايس ايڇ او معطل

کي بجلي جي ٿنڀ سان ٻڌي ڪيس بدترين تشدد جو نشانو بڻايو پوءِ ان تي پيٽرول هاري ڪيس باهه ڏئي ڇڏي، فرار ٿيڻ لاءِ سندس هٿ ۽ پير هڻندو رهيو ۽ ماڻهو وڊيوز ٺاهيندا رهيا. پوليس اهلڪار موقعي تي پهچي باهه وسائي، پر ان وقت تائين ڦورو فوت ٿي چڪو هو ايس ايڇ او اورنگي ٽائون يوسف مهر کي لاپرواهي جي الزام ۾ معطل ڪيو ويو آهي پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس به داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 28 سعيد غني

انهي پابندي تي عمل ڪرڻو پوندو سعيد غني سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن رڪن شبير قريشي جي پرائيويٽ قرارداد تي ڳالهائيندي ٻڌايو ته ملازمتن لاءِ آءِ بي اي سکر پاران ٽيسٽ ڪيا ويا ۽ ڪامياب ٿيا.

بقايا 29 مريم نواز

مان سنڌ، پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ڪميونٽي کي ثقافتي ڏهاڙي جي دلي مبارڪباد پيش ڪيان ٿي. پنهنجي بيان ۾ مريم نواز چيو ته سنڌ جي سڃاڻپ محبت، امن ۽ ڀائيچارو آهي جنهن سدائين پاڪستان جي سڃاڻپ کي مضبوط ڪيو آهي.

بقايا 30 محمود اڇڪزئي

گورنر راڄ لڳايو اسان عوامي راڄ لڳائينداسين ڪوئيٽا ۾ عبدالصمد خان اڇڪزئي جي ورسي جي موقعي تي جلسي کي خطاب ۾ محمود اڇڪزئي چيو ته خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي 4 ڪروڙ عوام جو نمائندو آهي، خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ لڳائڻ جون ڌمڪيون اڄ شروع ٿي ويون آهن.

بقايا 31 سينيٽ چيئرمين

منهنجي بهترين ترجيح آهي ۽ هميشه رهندي، سينيٽ ۾ اقليتن جو ڪاڪس فعال ڪردار ادا ڪندڙ هو گذريل ڏينهن پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو يوسف رضا گيلاني چيو ته جڏهن مان وزيراعظم هئس ته منهنجو منشور هو ته عورتن ۽ اقليتن منهنجو تڪ آهن.

بقايا 32 الزام

ٿي رهي ۽ عظمي خان جي چوڻ آهي ته عمران خان جي صحت بلڪل ٺيڪ آهي. عمران خان سان ملاقات ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي عظمي خان چيو ته عمران خان مڪمل طور صحتياب آهي ڀائي جي ڪاوڙ آهي ته ڪنهن سان ڳالهائڻ ڏيندا آهن نه ملاقات ڪرائيندا آهن.

بقايا 33 عزير

وزير پرسلان بيرسٽر جنرل هيڊ ڪوارٽر (جي ايڇ ڪيو) ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي خاص ڪري پاڪ

ترڪيه توانائي تعاون کي هٿي وٺائڻ ٻه طرفن لاڳاپن جي استحڪام ۽ اسٽريٽجڪ حصيداري جي نون موقعن تي ڳالهه ٻولهه ٿي

بقايا 34 منظوري

جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس ظفر راجپوت ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس ڪامران خان ملاخيل جي نالي جي منظوري ڏئي ڇڏي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ پهرئين اجلاس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 3 سينيئر ججن قائم مقام چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت، جسٽس اقبال ڪلهوڙي ۽ جسٽس محمود اي خان جي نالن تي غور ڪيو ويو جڊيشل ڪميشن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس ظفر راجپوت جي نالي جي منظوري ڏني. جڊيشل ڪميشن جي ٻئي اجلاس ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي مستقل چيف جسٽس جي مقرري لاءِ 3 سينيئر ججن جي نالن تي غور ڪيو ويو

بقايا 35 ملتوي

اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ اسيمبلي ميمبرن پاران ڌيان ڇڪايو نوٽيسز سميت مختلف اهم ايشوز غور هيٺ آيا. بعد ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اجلاس جمعي 5 ڊسمبر جي 11 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 36 ماري ڇڏيو

ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو فريادي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته حادثي وقت جوابدار سنيپ چيٽ وڊيو ٺاهي رهيو هو سيڪريٽريٽ چوڪ پرسان جج محمد آصف جي 16 ورهين جي پٽ مبينا طور ري — 8 لينڊ ڪروزر کي ڊرفٽنگ ڪندي اسڪوٽي تي گهر ويندڙ ٻن ڇوڪرين کي ٽڪر هنيو ابوذر وٽ ڊرائيونگ لائسنس به نه هو جڏهن ته گرفتاري کان اڳ هن پنهنجي موبائل فون گم ڪري ڇڏي عدالت کي ٻڌايو ويو ته جوابدار پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته سندس سڃاڻپ ڪارڊ ٺهيل آهي.

بقايا 37 اشتهاري قرار

غير حاضر جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏئي ڇڏيو دهشتگردي ڪورٽ عدالت طرفان اشتهاري قرار ڏنل جوابدارن ۾ شبلي فراز عمر ايوب، ڪنول شوذب، شيخ راشد شفيق ۽ زرتاج گل شامل آهن. ان ڪانسواءِ مهر جاويد، محمد احمد چٺا، راءِ حسن نواز بلال اعجاز، مرتضيٰ خان اشرف سوهنا، چوڌري آصف، شڪيل نيازي، محمد انصر اقبال حيدر محمود، شاهير سڪندر ۽ حمزا لطيف کي به اشتهاري قرار ڏنو ويو آهي. عدالت سمورن جوابدارن جون ملڪيتون ضبط ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 38 نبيل ڳبول

ترجمان نادر نبيل ڳبول چيو آهي ته گٽرن تي ڍڪڻ لڳايا ويندا آهن پر نشو ڪندڙ انهن ڍڪڻن کي ڪٽي ويندا آهن نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي نادر نبيل ڳبول چيو ته نيپا واقعو جنهن جي به غفلت سبب ٿيو آهي انهي کي سخت سزا ملڻ گهرجي ڪوشش ڪنداسين ته مستقبل ۾ اهڙا واقعا ٻيهر نه ٿين نادر ڳبول چيو ته گٽر تي ڍڪڻ لڳايا ويندا آهن پر انهن ڍڪڻن کي نشو ڪندڙ ڪٽي وڪرو ڪندا آهن اپوزيشن پارٽيون اهڙن معاملن کي سياست جي نذر نه ڪن اسان سان گڏجي ويهي ڳالهيون ڪن هن چيو ته سنڌ حڪومت جو پلان آهي ته سمورن سوڪ مسئلن لاءِ ون ونڊو آپريشن ٿئي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ نه ڪئي وڃي اسان ٽائون کي به فنڊ ڏئي رهيا آهيون صوبائي حڪومت جي ترجمان چيو ته سنڌ حڪومت اسان کي بااختيار بڻايو آهي ته لوڪل ٽيڪس جمع ڪري سگهون، ٽائون لوڪل ٽيڪس جي رقم مان ڊولپمينٽ جا ڪم ڪندا آهيون هن چيو ته سوئي سدرن لياري ٽائون کي روڊ ڪٽنگ جي مد ۾ ڏيڍ ارب روپيه ڏنا آهن.

بقايا 39 ناصر شاه

دلخراش واقعي هر درد رکندڙ دل واري شخص کي افسرده ڪري ڇڏيو آهي سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ گذريل ڏينهن پيش آيل واقعي بابت پاليسي بيان ڏيندي هن چيو ته مين هول ۾ ڪري معصوم ابراهيم جو فوت ٿي وڃڻ انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ واقعو آهي والده جي روئڻ ۽ ماتم سڀني جي ضمير کي لوڏي ڇڏيو آهي هن چيو ته معزز اسپيڪر صاحب جي تعاون سان سنڌ اسيمبلي ۾ موجود نمائندن تي ٻڌل هڪ تحقيقاتي ڪميٽي قائم ڪئي پئي وڃي نيپا سانحي بابت ڪجهه رپورٽون موصول ٿيون آهن.

بقايا 40 محمد بخش مهر

محمد بخش مهر ۽ ثقافت واري وزير سيد ذوالفقار علي شاهه گڏيل طور تي ڪئي اجلاس ۾ رانديون واري سيڪريٽري منور علي مهيسر تعليم واري سيڪريٽري زاهد حسين عباسي، ڊي جي پي آر ڊاڪٽر معيز الدين احمد پيرزاده، حبيب الله ميمڻ ٽرانسپورٽ کاتي ڊي آءِ جي ٽريفڪ، ڊي سي ايسٽ سميت مختلف کاتن جا اعليٰ آفيسر شرڪت ڪئي اجلاس دوران نيشنل اسٽيڊيم ۽ ڪي ايم سي سوئمنگ پول جو دورو ڪيو ويو ۽ افتتاحي تقريب جي تيارين ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو رانديون واري وزير سردار محمد بخش مهر چيو ته 35 هين نيشنل گيمز 6 کان 13 ڊسمبر تائين ڪراچي ۾ منعقد ٿينديون جڏهن ته افتتاحي تقريب 2 وڳي نيشنل اسٽيڊيم ۾ شروع ٿيندي رانديگرن ۽ آفيشلز جي آمد 12 وڳي کان اڳ مڪمل ڪئي ويندي سيڪريٽري تعليم زاهد حسين عباسي بريفنگ ڏيندي چيو ته سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ڪاليجن جا 10 هزار کان وڌيڪ شاگرد نيشنل رانديون ۾ حصو وٺندا ۽ ان حوالي سان ٽائون ۽ ضلعي سطح تي فوڪل پرسن مقرر ڪيا ويا آهن.

بقايا 41 ملتوي

جو گڏيل اجلاس 15 نقاطي ايجنڊا تي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو ويو گذريل ڏينهن پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ 15 نقاطي ايجنڊا اڪلاڻ ڪانپوءِ اسپيڪر پارليامينٽ جو اجلاس اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 42 افسوس جو اظهار

شهباز شريف بنون ۾ دهشتگرد حملي ۾ اتر وزيرستان جي اسسٽنٽ ڪمشنر سميت 4 ڄڻن جي شهادت تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي واقعي جي جاچ ۽ تخريبڪارن کي فوري طور تي منطقي انجام تائين پهچائڻ جي هدايت ڪئي آهي

Request for proposal (RFP)
For
"CONSULTANCY SERVICES FOR DETAILED CONSTRUCTION SUPERVISION SERVICES FOR THE ESTABLISHMENT OF DAANISH SCHOOL IN KHYBER PAKHTUNKHWA, (CHITRAL)"

1. The Project Management Unit, Ministry of Federal Education and Professional Training, Government of Pakistan requests for proposal for the **"CONSULTANCY SERVICES FOR DETAILED CONSTRUCTION SUPERVISION SERVICES FOR THE ESTABLISHMENT OF DAANISH SCHOOL IN KHYBER PAKHTUNKHWA, (CHITRAL)"**. The consultants may apply who fulfill the criteria mentioned in the RFP available in the office of Project Engineer and on **EPADS at (www.eprocure.gov.pk).**
2. **RFP document** can be download from EPADS at **(www.eprocure.gov.pk)**. The companies should have valid registration and relevant technical and financial expertise to carry out the said task and no conflict of interest.
3. The interested companies should submit their proposals, complete in all respects, to the office of **Project Director, 1st Floor, Pakistan Manpower Institute, Khayaban-e-Suharwardy, G-7/1, Islamabad** and the Electronic bids must be submitted by using **EPADS at (www.eprocure.gov.pk)** on or before **19-12-2025 at 2:00 PM.** The envelopes should be clearly marked with **"RFP" "CONSULTANCY SERVICES FOR DETAILED CONSTRUCTION SUPERVISION SERVICES FOR THE ESTABLISHMENT OF DAANISH SCHOOL IN KHYBER PAKHTUNKHWA, (CHITRAL)"** Only Technical proposal shall be opened on the same date at 2:30 PM. The bid securing declaration should be placed in the Technical envelop.
4. The Authority reserves the rights of acceptance or rejection of any or all firms / consultants due to their reputation or who so ever fails to fulfill the criteria at its sole discretion. The Authority may disqualify the consultant firms if it is found, at any stage that the information submitted by the firms were false, incorrect or Incomplete. Authority can also take penal action against the firms / Consultants or debar the firms / Consultants for future works
Pre-proposal meeting will be on 11th December, 2025 at 2:00 PM

Project Director, Project Management Unit (PMU)
Ministry of Federal Education and Professional Training
1st Floor, Pakistan Manpower Institute, Khayaban-e-Suharwardy, G-7/1, Islamabad
pmumofept@gmail.com

PID (I) No.4571/25

دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET)
نيو ايم.اي جناح روڊ، ڪراچي 74800 (پاڪستان)
فون نمبر: 99232381، 99230307، 98-021-99231195 فيڪس: 021-99230710
DAWOOD UNIVERSITY OF ENGINEERING & TECHNOLOGY

DUET/NIT/WORKS-GUL-CAMPUS/2025-11

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (EPADS)

SPPRA EPADS: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/

دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET) کي ايس پي پي رولز 2010 (ترميم ٿيل هيستائين) جي لاءِ هيٺ ڏنل ڪمن جي پروڪيورمينٽ لاءِ SPPRA EPADS پورٽل جي ذريعي لاڳاپيل شعبي ۾ مهارت رکندڙ فرمز کان جيڪي PEC ۾ ڪئٽيگري C-6 ۾ رجسٽرڊ هجن کان SPPRA اي پيڊز تي آن لائين واڪ گهربل آهن.

Sr. No.	Tender Title	Fixed Amount of Bid Security (In Rs.)	Tender Fee (Non-Refundable)	Estimated Cost (In Million)	Date of Issuance & of Bidding Document on EPADS	Last Date & Time for Submission of Bids on EPADS	Date & Time for Opening of Bids on EPADS	Completion Period
1.	CONSTRUCTION OF PAVILION ENCLOSURE IN GULSHAN CAMPUS DUET, KARACHI	Rs. 435,493 (In shape of Pay Order)	Rs. 3000/-	8.7098 M	02-12-2025 to 16-12-2025 (01:00 pm)	16-12-2025 (03:00 pm)	16-12-2025 (3:30 pm)	02 Month

اهليت: لازمي انڪم ٽيڪس، جي ايس ٽي، ايس آر بي، اين ٽي اين رجسٽرڊ فرمز (سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز جي شق 461a(iii) جي مطابق).

پروڪيورمينٽ جي لاءِ طريقيڪار: هڪ مرحلو-هڪ لفافو (هڪ لفافو جنهن ۾ ٽيڪنيڪي ۽ مالياتي ٻنهي آڇن تي شامل هجي).

واڪ دستاويزات هيٺ ڏنل شيڊيول جي مطابق EPADS جي ويب سائيٽ: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ جي ذريعي حاصل ڪري سگهجن ٿا ۽ اتي ئي جمع ڪرائي سگهجن ٿا.

اهي دستاويز دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET) جي ويب سائيٽ: www.duet.edu.pk تي به دستياب هوندا.

واڪ ڏيندڙن کي مشورو ڏنو وڃي ٿو ته اهي EPADS پورٽل تي هيٺ ڏنل لنڪ جي ذريعي رجسٽريشن ڪرائين.

https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration گهربل واڪ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في (ناقابل واپسي) جو پي آرڊر دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET) ڪراچي جي حق ۾ واڪ جمع ڪرائڻ کان پهرين ڊائريڪٽر ICT ڪنوينر پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي آفيس ۾ جمع ڪرايا وڃن. جيئن هيٺ ڏنل شيڊيول ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن هڙتال يا اڻٽڌڙ صورتحال يا ناگزير واقعو پيش اچي ٿو ته واڪ جو اجراءُ، وصولي ۽ کولڻ جو عمل ورنڊڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي طئي ٿيل شيڊيول مطابق هوندو اجراءُ ۽ معلومات جي حصول لاءِ هنڌ پروڪيورمينٽ سيڪشن جڏهن ته جمع ڪرائڻ جو هنڌ: ڊائريڪٽر ICT ڪنوينر پروڪيورمينٽ ڪاميٽي ڊپارٽمينٽ، دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي DUET، ڪراچي ۾ هوندو. ٽينڊرز سيمينار هال دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي ۾ کوليا ويندا.

هيٺ ڏنل شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:
- مشروط ۽ ٽيليگرافڪ واڪ/ ٽينڊرز
- واڪ سان گڏ واڪ سيڪيورٽي ۽ ناقابل واپسي ٽينڊر فيس منسلڪ نه ٿيل
- مقرر تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ وصول ٿيڻ وارا واڪ
- صحيح ۽ مهر جي بغير وصول ٿيڻ وارا واڪ
- قابليت جي معيار جي مطابق گهربل دستاويزات جي بغير جمع ڪرايل واڪ
- جيڪڏهن لاڳاپيل SPPR رولز 2010 جي مطابق، فرم بليڪ لسٽ ٿيل (اگر فرم بليڪ لسٽ نه آهي ته ليگل اسٽامپ پيپر تي حلف نامو شامل ڪرڻو پوندو ته فرم هن وقت بليڪ لسٽ نه آهي).

سمورا ٻيا شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويزن ۾ ڏنل آهن. پروڪيورنگ ايجنسي کي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شق جي تحت سمورا يا ڪنهن به واڪ کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

پروڪيورمينٽ آفيسر
دائود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (DUET)
PID K-1929/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سولر انرجي منصوبي ۾ ڪرپشن

صفحو 4

محي الدين اعظم

بيروزگاريءَ ۾ حيران ڪندڙ واڌ، معاشي ناڪامي يا بدعنواني؟

صفحو 4

'برآمدات ۽ فيشن انڊسٽري'

ڪاشف اشفاق

صفحو 4

غلام رسول نهڙيو

معذور ماڻهن طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي!

صفحو 4

پهرين کان 27 ترميم تائين جيڪي ترميمون ٿيون،اهي عام ماڻهن جي حقن لاءِ ڪونه ٿيون آهن:ڊاڪٽر مگسي

هر دور جا حڪمران پنهنجي مفادن لاءِ ترميمون آڻيندا آهن،آئين کي پنهنجي ذاتي ڏائري سمجهندا آهن ته اڄ ڇا لکئو آهي،سڀاڻي ڇا لکئو آهي

آئيني ترميم کي رد ڪريون ٿا جيڪا عوام ۽ جمهوريت دشمن آهي،ملڪ ۾جيڪو به ٿورو گهڻو ماڻهپو هلي پيو اهو آهستي آهستي ختم ٿي ويندو

اڄوڪيون ترميمون آئين ۾ نه اچڻ کپن ۽ نه ئي ان جي حمايت ٿيڻ کپي؛مرحوم عثمان ڪچي جي وارثن سان تعزيت وقت ڳالهيون

ڪڙيوگهنور/ ڪوروواهه(نمائندن وتان) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ايس ٽي پي تعلقي گولاڙچي جي نائب صدر ابوبڪر ڪچي سان سندس سؤٽ محمد عثمان ڪچي جي وفات تي ڪڙيوگهنور پهچي ابوبڪر ڪچي ۽ مرحوم عثمان ڪچي جي وارثن سان ڏکي تي تعزيت ڪري دعا گهري، ان موقعي تي 27 وهين ترميم جي حوالي سان پڇيل سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته پاڪستان جي آئين ۾ جيڪي پهرين کان 27 وهين ترميم تائين ترميمون ٿيون آهن،اهي عام ماڻهن جي حقن لاءِ ڪونه ٿيون آهن هر دور جا حڪمران پنهنجي پنهنجي مفادن لاءِ ترميمون آڻيندا آهن، آئين کي پنهنجي ذاتي ڏائري سمجهندا آهن ته، اڄ رات ڇا لکئو آهي سڀاڻي ڇا لکئو آهي، پنهنجي پنهنجي مرضي سان پيا آئين کي مٽائيندا آهن، اسان هن آئيني ترميم کي رد ڪريون ٿا جيڪا مڪمل عوام ۽ جمهوريت دشمن آهي، ملڪ ۾ جيڪو به ٿورو گهڻو ماڻهپو هلي پيو اهو آهستي آهستي ختم ٿي ويندو. تنهنڪري اڄوڪيون ترميمون آئين ۾ نه اچڻ کپن ۽ نه ئي ان جي حمايت ٿيڻ کپي. ان موقعي تي ساڻس گڏ ايس ٽي پي جو مرڪزي اڳواڻ هوت خان گاڏهي شاهنواز سيال اسلم مهندرو ۽ ٻيا موجود هئا. ڪڙيوگهنور ۾ تعزيت ڪرڻ بعد سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي وفد سان گڏ راهوڪي پهچي پ پ پ اڳواڻ محمد اسلم راهو سان سندس ڀيڻ جي وفات تي تعزيت ڪري دعا گهري.ٻئي طرف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پاران ڪوروواهه جو دورو ڪيو ان موقعي تي سنڌ ترقي پسند تعلقي گولاڙچي جي پريس سيڪريٽري غلام مصطفيٰ ڪنڀار جي سس جي تعزيت ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 27 آئيني ترميم ۾ ڪا به اهڙي شق شامل ناهي جيڪا سنڌ جي مفادن جي خلاف هجي، سنڌ جون ڪجهه قومپرست پارٽيون پنهنجي سياست کي زنده رکڻ لاءِ وٺ پڪڙ ۾ لڳل آهن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ سنڌي قوم جو هزارين سالن کان ڏهه ڪروڙ ماڻهن جو تاريخي مادر وطن آهي، سنڌ ڪا اڪ جي ماکي ناهي جو ڪير لاهي ويندو هن چيو ته ايم ڪيو ايم کي هميشه سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي جواب ڏنو آهي ٻيا سڀ ان جي ڪڇ ۾ ويٺل هوندا آهن ۽ نائن زيرو جا طواف پيا ڪندا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جيسين آصف زرداري ۽ بلاول جي سياست دفن نه ٿيندي تيسين سنڌ سک جو ساهه نه کڻندي،اليڪشن جي ميدان ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي وڏين لاءِ ميدان خالي نه ڇڏيندي باقي سنڌ جي عوام تي ڇڏيل آهي ته آسان کي ڪيتري موٽ ٿي ملي.

ڪڙيو:نائب صدر ابوبڪر ڪچي سان سندس سؤٽ محمد عثمان ڪچي جي وفات تي ڊاڪٽر مگسي ۽ ٻيا ڪارڪن دعا پڙهي رهيا آهن

ميهڙ جو ناليوارو تعليمي ماهر عبدالرحيم شاهه اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ جو ناليوارو تعليمي ماهر،مذهبي شخصيت،اڳوڻو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيد عبدالرحيم شاهه 72 سالن جي ڄمار ۾ اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو سندس جي جنازي نماز مرڪزي عيد گاهه ميهڙ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ شهرين ، مذهبي شخصيتن ، وڪيلن ، صحافين ، عالمن هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ سندس شاگرد ، شهري ، استاد زارو قطار روئندا رهيا ڪيس آلين اکين سان سيد رجب شاهه جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف سندس اوچتو وڇوڙي تي ميهڙ شهر ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي وئي آهي سيد عبدالرحيم شاهه ميهڙ ۾ ان وقت جي هاءِ اسڪول 2 کي تمام بهترين ۽ خوبصورت اسڪول بڻايو ۽ مختلف ڏهاڙن جي مناسبت سان شاندار تقريبون ڪرائي وڏي مڃتا ماڻي جنهن سبب سندس اسڪول جي ضلعي ۾ هاڪ هئي ٻئي طرف سندس فرزند سيد فهيم شاهه رضوي ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

گهوٽڪي ۾بالڪ ادبي فورم پاران صحافي سيد امير بخاري جي سالگرهه ملهائي وئي

گهوٽڪي(ن ع)گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾بالڪ ادبي فورم سنڌ پاران سنڌي ٻولي جي نامياري اديب، شاعر ڪالم نگار ۽ برڪ صحافي سيد امير بخاري جي 84هين سالگرهه جي تقريب ڪرائي وئي، جنهن جي صدارت ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالحفيظ ڏايو ڪئي تقريب جو خاص مهمان بالڪ ادبي فورم سنڌ جو مرڪزي صدر عبدالحئي پنهو هو تقريب دوران پروفيسر عبدالحفيظ ڏايو عبدالحئي پنهو عبدالسليم چاچڙ بجار علي شاهاڻي عبدالحئي چاچڙ عمران علي لغاري، ارسلان ڏايو مير محمد لڪڻ عبدالغفار ميمڻ سيد صفي الله شاهه عبدالجبار چاچڙ عبدالله مهر محمد الياس سميجو حافظ عبدالعزيز مهر ۽ ڪاليج جي شاگردن گڏجي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو

سنڌي ادب سنگت پريالوءَ جي گڏجاڻي،لکڻيون اصلاحي تنقيد لاءِ پيش

خيرپور(ن ع)سنڌي ادب سنگت پريالوءَ جي گڏجاڻي نوجوان شاعر نويد سومري جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ دوستن پنهنجون لکڻيون پڙهيون ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو، انهن ۾ سجاد ميراڻي غزل، استاد ڪندن لال بيت ، سميع سجاد غزل سعيد سنڌي ڊائر ، علي محمد وائي ، اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيا . صدارتي راءِ ڏيندي نويد سومري چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ بهترين وائي لکجي پئي جيڪي نوجوان شاعر وائي لکي رهيا آهن انهن ۾ فني پختگي ۽ فڪري اڏام آهي . گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهائيندي سجاد ميراڻيءَ چيو ته وائي نج سنڌي ٻوليءَ جي صنف آهي جنهن کي نوجوان شاعرسهڻي نموني لکي رهياآهن سجاد ميراڻيءَ وڌيڪ چيو ته وائيءَ بيت لطيف سائين ئي لکيا لطيف سائينءَ جهڙي ڪلاسيڪي وائي ڪير لکي نٿو سگهي . گڏجاڻيءَ ۾ علي ڦلپوٽو ، آزاد ميراڻي ، سارنگ سميع ، ۽ ٻين شرڪت ڪئي

فريدآباد ۽ پرياسي جي مال کي بيمارين کان بچاءُ جي ويڪسين ڪئي وئي

فريدآباد(ن ع)فريدآباد لائيو اسٽاڪ کاتي جي ٽيم پاران فريدآباد ۽ پرياسي جي مالوند ماڻهن جي مال کي بيمارين کان بچاءُ جي ويڪسين ڪئي وئي، لائيو اسٽاڪ کاتي جي ٽيم اسٽاڪ اسسٽنٽ نورالدين قريشي بخت جمال ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ فريدآباد ۽ پرياسي جي ڳوٺن قائم جتوئي خوشحال سولنگي ، ڪورنجي ماڇي لطيپور ، ڳوٺ وڏي ٻيٽل ۽ ٻين ڳوٺن ۾ پهچي سوين جانورن کي ڦهلجندڙ بيمارين کان بچاءُ لاءِ حفاظتي ويڪسين ڪري بيمار جانورن جو علاج ڪيو ويو ان موقعي تي چيئرمين يونين ڪائونسل خان جو ڳوٺ شيرزادو جتوئي، پ ٽ الف اڳواڻ سائين غلام مصطفيٰ جتوئي احسان علي ڏيپر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

هالا: هن صوفي يونيورسٽي کي ڪرپٽ آفيسرن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي

فريدآباد ۾چور بيٽين پيل سونا والا - 50 هزار ڪپڙا ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا

فريدآباد(ن ع)فريدآباد ۾چوري جي واردات، نامعلوم چور بيٽين پيل سونا والا - روڪ رقم 50 هزار - ڪپڙا ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا، ڳوٺ معين اڪڪائي ۾ مشتاق احمد ولد علي گوهر ڪرڪيو جي گهر ۾ رات 2 نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي بيٽين ۾ پيل سونا والا - روڪ رقم 50 هزار- ڪپڙا ۽ ٻيو سامان چوري ڪري ويا فريدآباد پوليس جاءِ واردات تي پهچي جائزو ورتو ۽ چيو ته چورن کي جلد پڪڙي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ايس ايڇ او منور چانڊيو. جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران پيرو کنيو پيو وڃي، جڏهن ته متاثر خاندان ايس

دعوت اسلامي يورپ ۽ ڪينيڊا جي نگران پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو

بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ۽ آئي سي يو سميت ٻيا شعبن جو معائنو ڪيو

سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ کين شعبن بابت بريف ڪيو

سڪرنڊ (ن ع)دعوت اسلامي جي فلاحي شعبي FGRFيوڪي ، يورپ ۽ ڪينيڊا جي نگران سيد محمد فضيل عطاري تنظيمي وفد سان گڏ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو ساڻس گڏ ضلعي نگران ڪامران عطاري ، عادل عطاري ۽ عبدالوحيد عطاري جن پڻ هئا جتي هنن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ۽ آئي سي يو سميت ٻيا شعبا شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ کين شعبن بابت بريف ڪيو جنهن بعد هنن وارڊ ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات پڻ ڪئي ان دوران وفد جي مان ۾ مڃتا تقريب رکي وئي جتي کين اجرڪون اوڍايون ويون جڏهن ته ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائڻ سميت هر ممڪن سهڪار ڪرڻ تي سيد فضيل عطاري جن کي مڃتا شيلڊ ڏني ڏني وئي ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال وفد کي ٻڌايو ته سينٽر تي 27 سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت ، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي هن اهو پڻ چيو ته دعوت اسلامي اسان جي ڏکئي وقت جي ساٿي رهي آهي جڏهن ڪورونا هئي رت جي کوٽ هئي ان وقت دعوت اسلامي جي امير مولانا محمد الياس قادري هنن ٻارڙن جي سار لڌي ۽ نوابشاهه سميت پوري ملڪ ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪرايو جنهن تي سيد محمد فضيل عطاري ڳالهائيندي چيو ته دعوت اسلامي دين سان گڏ فلاحي ڪمن ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي جنهن FGRFجي پليٽ فارم تان پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪري رهي آهي ان کان اڳ جڏهن دعوت اسلامي جو وفد سينٽر پهتو ته کين گلدستا پيش ڪري سندن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو.

صحافي جاويد سنائي جي مان ۾"شام جو هي پهر نانءُ اسان جي ڪيو"تقريب

سينيئر سياستدان حاجي علي نواز چانڊيو پاران تقريب جو اهتمام ڪيو ويو

سينيئر صحافي جاويد سنائي کي ميزبان پاران بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو

اهڙي فرد کي مڃتا ڏيون پيا،جنهن جي خاندان 70 سال صحافت ڪئي،علي نواز چانڊيو

سڪرنڊ (س ر)سنڌ ۾ راڄوڻي فيصلن جي امين طور شهرت رکندڙ سينيئر سياستدان حاجي علي نواز چانڊيو پاران سنڌ جي بي باڪ صحافي سڪرنڊ جي سونهن قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ " شام جو هي پهر نانءُ اسان جي ڪيو" جي عنوان سان چانڊيو هائوس سڪرنڊ تي شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ صحافين کان علاوه مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ پيپلز پارٽي جو اڳوڻو ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام شاهه لغاري ، فقير يوسف زرداري ، علي گل جلباڻي ، حاجي شاهنواز چانڊيو ، غلام حيدر سولنگي ۽ وريام خان پاهي سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون تقريب جي شروعات ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي کي ميزبان پاران بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو جڏهن ته آيل مهمانن پاران کيس لنگين ، اجرڪن ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا ان موقعي تي ميزبان حاجي علي نواز چانڊيو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته دعوتون ، آجياڻا ، مجلسون ۽ سالگرهون ڪندا ته آهيون ۽ مختلف هنڌن تي شريڪ پڻ ٿيندا آهيون پر حقيقت هيءَ آهي ته اڄ جي پروگرام جي ڳالهه الڳ آهي ڇاڪاڻ جو هڪ اهڙي خاندان جي فرد کي مڃتا ڏئي رهيا آهيون جنهن جي خاندان 70 سالن کان مسلسل صحافت ڪئي آهي ۽ ڪڏهن به پنهنجي قلم کي وڪرو ناهي ڪيو ان ڪري اسان کي قاضي خاندان تي فخر آهي. غلام شاهه لغاري ڳالهائيندي چيو ته سڪرنڊ ۾ صحافت جي باني خاندان جي جاکوڙي صحافي قاضي جاويد سنائي جي صحافت تي اسان کي ان ڪري به فخر آهي جو سندس صحافت هميشه اڻ ڌري رهي آهي هر پارٽي ۽ تنظيم کي سندس ڪم ۽ ڪردار موجب ڪوريج ڏيڻ قاضي جاويد سنائي جو پهرين ڏينهن کان اصول رهيو آهي ان موقعي تي قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان ڀاءُ حاجي علي نواز چانڊيو جو جنهن محبتي ميڙي مان ڏئي نه صرف منهنجي حوصلا افزائي ڪئي آهي بلڪ اڄوڪي هن پروگرام مان به سبق مليا آهن هڪ ته اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو آهي ٻيو ته پڪ ٿي آهي ته مڃتائون ڪردارن کي ملنديون آهن هن اهو پڻ چيو ته هن اڱڻ تان هميشه محبتون ورهايون وينديون آهن جيڪي منهنجي حصي ۾ پڻ آيون آهن ان موقعي تي سيد فياض علي شاهه ،حاجي مراد علي ملاح ، امام الدين جلباڻي ، غلام سرور رند ، بلاول علي ڪيريو ، نور محمد چانڊيو ، ممتاز علي چانڊيو ، ياسر نواز چانڊيو ، مير بالاچ خان چانڊيو ، ممتاز علي لاشاري ، بشير لاشاري ،منصور لغاري ، عبدالغني مگسي ، عجب گل جلباڻي ، عرفان علي خاصخيلي ، مير جلباڻي ، عدنان خانزاده ، عامر چانڊيو ۽ عبدالله شيخ سميت وڏي انگ ۾ معززين شرڪت ڪئي ان کان اڳ تاج محمد چانڊيو ۽ مير عبدالجبار چانڊيو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو پروگرام جي پڄاڻي تي قاضي جاويد سنائي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو جڏهن ته آيل مهمانن جي شاندار مهمان نوازي پڻ ڪئي وئي.

سڪرنڊ: سينيئر سياستدان حاجي علي نواز چانڊيو پاران تقريب جو اهتمام ڪيو ويو

اريبلا پٺو کي غيرقانوني طور ٻن يونيورسٽيز جي چارج ڏني ويئي آهي:رشيد ڏيٿو

هن صوفي يونيورسٽي کي ڪرپٽ آفيسرن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي

چيف اڪائونٽنٽ يونيورسٽي فنڊز ۾بي خوف ڪرپشن ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن

هالا(ن ع) نوجوان اتحاد صوفي يونيورسٽي ۽ صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه بچايو ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن رشيد ڏيٿو اياز ميمڻ ، شعيب ڪاڪا، عبدالوهاب چنڊ ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه ۾ وائيس چانسلر جي مقرري لاءِ سنڌ حڪومت پاران اميدوارن کان ڪيل انٽرويوز ۾ڪامياب ٿيندڙ اميدوار امام الدين ڪوسو جي مقرري بجاءِ بااثر رسوخي ۽ سفارش تي شهيد الهبخش يونيورسٽي جي وائيس چانسلر اريبلا پٺو کي غيرقانوني طور ٻن يونيورسٽيز جي چارج ڏني ويئي آهي،جيڪا پنهنجي من پسند وقتن تي اچي مبينه طور صوفي يونيورسٽي کي ڪرپٽ آفيسرن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي ، هنن الزام هنيو ته صوفي يونيورسٽي ۾ مقرر چيف اڪائونٽنٽ سڪندر مصطفيٰ جروار جي مبينه طور يونيورسٽي فنڊز ۾ بي خوف ڪرپشن ڪرڻ جا اطلاع مليا آهن جنهن جي تحقيقات ڪئي وڃي ته راز فاش ٿي ويندا ، هنن الزام هنيو ته ايجوڪيشن پروفيسر ارشدسليم ۽ ايڇ او ڊي علي گل ٻگٽي ملي ڀڳت ڪري يونيورسٽي جي نيائين کي مختلف طريقن سان تنگ ڪري پريشان ڪندا رهن ٿا شڪايتن تي رجسٽرار ارشد آرائين کي هٽايو ويو جڏهن ته وي سي جي لاڏلي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ علي گل ٻگٽي خلاف نامعلوم سفارشن تي اڃا خلاف ڪا به ڪاروائي نه ڪئي وڃي ، جڏهن ته يونيورسٽي جو پي ڊي فهيم سومرو پاران يونيورسٽي جي تعميراتي ڪم جي لاءِ ڪروڙين روپين جي منظور شده فنڊز ۾ ناقص ميٽيريل استعمال ڪرڻ سان گڏ جعلي بلن ذريعي مبينه طور ڪرپشن ڪرڻ جااطلاع مليا آهن اڳواڻن يونيورسٽي جي مالي ۽ انتظامي بحران ۽ مبينه ڪرپشن تي صدر مملڪت آصف زرداري، وزير اعظم پاڪستان ، وزير اعلا سنڌ سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير يونيورسٽيز اسماعيل راهو کان تحقيقات ڪري ڪرپٽ عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري صوفي يونيورسٽي ۽ انجي بهتر مستقبل کي بچائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

ٽائون مونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين جي سربراهي ۾ اجلاس

روڊن جي تعمير،سيوريج ،اسٽرٽ لائٽ،واٽر سپلائي،صفائي تي ڳالهيون ڪيون ويون

آفيسرن چيئرمين ۽ مونسپل ڪمشنر کي مسئلن جي حل لاءِ قدمن جي آگاهي ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ٽائون مونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ مونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي سربراهي ۾گڏاپ ٽائون آفيس ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ مختلف شعبن جي آفيسرن جاري ترقياتي منصوبن ٽيڪسن ۽ انتظامي معاملن بابت تفصيلي بريفنگون پيش ڪيون. اجلاس دوران روڊن جي تعمير سيوريج لائينن جي بهتري، اسٽرٽ لائٽن واٽر سپلائي، صفائي سٿرائي ۽ ٻين جاري منصوبن جي پيش رفت تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. آفيسرن چيئرمين ۽ مونسپل ڪمشنر کي درپيش . چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ جاري ترقياتي ڪم شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اسان جي پختي واعدي جو واضع مثال آهن. ڪنهن به منصوبي ۾ دير، لاپرواهي يا غير معياري ڪم ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته سڀني کاتا پنهنجا فرض ايمانداري سان نڀائن ۽ عوامي خدمت کي پنهنجي اولين ترجيح بڻائن.مونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر پنهنجا خيال ظاهر ڪندي چيو ته ٽائون انتظاميا شهرين کي وڌ کان وڌ سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. سڀني شعبا پاڻ ۾ بهتر ڪوآرڊينيشن قائم ڪن ۽ فيلڊ ورڪ ۾ تيزي آڻين. ترقياتي منصوبن جي مانيٽرنگ روزاني بنيادن تي ڪئي پئي وڃي ته جيئن ڪم جي شفافيت، معيار ۽ رفتار برقرار رهي. ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ هدايت الله شيخ ٽيڪس رڪوري بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته ايڊورٽائزمينٽ ٽيڪس وصولي جي عمل کي وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر بڻائڻ لاءِ جامع حڪمت عملي ترتيب ڏني وئي آهي. فيلڊ اسٽاف کي واضح هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته ٽيڪس رڪوري ۾ دير يا غفلت ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي. اسان جو مقصد ريونيو ۾ اضافو ڪري ٽائون جي ترقياتي منصوبن کي مضبوط مالي سهارو فراهم ڪرڻ آهي. ان موقعي تي ٻيا کاتن جا اعليٰ آفيسر پڻ موجود هئا.

ڪراچي: ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي صدارت ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو

منگهوپير ٽائون ۾ بينظير انڪم سپورٽ سم ورهائڻ جو باقاعده افتتاح

چيئرمين حاجي نواز علي بروهي مفت سم ورهائڻ جو باقاعده افتتاح ڪيو

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ملڪ جي غريب ۽ مستحق خاندانن جو سهارو آهي،چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ)منگهوپير ٽائون ۾ اهم سماجي ڀلائي واري قدم تحت چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي صدارت ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP)جي مستحق عورتن ۾ سوشل پروٽيڪشن والٽ جي نئين مفت سم جي ورهائڻ واري عمل جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو هي قدم حڪومت پاڪستان حڪومت سنڌ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوام دوست پاليسين هيٺ شفافيت، سهولت ۽ بدعنواني جي خاتمي ڏانهن هڪ نمايان اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي. تقريب ۾ وائيس چيئرمين منگهوپير ٽائون رانا محمد عارف، بي آءِ ايس پي جا نمائندا، ٽائون آفيس ڪائونسلن سماجي رضاڪار ۽ مقامي تنظيمون وڏي انگ ۾ موجود هيون جن هن سماجي سروس کي مؤثر ۽ ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي خطاب ڪندي چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ملڪ جي غريب ۽ مستحق خاندانن جو سهارو آهي. ماضي ۾ ڪيترين عورتن کي دڪاندارن وسيلي رقم ڪيرائيندي ڪٽوتين بدعنواني ۽ فراڊ جهڙن مسئلن کي منهن ڏسڻو پيو جنهن شفافيت کي سخت متاثر ڪيو. حڪومت سنڌ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي اهڙن غيرقانوني عملن جو سخت نوٽيس ورتو آهي. انهن مسئلن جي خاتمي لاءِ سوشل پروٽيڪشن والٽ سم متعارف ڪرائي وئي آهي ته جيئن مستحقين کي سندن پورو حق سڌي طرح ۽ محفوظ نموني ملي سگهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته منگهوپير ٽائون ۾ BISPجو مقامي آفيس اڳ ئي مڪمل طور تي فعال آهي جتي روزانو عورتون رهنمائي، رجسٽريشن ۽ تصديق لاءِ اينديون آهن. نئين سم جو مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ سڀني غير ضروري وچولين جو ڪردار مڪمل ختم ڪرڻ آهي. چيئرمين عوام کي اپيل ڪندي چيو ته سڀ عورتون صرف سرڪاري مقرر ڪيل مرڪزن تان ئي سم حاصل ڪن ڪنهن به دڪاندار ايجنٽ يا خانگي شخص کي سم ڏيڻ يا رقم ڪيرائڻ جو ڪو به اختيار ناهي. اهڙين غير سرڪاري هنڌن تي وڃڻ سان نقصان جو خطرو وڌي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو غيرقانوني فيس گهري يا بدعنواني ڪري ته فوراً ٽائون آفيس کي اطلاع ڏيو. هن ٻڌايو ته ٽائون انتظاميه ورهائڻ واري عمل جي گرائونڊ ۽ ڊجيٽل ٻنهي طريقن سان نگراني ڪري رهي آهي. ۽ ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ فوري قدم کنيو ويندو. تقريب دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پاڻ مستحق عورتن ۾ سمون ورهايون ۽ يقين ڏياريو ته عوامي ڀلائي جا اهڙا قدم مستقبل ۾ به جاري رهندا

ڪراچي: چيئرمين حاجي نواز علي بروهي مفت سم ورهائڻ جو باقاعده افتتاح ڪيو

شڪارپور بار ميمبر علي حسن بروهي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ عدالتي بائيڪاٽ

بار جي اپيل تي بائيڪاٽ سبب وڪيلن عدالتي ڪاروائين دوران پيش نه ٿيا

شڪارپور بد امني جي ور چڙهيل آهي جتي امن امان نالي ڪا به شئي موجود نه آهي:اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ڊ ر)شڪارپور جي سينيئر وڪيل ۽ بار جي ميمبر ايڊووڪيٽ علي حسن بروهي جي قتل ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ بار جي اپيل تي وڪيلن سڄي ضلعي اندر عدالتي وهنوار جو بائيڪاٽ ڪيو ويو سندن بائيڪاٽ سبب وڪيلن عدالتي ڪاروائين دوران عدالتن اڳيان پيش نه ٿيا جنهن سبب عدالتي وهنوار ٺپ رهيو هوڏانهن ضلعي بار ايسوسيئيشن قمبر شهدادڪوٽ جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ سهيندر ڪمار ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ ۽ ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي چيو آهي ته شڪارپور بد امني جي ور چڙهيل آهي جتي امن امان نالي ڪا به شئي موجود نه آهي ڪرمنلز کي ڇوٽ مليل آهي ايڊووڪيٽ علي حسن بروهي جو قتل افسوس ناڪ عمل آهي انتظاميه بي وس بڻيل آهي جنهن ڪري ايڊووڪيٽ علي حسن بروهي جاقاتل آزاد آهن جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي وڪيل اڳواڻن قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو پڻ ڪيو آهي

شهدادڪوٽ: ضلعي بار جي اپيل تي وڪيل احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آئي بي اي رويو پاليسي خلاف مظاهرو

170مارڪون کڻندڙ سان ناانصافي ڪندي رهجي ويل اميدوار کنيا ويا؛پري ڪيم

750کان وڌيڪ اميدوار گهربل مارڪون کڻڻ باوجود داخلا کان محروم بڻجي ويا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)آئي بي اي تحت ايم ڊي ڪيٽ 2025 جي ٽيسٽ پاس اميدوارن آئي بي اي جي رويو پاليسي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پري ڪيم چند،مريم الياس ۽ وڪيل احمد دل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته ايم ڊي ڪيٽ سال 2025جي ٽيسٽ ۾ 141کان 170مارڪون کڻندڙ سان ناانصافي ڪندي رويو پاليسي تحت سال 2024 ۾ داخلا کان رهجي ويل اميدوارن کي پاس قرار ڏئي داخلا لاءِ اهل قرار ڏنو ويو آهي جنهن سبب 750کان وڌيڪ اميدوار گهربل مارڪون کڻڻ باوجود داخلا کان محروم بڻجي ويا آهن. هنن چيو ته آئي بي اي جي رويو پاليسي تحت ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ ۾ ٻيهر شامل اميدوارن کي بنا ٽيسٽ جي پاس قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته ساڳي پاليسي موجب ٽيسٽ ۾ ٻيهر شامل ٿيندڙ اميدوارن جون 10سيڪڙو مارڪون ڪٽڻ شامل آهي پر انهن جون مارڪون به نه ڪٽيون ويون آهن. هنن چيو ته آئي بي اي جي رويو پاليسي ٽاڙو ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ پاس اميدوارن سان زيادتي آهي جنهن سان اميدوارن جي مستقبل کي نقصان پهچندو. هنن چيو ته آئي بي اي جي پاليسي خلاف سنڌ هائي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪنداسين

حيدرآباد: ايم ڊي شاگرد اپي مطالبات جي حقن جي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

ريجنل محتسب خيرپور پاران اين سي ايڇ ڊي ۾ آگاهي سيشن

انچارج/ڪنسلٽنٽ احمد بخش گهمرو سپورٽ يونٽ جو دورو ڪيو

محتسب جو ادارو هڪ مؤثر پليٽ فارم مهيا ڪري ٿو:احمد بخش گهمرو

خيرپور(...) ريجنل محتسب خيرپور پاران اين سي ايڇ ڊي خيرپور ۾ آگاهي سيشن جو اهتمام. انچارج/ڪنسلٽنٽ ريجنل محتسب خيرپور احمد بخش گهمرو هيومن

لاڳاپيل عوامي شڪايتن جي حل لاءِ محتسب جي ڪردار طريقيڪار ۽ فائدن بابت تفصيل سان روشني وڌي وئي احمد بخش گهمرو زور ڀريو ته محتسب جو ادارو

هالا ۾مضر صحت ۽ مدي خارج کاڌا،ڪيڪ،چپسون،ڪنفيڪشنري شيون فروخت ٿيڻ لڳيون

بيڪرين ،هوٽلن ۽ فاسٽ فوڊ پوائنٽن، ڪنفيڪشنري دوڪانن ۾فوڊ اٿارٽي ۽ ڪوالٽي ڪنٽرول کاتي طرفان ڪا به چيڪنگ ۽ ڪاروائي نه ٿي

چيڪنگ ۽ ڪاروائي نه ٿيڻ ڪري کلئي عام ناقص ۽ مضر صحت مدي خارج شيون فروخت ٿيڻ لڳيون آهن؛شهري

چيف سيڪريٽري سنڌ ، وزيراعلا سنڌ ، فوڊ اٿارٽي ،ڪوالٽي ڪنٽرول اٿارٽي حڪام کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

هالا(ن ع)فوڊ اٿارٽي ۽ مقامي ضلعي انتظاميه جي ناقص ڪارڪردگي سبب هالا سميت ضلع مٽياري جي بيڪرين ،هوٽلن ۽ فاسٽ فوڊ پوائنٽن، ڪنفيڪشنري دوڪانن ۾ ناقص ،مضر صحت ۽ مدي خارج کاڌا ،ڪيڪ، چپسون ڪنفيڪشنري شيون فروخت ٿيڻ لڳيون آهن وڏي عرصي کان فوڊ اٿارٽي ۽ ڪوالٽي ڪنٽرول کاتي طرفان ڪا به چيڪنگ ۽ ڪاروائي نه ٿيڻ ڪري کلئي عام ناقص ۽ مضر صحت مدي خارج شيون فروخت ٿيڻ لڳيون آهن جنهن سبب شهري نوجوان ٻارڙا عورتون مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن ، سول سوسائٽي شهرين تشويش جو اظهار ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ ، وزيراعلا سنڌ ، فوڊ اٿارٽي ،ڪوالٽي ڪنٽرول اٿارٽي حڪام کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

****

چار شاخ ۾اريگيشن کاتي جي عملي جي مبينه بدعنواني جا نوان انڪشاف سامهون اچي ويا

پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ ۽ غير قانوني چورين سبب شاخ تي واٽر ڪورسن جا منهن سرڪاري ماپ کان وڏا ڪري ڌوڙڻ تي وهڻ لڳا

پڇڙي وارن علائقن تائين پاڻي جي رسد تمام گهٽجي وئي،تياري هيٺ فصل سخت متاثر ٿيڻ لڳا،آبادگار مالي بحران جو شڪار

پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ نه رڳو زرعي معيشت کي نقصان پهچائي رهي آهي پر علائقي جي سوين هارين جي روزي روٽي به خطري ۾ وجهي ڇڏي آهي؛آبادگار

مسوبرگڙي (ن ع)مسوبرگڙي لڳ چار شاخ ۾ اريگيشن کاتي جي عملي جي مبينه رشوت خوري ۽ اختياري بدعنواني جا نوان انڪشاف سامهون اچي ويا آهن جنهن سبب شاخ تي واٽر ڪورسن جا منهن سرڪاري ماپ کان وڏا ڪري ڌوڙڻ تي وهڻ لڳا آهن پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ ۽ غير قانوني چورين سبب پڇڙي وارن علائقن تائين پاڻي جي رسد تمام گهٽجي وئي آهي جنهن ڪري آهن مقامي آبادگارن جو چوڻ آهي ته اريگيشن عملو مبينه طور تي وڏي رشوت عيوض اثرائتي واٽر ڪورسز کي اضافي پاڻي ڏئي رهيو آهي جڏهن ته پڇڙي وارا حصا مسلسل پاڻيءَ جي کوٽ سبب بدترين تباهيءَ کي منهن ڏئي رهيا آهن فصل سڪڻ لڳا آهن ۽ آبادگار مالي بحران جو شڪار ٿي ويا آهن.آبادگارن احتجاج ڪندي داروغين ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي. سندن چوڻ آهي ته شاخ ۾ پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ نه رڳو زرعي معيشت کي نقصان پهچائي رهي آهي پر علائقي جي سوين هارين جي روزي روٽي به خطري ۾ وجهي ڇڏي آهي.آبادگارن چيو آهي ته جيڪڏهن فوري طور تي صورتحال تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته هڪ وڏو زرعي بحران جنم وٺي سگهي ٿو احتجاج ڪندڙن سرڪار اريگيشن کاتي جي اعليٰ اختياردارن ۽ نگران انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته واٽر ڪورسن جي ماپ جو شفاف سروي، مبينا ڪرپشن جي جاچ ۽ ذميوارن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ يقيني بڻائجي مقامي زرعي اڳواڻن به انتظاميا کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن مسئلو حل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ شاخ کي بند ڪرڻ

سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي گلشن شهباز جا سوين ملازم ڪيترن مهينن جي پگهارن کان محروم

ايس،ڊي،اي جي انتظاميا جي عدم دلچسپي سبب ڇاڻايل ادارو مالي خساري ۽ تباهه حالي جو شڪار بڻايو وڃي ٿو

ايس،ڊي،اي جي انهن ملازمن کي پگهارون ڏنيون ويون آهن جيڪي با اثر پهچ رکندڙ آهن،بي وس ملازمن کي محروم رکيو ويو،ذريعا

احساس انسانيت تحت اسان سان ظلم بند ڪري پگهارون ڏنيون وڃن ته جيئن اسا پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهون،ملازم

ڪوٽڙي (ن ع)سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي گلشن شهباز ڄامشورو جي سوين ملازمن کي ڪيترن مهينن کان پگهارن کان محروم رکڻ جو مثال قائم ڪيو آهي اڪثر ملازم فاقاڪشي جي زندگي گذاري رهيا آهن جڏهن ته ملازم پنهنجي پگهارن لاءِ احتجاج ، مظاهرا ڌرڻا هڻي سخت احتجاج ڪندا رهيا آهن جڏهن ته ايس، ڊي،اي جي انتظاميا جي عدم دلچسپي سبب ڇاڻايل ادارو مالي خساري ۽ تباهه حالي جو شڪار بڻايو وڃي ٿو ذريعن ٻڌايو ته ذريعن ٻڌايو ته ايس،ڊي،اي جي انهن ملازمن کي پگهارون ڏنيون ويون آهن جيڪي با اثر پهچ رکندڙ آهن باقي بي وس ريگيولر ملازمن کي پگهارن کان محروم رکيو ويو آهي ملازمن ٻڌايو ته ڪيترن مهينن کان بکون ڪاٽي رهيا آهيون اسان کي پريشان ڪيو پيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته ريگيولر ايندڙ ملازمن سان ويساهه گهاتي ڪئي پئي وڃي هنن چيو ته احساس انسانيت تحت اسان سان ظلم بند ڪري پگهارون ڏنيون وڃن ته جيئن اسا پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهون هنن وڌيڪ چيو ته قرضن پڻ اسان کي تنگ ڪيو آهي انهن کان پڻ اسان کي بچايو وڃي اسان کي پگهار ڏيئي اسان کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

سڪرنڊ: دعوت اسلامي يورپ ۽ ڪينيڊا جي نگران پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو ڪيو

ملاڪاتيار : ۾ ڪاتيار برادري ۾جهيڙو،فائرنگ،نوجوان قتل

حيدرآباد جي جهوني جيالي پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي علائقي ٻهاول زئور جي رهواسي جهوني جيالي قبول محمد شاهه پنهنجي ٻارن سوڌو پارٽي اڳواڻن پاران نوڪرين ۽ ٻين سهولتن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هن چيو ته هو 1972۾ پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيو جنهن دوران جيل جون سختيون سليون ۽ ڪوڙا برداشت ڪري پارٽي سان اڄ تائين بيٺل رهيو آهيان پر موجوده پارٽي اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائيندن نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ڪيترائي دفعا پارٽي اڳواڻن وٽ وڃڻ باوجود منهنجي اولاد کي ڪا به سرڪاري نوڪري نه ڏني وئي ۽ نه ئي جيلن لاءِ ايندڙ سهولتن مان فائدو ڏنو ويو. هن چيو ته پارٽي سان سچو هجڻ سبب پيٽ سان لڳايو ويو موجوده اڳواڻ ساهتا ڪرڻ بدران صدر پاڪستان آصف علي زرداري ڏانهن وڃڻ لاءِ چٺي سوڻائي ڇڏين ٿا. هن چيو ته سندس 12ٻار آهن جن مان 2معذور ڌي ۽ پٽ جو اولاد آهي. هن چيو ته غربت سبب مفلسي واري زندگي گهارڻ تي مجبور آهيان. هن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،صدرپاڪستان آصف علي زرداري،فريال ٽالپر کي اپيل ڪئي پارٽي سان وفاداري عيوض سندس اولاد کي سرڪاري نوڪري ڏني وڃي ۽ سندس مالي ساهتا ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ بلاول هائوس ڪراچي سامهون احتجاج تي مجبور هوندس

حيدرآباد: جهوني جيالي پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌي ادبي سنگت ڄامشورو پاران رات دير تائين ڄامشورو ادبي ميلو رچايل

ڪوٽڙي (ن ع)سنڌي ادبي سنگت ڄامشورو پاران پٺاڻي ڪالوني جي ڳاڙهي گهوٽ گرائونڊ تي شام 5 وڳي کان رات دير تائين ڄامشورو ادبي ميلو رچايو ويو آهي پروگرام ۾ علمي ادبي ۽ ثقافتي تقريبون ٿينديون معززن جي عالمي ڏهاڙي تي معززن ساڻ رهاڻ مختلف ادبي علمي سماجي ۽ صحافي برادري کي ايوارڊ ڏنا ويندا شاعري جي نشست سان گڏ راڳ رنگ محفل موسيقي ۾ مختلف فنڪار حصو وٺندا عوام پنهنجو ثقافتي ڏڻ ملهائيندي

ميونسپل ڪاميٽي ڪوٽڙي جي چيئرمين ارباب جعفر خان شورو جي سس لاڏاڻو ڪري وئي

ڪوٽڙي (ن ع)ميونسپل ڪاميٽي ڪوٽڙي

دعوت اسلامي يورپ ۽ ڪينيڊا جي نگران پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو

بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ۽ آئي سي يو سميت ٻيا شعبن جو معائنو ڪيو

سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ کين شعبن بابت بريف ڪيو

سڪرنڊ (ن ع)دعوت اسلامي جي فلاحي شعبي FGRFيوڪي ، يورپ ۽ ڪينيڊا جي نگران سيد محمد فضيل عطاري تنظيمي وفد سان گڏ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو ساڻس گڏ ضلعي نگران ڪامران عطاري ، عادل عطاري ۽ عبدالوحيد عطاري جن پڻ هئا جتي هنن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، فري فارما ۽ آئي سي يو سميت ٻيا شعبا شامل هئا جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ کين شعبن بابت بريف ڪيو جنهن بعد هنن وارڊ ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات پڻ ڪئي ان دوران وفد جي مان ۾ مڃتا تقريب رکي وئي جتي کين اجرڪون اوڍايون ويون جڏهن ته ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائڻ سميت هر ممڪن سهڪار ڪرڻ تي سيد فضيل عطاري جن کي مڃتا شيلڊ ڏني ڏني وئي ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال وفد کي ٻڌايو ته سينٽر تي 27 سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت ، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي هن اهو پڻ چيو ته دعوت اسلامي اسان جي ڏکئي وقت جي ساٿي رهي آهي جڏهن ڪورونا هئي رت جي کوٽ هئي ان وقت دعوت اسلامي جي امير مولانا محمد الياس قادري هنن ٻارڙن جي سار لڌي ۽ نوابشاهه سميت پوري ملڪ ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪرايو جنهن تي سيد محمد فضيل عطاري ڳالهائيندي چيو ته دعوت اسلامي دين سان گڏ فلاحي ڪمن ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي جنهن FGRFجي پليٽ فارم تان پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪري رهي آهي ان کان اڳ جڏهن دعوت اسلامي جو وفد سينٽر پهتو ته کين گلدستا پيش ڪري سندن شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو.

***

جهنگ ڪاتيار ۾ ڪاتيار برادري ۾جهيڙو،فائرنگ،نوجوان قتل

بابو ڪاتيار سڌا فائر ڪري30 سالن جي امجد علي قتل ڪري ڇڏيو

نوجوان جي اوچتي موت تي علائقي ۾ روح راڙو مچي ويو،لاش وارثن حوالي

جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن،ويجهن عزيزن کي گرفتار ڪيو آهي:پوليس

ملاڪاتيار(ن ع)ملاڪاتيار ويجهو ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ ڪاتيار برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران محمد صديق عرف بابو ڪاتيار پسٽل سان سڌا فائر ڪري 30 سالن جي امجد علي ڪاتيار ولد علي محمد ڪاتيار کي شديد زخمي ڪري ڇڏيو. گولين فائرنگ جو آواز ٻڌي وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهتا ۽ زخمي امجد علي ڪاتيار کي فوري طور ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو محمد خان منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو نوجوان جي اوچتي موت تي علائقي ۾ روح راڙو مچي ويو . ڪاغذي ڪاروائيءَ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر ۾پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو اطلاع ملندي ڊي ايس پي ٻلڙي شاهه ڪريم وزير علي شر ايس ايڇ او ٻلڙي عبدالحڪيم سومرو جاءِ واردات تي پهچي فوتي جي وارثن کان معلومات ورتي پوليس موجب جوابدار جي ويجهن عزيزن کي گرفتار ڪيو ويو آهي وڌيڪ جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جوابدار کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي هن واقعي کان پوءِ ڳوٺ ۾ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي وارثن موجب لاش دفنائڻ بعد ڪيس داخل ڪرايو ويندو

رتوديرو ۾ "شاگرد سياست، ضرورت ۽ اهميت" اسٽڊي سرڪل

ڪتابن جو مطالعي سان ئي بهتر اڳواڻي ڪري سگهجي ٿي؛سرويچ مجاهد

شاگرد سياست، جتي سچ پڇڻ جي همت ڏئي ٿي،حفاظت جو رستو به ڏيکاري ٿي

رتوديرو (ن ع)سنڌ ساگر اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران "شاگرد سياست، ضرورت ۽ اهميت" جي عنوان هيٺ رتوديرو ۾ اسٽڊي سرڪل منعقد ڪيو ويو جنهن جي ڪارروائي سساف جي ميمبر هالار قادر هلائي.اسٽڊي سرڪل ۾ سساف جي مرڪزي آرگنائيزر سارنگ جکڙ نوجوان سماج سڌارڪ ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار سرويچ مجاهد فتاحي صحافي قربان گلال ۽ ڪيترن ئي شاگردن شرڪت ڪئي. سرويچ مجاهد فتاحي خطاب ڪندي چيو: اڄ جي شاگرد کي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ، مطالعو ڪرڻ سان ئي بهتر اڳواڻي ڪري سگهجي ٿي. شاگرد سياست، جتي سچ پڇڻ جي همت ڏئي ٿي اتي ئي قومن جي حقن جي حفاظت جو رستو به ڏيکاري ٿي سنڌ جي تاريخ ۾ 4 مارچ جهڙا ڏينهن شاگردن جي قربانيءَ جا شاهد آهن جن کي وسارڻ بجاءِ انهن مان سکڻ جي ضرورت آهي.سساف جي مرڪزي آرگنائيزر سارنگ جکڙ چيو: شاگردن کي قوم جي مستقبل لاءِ تيار ڪرڻ سياسي شعور تعليمي سجاڳي ۽ نظرياتي واداري سان ئي ممڪن آهي ، نوجوانن کي اهڙي مثبت ۽ غير فرقيوار سياست طرف اچڻ گهرجي جتي فڪر جدوجهد قومپرستي جي وات تي هلڻ جي سگهه هجي.صحافي قربان گلال پنهنجي خطاب ۾ چيو : ميڊيا، شاگرد ۽ سماج جي باشعور ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن نوجوان نسل کي نشي، جهالت ۽ مايوسيءَ مان ڪڍي علم شعور ۽ ذميواري ڏانهن آندو وڃي.

حيدرآباد ۾ دادو واسي پاران زال طرفان مبينه ڪوڙا الزام هڻڻ خلاف احتجاج

زال ٽڪ ٽاڪ ناچڻ کان منع ڪرڻ تي منهنجي خلاف ڪوڙا الزام هنيا آهن،عزيزالله شيخو

مان خلع ڏيڻ نٿو چاهيان پر هو پنهنجي ضد تي قائم آهي،نوٽيس وٺي معاملو حل ڪيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)دادو جي رهواسي عزيزالله شيخو زال پاران مبينا ڪوڙا الزام هڻڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. هن چيو ته سندس ناهيد قريشي ٽڪ ٽاڪ ناچيندي آهي ٽڪ ٽاڪ ناچڻ کان منع ڪرڻ منهنجي خلاف مارڪٽ ڪرڻ ۽ خرچ نه ڏيڻ جا ڪوڙا الزام هنيا آهن.هن چيو ته زال پاران حيدرآباد جي عدالت ۾ خلع لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي آهي جنهن جي ٻڌڻي تي پاڻ درخواستگذار نه آئي. هن چيو ته مان خلع ڏيڻ نٿو چاهيان پر هو پنهنجي ضد تي قائم آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي معاملو حل ڪيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلهڙيا پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اربع 03 ڊسمبر 2025ع

سولر انرجي منصوبي ۾ ڪرپشن

ڪالهه سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا اجلاس ۾ ڪيترن ئي اهم معاملن تي غور ڪيو ويو جنهن ۾ سولر انرجي منصوبي تي بحث سڀ کان اهم رهيو هي منصوبو نه صرف توانائيءَ جي شعبي ۾ نئين قدم جي حيثيت رکي ٿو پر غريب ۽ گهٽ وسيلن وارن خاندانن لاءِ پڻ سڌو فائدو پهچائڻ جو وسيلو هو. منصوبي تحت سرڪاري ۽ نجي عمارتن تي سولر سسٽم لڳائڻ سان گڏوگڏ صوبائي سطح تي 1.5 لک کان وڌيڪ غريب خاندانن کي مفت سولر ڪٽس فراهم ڪرڻ جو مقصد طئي ڪيو ويو هو. هر سولر ڪٽ ۾ سولر پينل، بيٽري، چارج ڪنٽرولر، پکو ايل اي ڊي لائٽس ۽ موبائل چارجنگ پورٽس شامل آهن. جيڪي خاندانن کي ٻاهرين بجلي تي خرچ گهٽائڻ ۽ توانائيءَ جي شعبي ۾ جدت آڻڻ ۾ مدد ڏين ٿا. منصوبي جي اصل اهميت ماحول دوست توانائي جي فروغ ۽ گرين انرجي جي حمايت ۾ آهي. پر جائزي دوران معلوم ٿيو ته منصوبو باوجود مڪمل ٿيڻ جي سنگين بي ضابطگين جو شڪار رهيو آهي. رپورٽن موجب، ڪنٽريڪٽ ۾ غير مناسب تبديليون ڪيون ويون، نامڪمل يا غير موجود ڪم جي ادائگي ٿي ۽ سامان جي درآمد ۾ بي ضابطگيون ٿيون. جنهن سان سرڪاري خزاني کي تقريبن 3 ارب رپين جو وڏو نقصان ٿيو ٻڌايو پيو وڃي ته ڪجهه اين جي اوز کي مقابلي ڪانسواءِ ڪم ڏنو ويو ۽ کهڙي سامان تي رقم خرچ ٿي، جيڪا واضح دستاويزن سان ثابت نه ٿي سگهي. ڪانٽريڪٽر پاران جعلي دستاويز جمع ڪرائڻ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو نه صرف قانوني ذميواري کي تباهه ڪري ٿو پر عوامي اعتماد کي پڻ نقصان پهچائي ٿو. وڏي وزير مراد علي شاهه انهن بي ضابطگين تي سخت ردعمل ظاهر ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته مڪمل فارنزڪ آڊٽ ۽ انڪوائري ڪرائي وڃي. گڏوگڏ ملوث ڪمپنين کي بليڪ لسٽ ڪيو وڃي. هيءُ قدم مستقبل ۾ اهڙين بي ضابطگين کي روڪڻ ۽ سرڪاري منصوبن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم آهي. ان سان اهو واضح ٿيو ته سنڌ حڪومت عوام جي فائدي لاءِ اهم منصوبا ٺاهي رهي آهي پر انهن منصوبن جي عملداريءَ ۾ شفافيت ۽ نگرانيءَ جي کوٽ وڏو چئلينج رهي آهي.

سولر انرجي منصوبي ۾ 3 ارب رپين جي ڪرپشن هڪ سبق آهي ته سرڪاري منصوبن ۾ شفافيت، صحيح ڪنٽرول ۽ موثر نگراني ضروري آهي. جيڪڏهن اهڙيون بي ضابطگيون وقت سر روڪيون وڃن ته اهي منصوبا نه صرف عوام جي فائدي لاءِ موثر ٿي سگهن ٿا، پر توانائيءَ جي شعبي ۾ نئين جدت ۽ ماحول دوست توانائي جي فروغ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سنڌ ۾ توانائيءَ جي بحران ۽ بجليءَ جي مسلسل کوٽ ڪيترن ئي خاندانن لاءِ مشڪلات جو سبب بڻيل آهي. تنهنڪري هر سولر منصوبي جو مقصد صرف بجلي مهيا ڪرڻ نه پر سماجي ۽ اقتصادي بهتري پڻ هجڻ گهرجي. اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته سولر منصوبا، جيڪي سڌو غريب ۽ گهٽ وسيلن وارن خاندانن کي فائدو پهچائن ٿا، سماجي انصاف کي فروغ ڏين ٿا ۽ معاشي خوشحاليءَ ۾ اضافو ڪن ٿا. هر سولر ڪٽ خاندان جي روزاني زندگيءَ ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿي، رات جو روشني، موبائل چارج ڪرڻ جون سهولتون ۽ بجليءَ تي خرچ ۾ گهٽتائي، اهڙيون سهولتون نه صرف زندگي آسان ڪن ٿيون، پر سماجي ۽ اقتصادي سرگرمين ۾ به اضافو ڪن ٿيون. خاص طور انهن علائقن ۾ جتي بجلي جي مستقل فراهمي نه آهي. پر اهڙا منصوبا صرف منصوبابنديءَ تي نه پر شفافيت ۽ اثرائتي عملداريءَ تي پڻ پاڙين ٿا. ڪرپشن، بي ضابطگيون ۽ ناقص نگراني منصوبي جي مقصد کي مڪمل طور تي نقصان پهچائي سگهن ٿيون. ان ڪري هر سرڪاري منصوبي ۾ شفافيت، صحيح نگراني ۽ عوامي اعتماد کي برقرار رکڻ لازمي آهي. سنڌ حڪومت پاران جاري ڪيل حڪم ۽ بليڪ لسٽ جو فيصلو هڪ مثبت قدم آهي، جيڪو مستقبل ۾ اهڙين بي ضابطگين کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. اسين سمجهون ٿا سولر انرجي منصوبا صرف توانائيءَ جي شعبي ۾ جدت آڻڻ لاءِ نه پر سماجي ۽ معاشي بهتري لاءِ پڻ اهم آهن. عوامي اعتماد قائم رکڻ، منصوبن جي مڪمل شفافيت ۽ اثرائتي نگراني سان اهڙا منصوبا نه صرف مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا، پر ماحول دوست توانائيءَ جي فروغ ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي ته اهڙن منصوبن کي مڪمل شفافيت سان عملي شڪل ڏئي، جتي عوام سڌو فائدو حاصل ڪري ۽ ڪرپشن جي روڪ ٿئي. سولر انرجي منصوبي جهڙا قدم هڪ روشن مستقبل ۽ ماحول دوست توانائيءَ جي لاءِ اميد جو پيغام آهن.

لطيفي لات —— **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

وَٽِنِ ويٺا ڪانگَ، وِچِين ٿِي ويلا ڪري؛
گِهڙِي گهڙُو هٿِ ڪري، سُٽِي سانجِهيءَ پانگَ؛
سيئِي ڏُونديِ سانگَ، جِتي ساهَڙُ سُپرين.
(سُر سهڻي)

منشيات جي زهر کي ڪو زهر ڏيو!

قاسم خاصخيلي

قومن جي وجود جي بقاءِ ۽ مستقل پلاننگ ئي قومن جي تقدير ۾ سونهري رنگ ڀريندي آهي. اهي قومون تباهه ۽ برباد ٿي وينديون آهن جن جي اڳواڻن کان ويندي عام ماڻهوءَ تائين بي راهه رويءَ سان گڏوگڏ غلط نظرين تي ٻڌل نظام حاوي ڪيو ويندو آهي. نتيجي ۾ اهي قومون ڪڏهن به بقاءِ جي طرف وک وڌائي ناهن سگهنديون. جيڪي اڳواڻن جي ڪيل ڏوهن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي بيهنديون آهن.

سنڌ ڌرتي، جيڪا پاڪستان جو نه رڳو هڪ صوبو آهي پر سنڌ قدرتي وسيلن سان مالا مال دنيا جو اهو عظيم خطو به آهي، جيڪو قدرتي وسيلن، آبهوا، جبلن، ويرانن، سرسبزي، آبي جيوت ۽ ٻيلن سان گڏ شاهڪار درياهه، وسيع سمنڊ سميت ٻين انيڪ شين جي هجڻ ڪري جتي هتان جي رهواسين سميت پوري ملڪ لاءِ ڪنهن سوني جهرڪيءَ کان گهٽ ناهي. پر ان هوندي به سنڌ جو ماڻهو نه رڳو بدحاليءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي پر سنڌ جي گهر گهر ۽ ٻچي ٻچي کي منشيات جهڙي انوکي زهر جي ور چاڙهيو ويو آهي. جنهن سبب سنڌ جي ماڻهن جي هڪ طرف تعليم تباهه ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف انهن جا نوجوان نشي جا عادي ٿيڻ سبب بيروزگار به ٿي رهيا آهن. نشي جي لعنت ۾ مبتلا ماڻهو نشو پورو ڪرڻ لاءِ چوريون، ڦرون ۽ مختلف غلط قدم کڻڻ لڳي ٿو جنهن سان سنڌ نه رڳو تعليم کان محروم ٿي وئي آهي پر بيروزگاري ۽ بدامنيءَ جي ڏهڻ ۾ پڻ ڦاسي رهي آهي.

سنڌ ۾ موجوده وقت ۾ سرعام منشيات جو وڪرو ۽ استعمال خطرناڪ حد تائين وڌي ويو آهي. چرس، آفيم، شراب، مٺن پڙي، زيڊ ايڪيهه سميت نوجوان نسل لاءِ هيو خطرناڪ عمل جوا کان پوءِ هاڻ آئيس ۽ هيروئن جي نشي سبب ڪيترائي گهر اجڙي رهيا آهن. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌي ميڊيا جي اهم ادارن پاران وقت بوقت مهم هلائي ويندي رهي آهي ۽ ايڊيٽوريل لکيا ويندا آهن. منشيات خلاف پُراثر ڪالم شايع ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته سنڌ ۾ وڌندڙ منشيات جي ان زهر جي خطرناڪ اثرن ۽ نقصانن کي مدنظر رکندي، منشيات کان آجپي لاءِ دنيا سميت پاڪستان ۽ سنڌ جي حڪمرانن جو ڌيان هن طرف ڇڪائڻ خاطر سنڌ مان منشيات جي خاتمي لاءِ عملي جنگ جو اعلان ڪرڻ گهرجي. اگر ائين ٿئي ٿو ته پوءِ ان اعلان تي سنڌ جو عوام به حڪومتي عمل جو آڌرڀاءُ ڪندو، جيڪو هڪ خوش آئيند عمل پڻ ليکيو ويندو.

هن وقت سنڌ ۾ منشيات جي سرعام وڪري ۾ ڪير ڪيترو ملوث آهي؟ ان بحث کي هڪ طرف رکي سنڌ جي ماڻهن به سدائين موجوده حڪمرانن کان صرف پنهنجي ٻچڙن ۽ هن ملڪ جي رعيت کي بچائڻ لاءِ منشيات جهڙي بيرحم زهر کي زهر ڏيڻ ۽ ايندڙ نسل کي ان موتمار زهر کان مڪمل ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ هڪڙو ئي مطالبو اڳيان رکيو آهي ته هاڻ ملڪ سميت سنڌ جي حڪمرانن تي اهو فرض ٿو ٿئي ته هو سنڌ جي ڪروڙين ماڻهن جي صدائن ڏي ڌيان ڌرين ۽ نوجوان نسل جون زندگيون بچائڻ لاءِ ڪيل هن حق تي ٻڌل مطالبي ڏانهن مڪمل ڌيان ڏين. سنڌ ۾ منشيات جي آڻڻ وارن ۽ منشيات جي لوڪل سطح تي تياريءَ کي روڪڻ کان ويندي منشيات جي وڪري تي پابنديءَ سميت ان جي روڪٿام تي مڪمل عمل ڪرائڻ لاءِ

بيروزگاريءَ ۾ حيران ڪندڙ واڌ، معاشي ناڪامي يا بدعنواني؟

محي الدين اعظم

جڏهن ماڻهن وٽ روزگار ناهي هوندو ته اهي دل ۾ سخت مايوسي محسوس ڪن ٿا. جيڪڏهن انهن کي مستقبل ۾ ڪو اميد جو ڏيئو نظر نه اچي، ته اها مايوسي آهستي آهستي وڌندي وڃي ٿي ۽ گهري نااميدي ۾ بدلجي ٿي. اهڙي نااميدي پوءِ ماڻهن کي ڪيترن ئي غلط يا ناپسنديده رستن ڏانهن ڌڪي ٿي، جتان هو گداگري ڪرڻ، چوري ڪرڻ، ٽولا يا گينگ ٺاهي غيرقانوني ڪم ڪرڻ، يا وري رياست مخالف ماڻهن جا هٿيار بڻجي وڃڻ جهڙن روين ۾ ڦاسي سگهن ٿا. ليبر فورس سروي 2024ع-2025ع مطابق گذريل چئن سالن دوران وڌيڪ 14 لک ماڻهو نوڪريون وڃائي ويٺا آهن. جنهن سبب ملڪ ۾ بي روزگاري جي شرح وڌي 21ورهين جي بلند ترين سطح 7.1 سيڪڙو تي پهچي وئي آهي. ان جو سادو مطلب اهو آهي ته 25 ڪروڙ جي آباديءَ ۾ لڳ ڀڳ 59 لک مرد ۽ عورتون بيروزگار ويٺا آهن. ٻئي طرف ملڪ جي آبادي اڳ وانگر هر سال 2 سيڪڙو کان به وڌيڪ جي رفتار سان وڌندي پئي وڃي. جنهن سان مسئلو اڃا وڌيڪ ڳرو ٿيندو پيو وڃي. تشويشناڪ ڳالهه اها آهي ته بيروزگاريءَ جي شرح 15 کان 24 ورهين جي نوجوانن ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. سال 2024ع-2025ع ۾ اها شرح 12.8 سيڪڙو تي پهتي آهي جڏهن ته 2020ع-2021ع ۾ اها 11.1 سيڪڙو هئي. تنهنڪري اها ڪا حيرت جي ڳالهه ناهي جو شهرن جي روڊن تي مايوس، دل برداشته، اميد وڃائي ويٺل ۽ ڪڏهن ڪڏهن جارح مزاج نوجوان بي مقصد گهمندا نظر اچن ٿا. انهن مان ڪي ننڍن وڏن ڏوهن طرف مائل ٿي وڃن ٿا ۽ ڪي وري خفيه نموني رياست مخالف نيٽ ورڪن ۾ ڀرتي ٿي وڃن ٿا. اهو چوڻ ته سڀ نوجوان چوڪريون ۽ چوڪرا، جيڪي بيروزگار آهن، اهڙي ئي صورتحال ۾ اچي وڃن ٿا، بلڪل غلط ڳالهه هوندي. حقيقت اِها آهي ته اهڙي حالت هر ڪنهن لاءِ لاڳو ناهي. گهڻا نوجوان غير رسمي نوڪرين ۾ ڪم ڪن ٿا، جتي ڪين روزانو صرف اوتري ئي ڪمائي ملي ٿي جو گهر جو گذر سفر ٿوري گهڻي مشڪلات سان ٿي وڃي. اڪثر ڪري انهن کي قومي سطح تي مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت جو اڌ حصو به نٿو ملي. اها صورتحال خطري واري به آهي ۽ ان سان وڏي سنجيدگيءَ سان پيش اچڻ جي ضرورت آهي. غير ملڪي مدد سان هلندڙ ۽ مڪاني دهشتگرد گروهن خلاف حڪومت جون ڪارروايون ته جاري آهن، پر ساڳئي وقت حڪومت کي هن مسئلي جو سماجي ۽ معاشي پاسو به سمجهڻو پوندو وسيلن تي اشرافيه جي قبضن کي روڪڻ ۽ دولت جي منصفاڻي ورڇ لاءِ مضبوط معاشي پاليسي، اثرائتي حڪمت عملي ۽ پڪو سياسي ارادو ضروري آهي.

هن صدي جي شروعاتي 25 سالن ۾ پاڪستاني عوام گهڻو ڪجهه برداشت ڪري چڪو آهي. آمري فوجي حڪمراني، ڪمزور ۽ ناڪاره جمهوري نظام ۽ هائبرڊ حڪومتن جي ماتحت رهي چڪا آهن. هاڻ وقت اچي ويو آهي ته ملڪ پنهنجو پاڻ سان ايماندار ٿئي ۽ سنجيده خود احتسابي ڪري. هي ملڪ تڏهن ئي اڳتي وڌي سگهي ٿو جڏهن رياست عام ماڻهن لاءِ اثرائتيون سهولتون مهيا ڪري، انهن کي عزت، احترام ۽ تحفظ جو احساس ڏياري، جيئن هُو 1973ع جي آئين ۾ ڏنل پنهنجن بنيادي حقن مان واقعي فائدو وٺي سگهن. وفاقي وزير منصوبابندي احسن اقبال جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي پروگرامز سبب بيروزگاري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، ڇو ته اهي پروگرام معاشي استحڪام ۽ موسمياتي آفتن تي ڌيان ڏين ٿا. اها ڳالهه ڪجهه حد تائين ٺيڪ ضرور آهي، پر مڪمل درست نه آهي. هر نئين حڪومت پنهنجي کان اڳ واري حڪومت تي مالياتي ۽ گورننس وارا مسئلا وڌائڻ جو الزام وجهي ڇڏيندي آهي. پر ساڳئي وقت هر حڪومت اقتدار ۾ هجڻ باوجود انهن مسئلن جو مستقل حل ڪڍڻ ۾ ناڪام به رهي ٿي. ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو ملڪ جا اندروني ۽ ٻاهريان قرض وڌندا ئي وڃن ٿا. حڪومت جو وڏي حصي وارو بجيٽ قرضن جي واپسيءَ ۾ هليو ويندو آهي ۽ دفاعي خرچن ڪانپوءِ عوامي بهبود ۽ ترقيءَ لاءِ تمام ٿورو پئسو بچندو آهي جڏهن ترقياتي خرچ گهٽ ٿيندا آهن، تڏهن ملڪ جي معيشت مضبوط ۽ مسلسل ترقي ڪرڻ بدران رڳو جدوجهد ڪندي رهجي وڃي ٿي ۽ بقا جي جنگ ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿي. مضبوط ۽ برقرار رهندڙ معاشي ترقي نه ٿيڻ سبب ملڪ ۾ سخت بيروزگاري جنم وٺي ٿي، جنهن کي وڏي ويل بدعنواني (ڪرپشن) وڌيڪ ڳرو ڪري ڇڏيندي آهي. ڪرپشن نظام ۾ اهڙي ريت پکڙجي وئي آهي جو نتيجي طور صحت، تعليم، هنرمندن جي تربيت، سستا سهولتون، روڊن ۽ ٽرانسپورٽ جي بنيادي ڍانچي ۽ ترقياتي منصوبن تي اصل خرچ ڏينهون ڏينهن گهٽجي ٿو وڃي. ان کان علاوه، ملڪ جي آبادي 2 سيڪڙو کان وڌيڪ رفتار سان وڌڻ ڪري روزگار جا موقعا وڌيڪ گهٽجي رهيا آهن. ڇو ته هر سال لکين نوجوان نوڪريءَ جي تلاش ۾ مارڪيٽ ۾ ايندا آهن، پر انهن لاءِ نوڪرين جو تعداد اڳ ئي گهٽ آهي. خانگي شعبي جي صلاحيت کي مڪمل طريقي سان استعمال ڪرڻ بنا وڏي انگ ۾ نوڪريون پيدا ڪرڻ ممڪن ناهي. پر سياسي ۽ معاشي مسئلن سبب اهو ڪم تمام ڏکيو ٿي پيو آهي. مثال طور، خانگي شعبي ۽ فوج جي تعاون سان هلندڙ ڪاروبارن جا لاڳاپا ايترا غير واضح آهن جو سلن کان ڪيترائي سرڪاري ادارا نقصان ۾ هلي رهيا آهن. جڏهن ته ڪجهه مخصوص صنعتن کي سياسي ۽ مالي طور ضرورت کان به وڌيڪ سهارو ڏنو پيو وڃي. نوڪريون ان صورت ۾ وڌي سگهن ٿيون، جيڪڏهن خانگي شعبي ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري ٿئي ۽ غير ملڪي سيڙپڪاري اهڙين صنعتن ۾ اچي، جيڪي وڏي انگ ۾ ملازمتون پيدا ڪن. پر سوال اهو آهي ته جڏهن سياسي نظام غير مستحڪم هجي، حڪومتون بدلجنديون رهن، پاليسيون اڌ ۾ لٽڪي وڃن ته ڇا اهڙي ماحول ۾ مقامي ڪاروبار دل کولي سيڙپڪاري ڪندا؟ ڇا بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ بدامني ختم ڪرڻ کانسواءِ ۽ ڇا ڪراچي، جيڪو ملڪ جو سڀ کان وڏو صنعتي ۽ تجارتي مرڪز آهي، ان کي رهڻ لائق ۽ پُرامن شهر بڻائڻ کانسواءِ غير ملڪي سيڙپڪاري پاڪستان ۾ اچي سگهندي؟ واضح ڳالهه آهي ته سيڙپڪار ان ملڪ ۾ پئسو وجهندا، جتي امن، استحڪام ۽ اعتماد موجود هجي، جيڪڏهن زراعت (Agriculture) ۽ صنعت (Manufacturing) ۾ مقامي ۽ غير ملڪي سيڙپڪاري نه ايندي ته نوان روزگار جا در اصل کلندا ڪيئن؟ صرف خدمتن وارو شعبي (Service Sector) تي ڀاڙڻ سان ڇا ملڪ کي بيروزگاريءَ مان ڇٽڪارو ملي سگهي ٿو؟ ڇا ڪير به سنجيده طريقي سان اهو تصور ڪري سگهي ٿو ته خدمتن جو شعبو پنهنجي جاءِ تي ڪيئن ترقي ڪندو، جيڪڏهن زراعت ۽ صنعت يعني معيشت جا ٻه بنيادي ٿنڀا مضبوط نه ٿين؟ اهي تمام وڏا ۽ گنڀير سوال آهن، جن تي سنجيدگيءَ سان غور ضروري آهي. پاليسي سازن لاءِ مناسب ناهي ته اهي انهن مسئلن کان اک ڦيرائي، خالي نعرا هڻن يا رنگين سلائيڊون ڏيکاري ماڻهن کي خوش ڪندا رهن اڄڪلهه ترقي يافته ملڪن ۾ آٽوميشن، مشين لرننگ ۽ مصنوعي ذهانت (AI) تيزيءَ سان انساني مزدوريءَ جي جاءِ وٺي رهي آهي. ان صورتحال وسيلا ۽ دولت ورهائڻ بابت نوان سبق ۽ نوان خدشا پيدا ڪيا آهن. جن تي پاليسي ٺاهيندڙن کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو. ايندڙ وقت ۾ جڏهن خودڪاري ۽ AI جو استعمال وڌيڪ وڌندو، تڏهن انسانن لاءِ روزگار پيدا ڪرڻ اڃا به وڌيڪ مشڪل ٿي ويندو، خاص ڪري جيڪڏهن مقامي ڪاروبار به انهن ٽيڪنالاجيز کي تيزيءَ سان اختيار ڪري وٺندو. ايتري تيزي سان تبديل ٿيندڙ دنيا ۾، انساني محنت لاءِ گنجائش گهٽجندي ۽ روزگار جا روايتي ماڊل مڪمل طور بدلجي ويندا.

> **ڇا بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ بدامني ختم ڪرڻ کانسواءِ ۽ ڇا ڪراچي، جيڪو ملڪ جو سڀ کان وڏو صنعتي ۽ تجارتي مرڪز آهي ان کي رهڻ لائق ۽ پُرامن شهر بڻائڻ کانسواءِ غير ملڪي سيڙپڪاري پاڪستان ۾ اچي سگهندي؟ واضح ڳالهه آهي ته سيڙپڪار ان ملڪ ۾ پئسو وجهندا جتي امن استحڪام ۽ اعتماد موجود هجي، جيڪڏهن زراعت (Agriculture) ۽ صنعت (Manufacturing) ۾ مقامي ۽ غير ملڪي سيڙپڪاري نه ايندي ته نوان روزگار جا در اصل کلندا ڪيئن؟ صرف خدمتن وارو شعبي (Service Sector) تي ڀاڙڻ سان ڇا ملڪ کي بيروزگاريءَ مان ڇٽڪارو ملي سگهي ٿو؟ ڇا ڪير به سنجيده طريقي سان اهو تصور ڪري سگهي ٿو ته خدمتن جو شعبو پنهنجي جاءِ تي ڪيئن ترقي ڪندو.**

سنڌ ۽ ڀارت!

محمد خان ابڙو

ڀارتي دفاع وزير جو تازو بيان 'هڪ ڏينهن سنڌ ڀارت جو حصو بڻجي ويندو' صرف سفارتي بي ادبي ناهي پر علائقي جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ کان مڪمل بيخبري به ڏيکاري ٿو. سنڌ جو عوام ۽ هڪ پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ اهو بيان اسان کي ڪيترن ئي پهلوئن تي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. ڀارت جا اهڙا بيان اڪثر پنهنجي اندروني سياست ۾ سخت گير حلقن کي خوش ڪرڻ ۽ اصل مسئلن کان عوام جي ڌيان کي هٽائڻ لاءِ ڪيا ويندا آهن. پر هن ڀيري نشانو سنڌ بڻيو، جيڪو ڪنهن به صورت اهڙي بُنياد کان خالي سوچ کي قبول نه ٿو ڪري سگهي.

سنڌ صدين تي مشتمل هڪ الڳ تهذيب، منفرد ثقافت ۽ مضبوط تاريخي شعور رکي ٿو. موهن جو دڙو جي قديم تهذيب کان وٺي شاهه لطيف رحه جي روحاني روايت تائين، سنڌ هميشه پنهنجي زمين ۽ سڃاڻپ سان جڙيل رهيو آهي. ڀارت جا سياسي بيان هن حقيقت کي نه ٿا بدلائي سگهن. سنڌ هڪ زنده، باشعور ۽ سياسي طور تي سمجهدار علائقو آهي، جيڪو ڄاڻي ٿو ته ان جي بقا پاڪستان سان جڙيل آهي.

پاڪستان جي وفاقي يونٽس ۾ سنڌ هميشه مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان جي قيام کان اڳ به سنڌ واسين تحريڪِ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ قيام کان پوءِ ملڪ جي مضبوط رهڻ لاءِ هر مشڪل گهڙيءَ ۾ ساٿ ڏنو آهي. سنڌ وارن جو بنيادي سياسي شعور اهو آهي ته پاڪستان ئي انهن جي رياست آهي ۽ ان جي حفاظت انهن جو فرض آهي. تنهنڪري ڪنهن به بيروني طاقت جو خواب ته سنڌ کي پاڪستان کان جدا ڪري ڇڏي، صرف خيال ۾ ئي محدود آهي.

ڀارت چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته سنڌ ۾ ڪا به اهم عليحدگي پسند تحريڪ موجود ناهي. مسئلا ضرور آهن ۽ حقن جي ڳالهه پڻ ٿئي ٿي پر اهو سڀ آئيني دائري ۾ حل ڪرڻ جي سوچ سان ڪيو ويندو آهي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي زمين يا سڃاڻپ ڪنهن به ٻاهرين ايجنڊا جي هٿن ۾ ڪڏهن نه وڪرو ڪندا. انهن جو سج هميشه پاڪستان جي افق تي اڀرندو آهي.

ڀارتي بيان تي سڀ کان وڌيڪ ردعمل سنڌي نوجوانن طرفان آيو. اهي نوجوان جيڪي تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ سماجي شعور ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن. اهي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا ته ڀارت جو مقصد علائقي ۾ تڪرار وڌائڻ ۽ پاڪستان خلاف نفسياتي دٻاءُ پيدا ڪرڻ آهي. پر اهڙا بيان سنڌين ۾ خوف نه ٿا پيدا ڪن بلڪ پاڪستان جي وحدت لاءِ وڌيڪ عزم پيدا ڪن ٿا.

ڀارت جو پنهنجو حال اهو آهي ته اهو ڪيترن ئي اندروني عليحدگي پسند تحريڪن سان منهن ڏئي رهيو آهي. ڪشمير، خالصتان، ناگا لينڊ ۽ آسام ۾ ڏهاڪن تي ٻڌل تحريڪون اڃا تائين ختم نه ٿي سگهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان يا سنڌ تي تنقيد ڪرڻ ڀارت جي ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو.

جيڪو ملڪ پنهنجي اندر جي آواز نه ٻڌي سگهي، اهو ٻين ملڪن جي صوبن کي 'پنهنجن نقشي' ۾ شامل ڪرڻ جي ڳالهه ڪري صرف پنهنجي ڪمزوري ڏيکاري ٿو.

سنڌي روايت ۾ مهمان نوازيءَ سان گڏ ڌرتيءَ سان وفاداري انتهائي اهم قدر آهي. چاهي اهو ڪراچي هجي يا سکر، عمرڪوٽ هجي يا لاڙڪاڻو، سنڌ جو هر ماڻهو پنهنجي زمين تي ڪنهن به ٻاهرين مداخلت کي برداشت نه ٿو ڪري. ڀارتي وزير جو بيان سنڌين جي وفاداريءَ تي سوال اٿارڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش آهي، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو مڪمل طور تي رد ڪري چڪا آهن. سنڌ جا شاعر، ليکڪ ۽ دانشور هميشه چوندا رهيا آهن ته مضبوط وفاقي پاڪستان ئي سنڌ جي طاقت ۽ استحڪام آهي.

پاڪستاني عوام به ان بيان کي رد ڪيو آهي. پاڪستان هڪ ايٽمي صلاحيت وارو مضبوط ملڪ آهي، جنهن جي فوج، سفارتڪاري ۽ دفاعي پاليسي مستحڪم بنيادن تي بيٺل آهي. ڀارت جو اهو بيان نه عملي اهميت رکي ٿو ۽ نه عالمي سطح تي ان جي ڪا ساک آهي. اهو صرف ڀارت جي انتهائي سياست جو هڪ شوشو آهي، جيڪو پاڪستان مخالف بيانيي کان سواءِ اڳتي نه ٿي سگهندو.

امن سنڌ جو بنيادي پيغام رهيو آهي پر امن جو مطلب اهو ناهي ته ڪنهن جي زمين يا سڃاڻپ تي حملو ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي. جديد سنڌ سياسي طور تي باشعور آهي ۽ پاڪستان جي آئين کي پنهنجي بنياد سمجهي ٿو. سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ ڪڏهن غلامي قبول نه ڪئي ۽ اڄ به پاڪستان جي هڪ آزاد ۽ خودمختيار صوبي طور پنهنجي حيثيت پوري طاقت سان قائم رکي ٿي.

ڀارتي بيان کان پوءِ پاڪستان ۾ قومي سطح تي وڌيڪ اتحاد پيدا ٿيو آهي. ماڻهو ڄاڻن ٿا ته ڀارت جا اهڙا بيان صرف اشتعال انگيزي آهن. پر پاڪستان متحد آهي ۽ سنڌ هن اتحاد جي پهرين صف ۾ آهي. ڀارت صرف سنڌ نه پر پاڪستان جي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ جا خواب ڏسندو رهيو آهي، جيڪو ڪڏهن به پورا نه ٿا ٿي سگهن. پاڪستان، سنڌ جي زمين مضبوط آهي، عوام باشعور آهي ۽ پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪن ٿا. آخر ۾، سنڌي عوام ۽ پاڪستاني قوم جو پيغام بلڪل واضح آهي ته سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي. سنڌ پاڪستان آهي، پاڪستان هو ۽ پاڪستان ئي رهندو. هيءَ ڌرتي، ان جا ماڻهو، ان جي تاريخ ۽ محبت هميشه پاڪستان جي نالي تي رهي آهي ۽ رهندي!

'برآمدات ۽ فيشن انڊسٽري'

ڪاشف اشفاق

پاڪستان جي برآمدات ۾ ٽيڪسٽائل شعبي جو تاريخي طور تي سڀ کان وڏو حصو رهيو آهي ۽ اِهو رجحان اڃا تائين جاري آهي. ان باوجود، عالمي فيشن انڊسٽريءَ ۾ پاڪستان جو حصو تقريبن نظر نه ايندڙ آهي. واضح طور تي ڳالهائڻ لاءِ، عالمي فيشن انڊسٽري جو مجموعي حجم 3 هزار ارب ڊالر کان به وڌيڪ آهي، جيڪو تقريباً 338 ملين ماڻهن کي روزگار فراهم ڪري ٿو. پر پاڪستان جو عالمي فيشن انڊسٽري ۾ حصو هڪ سيڪڙو کان به گهٽ آهي. ان جي مقابلي ۾، پاڪستان جي فيشن انڊسٽري اڃا تائين صرف ٽن وڏن شهرن تائين محدود آهي: ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد. گهڻا فيشن ڊيزائنر به بنيادي طور مقامي شوبز انڊسٽري لاءِ ڪم ڪرڻ تائين محدود آهن. ان کان علاوه، پاڪستان جا تمام ٿورڙا برانڊ اهڙا آهن جن پنهنجي پاڻ کي عالمي مارڪيٽ ۾ پيش ڪيو آهي. جيڪي برانڊز ڪجهه ڪم ڪري چڪا آهن، انهن جي رسائي به گهڻو ڪري وچ اوڀر (Middle East)جي مارڪيٽ تائين محدود آهي. پاڪستان ۾ فيشن انڊسٽري کي اڃا تائين مڪمل طور تي هڪ صنعت جو درجو نه مليو آهي، جنهن سبب هن شعبي ۾ ايندڙ گهڻا ماڻهو ان کي سنجيده پيشي (Profession)طور نه پر شوق (Hobby)طور اختيار ڪن ٿا. ان سان گڏ، ملڪ ۾ اهڙا ماهر پڻ تمام گهٽ آهن، جيڪي عالمي معيار مطابق فيشن انڊسٽري جي مختلف شعبن لاءِ پراڊڪٽس جي ڊيزائننگ، تياري ۽ مارڪيٽنگ ۾ ڪم اچي سگهن. هن سلسلي ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف فيشن اينڊ ڊيزائن، لاهور جو ڪردار نهايت اهم آهي، ڇو ته هي ادارو تقريباً ٽي ڏهاڪن کان ملڪ ۾ فيشن ۽ ڊيزائن جي شعبي لاءِ بين الاقوامي معيار جي مهارت رکندڙ افرادي قوت پيدا ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه، هن اداري قومي سطح تي فيشن انڊسٽري کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جتي پبلڪ ۽ پرائيويٽ سيڪٽر، صنعت ۽ اڪيڊميا سميت سڀئي اسٽيڪ هولڊرز هڪ گڏيل پليٽ فارم تي گڏ ڪيا ويا آهن. تازو ئي هن اداري لاهور ۾ پهرين بين الاقوامي ڊيزائن ڪانفرنس 2025ع فئشن اينڊ گلوبل ٽريڊ منعقد ڪئي، جيڪا فيشن ۽ ڊيزائن جي شعبي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي. مون کي هن بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ خاص مهمان طور مدعو ڪيو ويو ۽ ڏسي مون کي خوشي ٿي ته ادارو پنهنجي پراڻي روايت ۽ علم جي ڏي وٺ کي فروغ ڏيڻ کي برقرار رکندي، فيشن ۽ ڊيزائن جي بدلجندڙ منظرنامي تي عالمي تناظر ۾ هڪ اهم ايونٽ جو انعقاد ڪيو. هن اداري جا باصلاحيت شاگرد، ماهر ۽ فيڪلٽي ميمبر اڳ ئي پاڪستان جي تخليقي ۽ تعليمي ماحول کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو وجهي رهيا آهن. پر عالمي ڪانفرنس جو انعقاد پاڪستان جي عالمي ڊيزائن ڪميونٽي ۾ موجودگيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. ان سان نه صرف پاڪستان ۾ فيشن ۽ ڊيزائن جي دنيا ۾ جدت، تعليم ۽ بين الاقوامي شموليت کي فروغ ملندو، پر اسان کي پنهنجين برآمدات کي وڌائڻ جو موقعو به ملندو. واضح رهي ته ٽيڪسٽائل جي عالمي برآمدات ۾ پاڪستان جو حصو اڃا تائين تقريباً 5 کان 7 سيڪڙو تائين محدود آهي. هن حصي کي وڌائڻ لاءِ اسان کي صرف فيشن انڊسٽري کي فروغ ڏيڻ نه پر ٽيڪسٽائل برآمدات ۾ نٽ ويئر، اپيرل ۽ اسپيشلائيزڊ فيبرڪ جو حصو وڌائڻو پوندو. ان جو اهم سبب اهو آهي ته گذريل ڪجهه سالن ۾ پاڪستان جي ٽيڪسٽائل ميڊاپس جي برآمدات ۾ نٽ ويئر (Hosiery)جو حصو 37 سيڪڙو کان گهٽجي 14 سيڪڙو تي اچي ويو آهي، ريڊي ميڊ گارمنٽس جو حصو 29 سيڪڙو کان گهٽجي 16 سيڪڙو تي ۽ بيڊ ويئر جو حصو 24 سيڪڙو کان گهٽجي 11 سيڪڙو تي پهچي ويو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان پنهنجي ڊيزائن ۾ جدت ۽ ميٽيريل ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ تي ڌيان ڏيڻ سان گڏ فيشن انڊسٽري کي فروغ نه ڏينداسين ته عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستان جي ٽيڪسٽائل برآمدات جو حصو وڌيڪ گهٽجي ويندو. ٽيڪسٽائل جي برآمدات جو حجم وڌائڻ لاءِ صرف فيشن ۽ ڊيزائن جي شعبي تي ڌيان ڏيڻ ڪافي ناهي، پر انهن ۾ Value Addition لاءِ ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ ۾ سيڙپڪاري به ضروري آهي. هن پاليسي جو ڊگهو فائدو اهو ٿيندو ته جيڪڏهن پاڪستان اسپيشلائيزڊ فيبرڪ يا مصنوعات تيار ڪري رهيو هوندو ته عالمي معيشت جي ڪساد بازاري، پيداوار جي قيمت وڌڻ يا ٻين سببن جي باوجود، پاڪستان جون برآمدات گهٽجڻ بدران وڌنديون. هن سلسلي ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف فيشن ڊيزائن جو اهم ڪردار ڏيڻ ضروري آهي. هي ادارو گذريل ٽي ڏهاڪن کان فيشن ڊيزائننگ، ٽيڪسٽائل ڊيزائننگ، جيولري ڊيزائننگ، جيمالاجيڪل سائنس، فرنيچر ڊيزائننگ، ميڪانڪ ۽ چمڙي جون شيون، شو فيشن، فيشن مارڪيٽنگ ۽ ٻين شعبن ۾ هزارين شاگردن کي ڊگري ڏئي چڪو آهي. ان سان گڏ، ملڪ جي ٻين حصن ۾ به اهڙا ادارا قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مثال طور، فيصل آباد هڪ ٽيڪسٽائل سٽي آهي، تنهنڪري هتي عالمي معيار جي مطابق ريسيرچ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ فيشن ڊيزائننگ جا ادارا قائم ڪرڻ انتهائي ضروري آهن. اضافي طور تي، عالمي سطح تي مشهور فيشن ڊيزائننگ ادارن سان مقامي يونيورسٽين جا الحاق يا جوائنٽ وينچرز پڻ ڪري سگهجن ٿا، جنهن سان شاگردن کي موقعو ملندو ته اڌ ڪورس پاڪستان ۾ ۽ اڌ ٻاهرين ملڪ ۾ مڪمل ڪن ۽ انهن وٽ نه صرف انٽرنيشنل ڊگري هوندي پر عالمي تجربو پڻ حاصل ٿيندو. هن سلسلي ۾ پاڪستاني فيشن ڊيزائنرز کي عالمي سطح تي اهم فيشن شوز ۾ شرڪت لاءِ پڻ سهولت فراهم ڪرڻ گهرجي، جيئن انهن کي آرڊرز حاصل ڪرڻ لاءِ عالمي گراهڪن سان تعلق قائم ڪرڻ جو موقعو ملي. آخر ۾، بزنس ڪميونٽي کي به اڳتي اچڻ گهرجي، ڇو ته حڪومت رڳو سهولت فراهم ڪري سگهي ٿي، پر جيستائين نجي شعبو فيشن ۽ ڊيزائن جي شعبي ۾ ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ تي سيڙپڪاري نه ڪندو، تيستائين فوري نتيجا حاصل ڪرڻ ناممڪن آهن.

عالمي ڏينهن جي مناسبت سان

معذور ماڻهن طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي!

غلام رسول نهڙيو

هر سال اڄوڪي ڏينهن يعني 3 ڊسمبر تي معذورن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. اهو ڏينهن تهوار طور نه بلڪ هڪ آئيني يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. لکين فردن جي عزم ۽ همت کي سلام ڪرڻ جو ڏينهن آهي، جيڪي جسماني يا ذهني چيلينجز جي باوجود زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شامل آهن. هي ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ خاص ماڻهن يا فردن جا حق ۽ ان جي فلاح، بهبود ۽ سماجي شموليت جي باري ۾ شعور بيدار ڪرڻ آهي. معاشري کي سمجهائڻو پوندو ته معذوري ڪنهن جي صلاحيتن جو اختتام نه آهي، انهن کي تعليم صحت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهن. معذوري جسم ۾ نه ماڻهن جي روين ۾ هوندي آهي. جيڪا اڳتي وڌڻ کان روڪيندي آهي. اسانجي معاشري جو وڏي ۾ وڏو الميو اهو آهي جو معذور ماڻهو کي ترس جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. انهن تي ترس ڪرڻ بجاءِ ۽ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن هڪ نابين ماڻهو تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو يا ويل چيئر تي ويٺل شخص اسپورٽس ۾ ميڊل کٽي ٿو ته ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اگر موقعو ڏنو وڃي ته اهي خاص فرد به ڪنهن کان گهٽ ناهن. اسٽيفن هاڪنگ کان وٺي هيلن ڪيلر تائين تاريخ اهڙن نالن سان ڀري پئي آهي، جنهن پنهنجي جسماني حدن کي ڪاميابيءَ ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ نه ڏنو. معذور يا خصوصي فرد کي معاشري ۾ جيئڻ لئه زندگيءَ ۾ آسانيون ڪرڻ لئه اپاءَ وٺڻ گهرجن. اسڪولن، آفيسن، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين سهولتن جو هجڻ لازمي آهي، جنهن سان نقل حرڪت آسانيءَ سان ڪري سگهن. انهن کي صلاحيتن مطابق مختلف کاتن ۾ ميرٽ تي نوڪريون يا روزگار ڏنو وڃي ته جيئن هو خود ڪفيل ٿين ۽ ملڪي معيشت ۾ پنهنجو حصو وجهي سگهن. خاص ٻارن لاءِ تعليمي ادارا ۽ تربيت گاهون عام هجن ته جيئن ڪو خصوصي ٻار رهجي نه وڃي. اسان جو مذهب ۽ اسان جو اخلاق اسان کي اهو سيکاري ٿو ته سڀئي انسان برابر آهن. ڪنهن کي ڪائي برتري حاصل ناهي. اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجن روين ۾ نرمي آڻيون ۽ انهن کي پنهنجن محفلن ۾ شامل ڪري هنن جي حوصلا افزائي ڪيون. حوصلا افزائي انهن جي سڀ کان وڏي طاقت آهي. اڄوڪي ڏينهن جي مناسبت سان اچو ته اهو وچن ڪيون ته انهن خاص فردن يا ماڻهن کي معاشري جو فعال حصو بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين. اسين انهن جي رستن ۾ رڪاوٽ نه ٿينداسين ۽ انهن کي اهو مقام ڏينداسين، جنهن جا هُو صحيح معنيٰ ۾ حقدار آهن. ياد رکو اصل معذوري جسم جي نه پر سوچ جي آهي، جو ته اسان پاڻ کان ٻين کي گهٽ سمجهون ٿا.

مڪڙيءَ جي ڄار جهڙو سماجي نظام!



ڪرن فاطمه

ملڪ جي عدالتن، پوليس ۽ فوجداري نظام بابت بحث جڏهن به اڀري ٿو ته اڪثر توجه وڏن ڏوهارين، طاقتور مجرمن يا سياسي ڪيسن تي ڏني ويندي آهي، پر هن سڄي منظرنامي جو سڀ کان دردناڪ ۽ اونداهو پاسو اهي بيگناهه ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن شخصي دشمني، ڀاڀرتيءَ جي تڪرار، پوليس جي نااهلي يا عدالتي ڪارروائين جي سستي سبب سالن جا سال جيلن ۾ سڙندا رهن ٿا. حڪومتون بدلجن ٿيون، آئين ۾ ترميمون ٿين ٿيون، قانون ڪتابن ۾ ڌرايو وڃي ٿو. پر جن جي زندگيءَ جا بهترين سال لاڪ اپن ۽ جيلن ۾ ختم ٿي وڃن ٿا، انهن لاءِ نه ڪا قانوني شمشير ڪٽ ڪري ٿي، نه ڪو نظام رستو کولي ٿو. انهن جو ماضي ته برباد ٿيندو ئي آهي، پر مستقبل پڻ تباهه ٿي وڃي ٿو.

22 ورهين جو نوجوان ياسين به انهن مان هڪ هو. زندگيءَ جا خواب، مستقبل جا ارادا، تعليم جا رستا سڀ سندس آڏو کُليل هئا. ياريون، ڪلاس فيلو، ڪيرئير... سڀ ڪجهه سندس حياتيءَ ۾ مست هوندو هو. پر هڪ قتل جي هن ڪيسن جي الزامن جي نتيجي ۾ هن کي ايندڙ ويهه سال جيل جي پٿرن جي حوالي ٿيڻو پيو. ٻڌڻ ۾ شايد صرف لفظ لڳن- "ويهه سال"- پر جنهن شخص تي وقت جو هي بار لهي ٿو، ان لاءِ ايترا سال ماڻهن وانگر نه، صديون بڻجي گذرن ٿا. جڏهن هو آزاد ٿيو ته زندگي،

آهن، جيڪي سالن کان ڪيسن جي پيچيدگين يا غلط الزامن تحت زنجيرن ۾ جڪڙيل زندگي گذاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو گناهه ڪندڙ سزا ڀوڳي ٿو ته سماج سمجهي سگهي ٿو، پر جڏهن ڪو بيگناهه قيد ۾ هجي ته اهو رڳو هڪ شخص جو نقصان ناهي- بلڪ هڪ مستقبل جي تباهي آهي، هڪ خاندان جو ٽٽڻ، هڪ سماج جي اخلاقي ناڪامي.

اٽڪ سان تعلق رکندڙ نائمه جي زندگي به ساڳئي نظام جي ظلم جي شاهدي ڏئي ٿي. عورت هجڻ باوجود هن کي پنهنجن ئي ڀائرن طرفان ڪوڙي ايف آءِ آر ۾ ڦاسايو ويو. ڀاڀرتيءَ جي تڪرار سبب کيس گرفتار ڪيو ويو. باوجود ثبوتن جي منفي تاريخ لکي وئي ۽ جيل جي خوفناڪ قيد جي تجربي تائين کيس رسائي ڏني وئي. هڪ ننڍي ڪمري ۾ پندرهن عورتون، نه سمهڻ جي جاءِ، نه امن، نه احترام- نه انساني وقار. نائمه ٻڌائي ٿي ته جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ به اصل سزا شروع ٿي. ماڻهن جا رويا بدلجي ويا. نظرن ۾ شڪ، سوچ ۾ گندگي، زبانن تي طنز. معاشرو ڪنهن کي آزاد قرار ڏيڻ ۾ عدالت کان وڌيڪ سخت آهي.

اهڙي ئي ڏکوئيندڙ زندگي سجاد جي حصي ۾ به آئي، هو ملڪ کان ٻاهر هڪ پروفيشنل

مزارعي جو مزدور بڻجي ٿو، ڪو رشتن کان وڇڙي ٿو ته ڪو زندگيءَ کان مايوس ٿي پنهنجي ئي اندر دفن ٿي وڃي ٿو. سوال اڀري ٿو ته آخر ڇو؟ انهن سان ظلم ڇو ٿيندو آهي؟ انهن جو قصور ڇا؟

قانوني ماهرن جو موقف آهي ته سڄو نظام هڪ مڪڙي جي ڄار وانگر ڪم ڪري ٿو. طاقتور ماڻهو آسانيءَ سان پاڻ کي بچائي نڪري وڃن ٿا، پر غريب، مظلوم ۽ وسيلن کان محروم ماڻهو ڄار ۾ ڦاسي، سالن تائين تڙپندا رهن ٿا. گهڻو ڪري ايف آءِ آرون شڪ جي بنياد تي، ڪڏهن ٻڌ، ڪڏهن دشمنيءَ، ته ڪڏهن اثر رسوخ جي ڪري داخل ٿينديون آهن. پوليس جا ڪمزور تفتيشي عمل، ناقص ثبوت، وڪيلن جي لاپرواهي، عدالتن ۾ پيشين ۾ دير، وڪيلن جا هڙتالي ڏينهن، ججن جي گهٽتائي- هي سڀ سبب آهن جو هڪ انسان جي زندگي عدالتن ۾ لڳاتار پيشيون ڀوڳيندي ختم ٿي وڃي ٿي پر فيصلو دير سان اچي ٿو.

انهيءَ صورتحال جو سڀ کان خطرناڪ پاسو

ته نظام ۾ بنيادي سڌارا آندا وڃن. پوليس جي تفتيش ۾ جديد ٽريننگ، سائنسي طريقا ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ جي ذميواري هئڻ گهرجي. هر ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کان اڳ سخت جاچ، شاهدين جي تصديق ۽ وڪيلن جي نگراني لازمي هجي. عدالتن ۾ ڪيسن جي ٽائم لائين مقرر ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهو سالن تائين پيشين جي جهنگ ۾ گم نه ٿين.

ان کان وڌيڪ اهم قدم اهو آهي ته جيڪي ماڻهو بيگناهه ثابت ٿين، انهن کي رياستي سطح تي مالي ۽ سماجي بحاليءَ جو حق ملي. ملڪ ۾ ڪمپينسيشن لا موجود هجڻ باوجود ماڻهو ڊپ ڪري ان جو استعمال نٿا ڪن. جيڪڏهن رياست پاڻ بيگناهه شهرين جي بحاليءَ جي ذميدار بڻجي ته پوءِ معاشرو به آهستي آهستي پنهنجي سوچ بدلائي سگهي ٿو. جيل مان آزاد ٿيڻ سزا جو اختتام نه هجڻ گهرجي، نئون آغاز ٿيڻ گهرجي.

عدالتن، وڪيلن، پوليس، ميڊيا ۽ سماج سڀني کي گڏجي اهو يقين ڏيارڻو پوندو ته ڪو به بيگناهه فرد رڳو غلطي، شڪ يا دشمنيءَ جي ڪري عمر ختم نه ڪري. جيڪڏهن هن ملڪ کي انصاف جو حقيقي گهر بڻائڻو آهي ته پوءِ انسان کي قانون کان وڏو نه سمجهجي، بلڪ قانون کي انسان جي حفاظت لاءِ استعمال ڪجي. ٻي صورت ۾ هر نئون ياسين، هر نئين نائمه ۽ هر نئون سجاد هن نظام

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-II سڪرنڊ
گارڊين شپ اپيليڪيشن نمبر 45 سال 2025

وسيم ولد غلام حسين زئونر رهندڙ ڳوٺ پير ذڪري-II سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد...اپيليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات امبرين (2) محمد يامين (3) دلدار پٽ ڏيٺرون غلام حسين زئونر رهندڙ ڳوٺ پير ذڪري-II سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد. (4) پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين شپ اپيليڪيشن فار اپائنٽمينٽ گارڊين آف دي مائنر فار CNIC/B-FORMS/ ڊوميسائل آف مائنر نالي: (1) سرور عمر اٽڪل 10 سال (2) آصف عمر اٽڪل 09 سال لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر76 سال 2025

پرتاب پٽ ڏيرو زال ناجو ذات ڪولهي رهندڙ سمن ڳوٺ نزد حاجي پير تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: شريمتي ناجو ڌيءُ لڇمڻ زال پرتاب ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ پلي موڙ ويجهو پي ايس بودر فارم ضلعو عمرڪوٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ٽرمينيشن آف ميرج باءِ وي آف جڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو محترم مريم صبا)
فيملي سوٽ نمبر119 سال 2025

مسمات سائره ڌيءُ غلام قادر ذات مري بلوچ رهندڙ ڳوٺ حاجي علي محمد مري ديهه-123 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف..خلاف: مير نواز پٽ راحب ذات مري رهندڙ ڳوٺ حاجي علي محمد مري ديهه-123 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص. سيل نمبر: 0346-3616757....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر78 سال 2025

شريمتي سمجهو ڌيءُ مانو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ حامد راجڙ تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف..خلاف: سنتوش پٽ پورو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ حاڪم علي بلو تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ/فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن اپيليڪيشن نمبر Nil سال 2025
فيملي سوٽ نمبر202 سال 2025

مسمات عاصمه جويو..پلينٽف..خلاف: فياض علي لنڊ پٽ علي گوهر مسلم بالغ ذات لنڊ رهندڙ ڳوٺ حاجي فيض محمد لنڊ جوهي تعلقو جوهي ضلعو دادو..ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن اپيليڪيشن انڊر سيڪشن 13 آف فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 100 سال 2025

مسمات شازيه ڌيءُ مهر گل خان پٺاڻ بيواهه مرحوم رشيد رهندڙ ڳوٺ رئيس الهه ڏنو انڙ تعلقو قاضي احمد . حال رهندڙ ڳوٺ رئيس ٿارو خان زرداري تعلقو قاضي احمد ...پلينٽف...خلاف: افضل پٽ فتح خان زرداري رهندڙ ڳوٺ فقير محمد زرداري ديهه مرزا آباد تعلقو قاضي احمد ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج-II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 67 سال 2025

مسمات صائمه ڌيءُ رفيق احمد رهندڙ 60 ميل ويجهو يو سي 60 ميل تعلقو دوڙ ...پلينٽف...خلاف: احمد علي پٽ مجنو شيخ رهندڙ حال ڳوٺ علي محمد مغيري تعلقو سڪرنڊ . سيل نمبر: 0326-7721228....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

جڊيشل مئجسٽريٽ-II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج -II هالا
گارڊين درخواست نمبر 04 سال 2025

(1) دانش رضا ولد بابر حسن رضا ذات راجپوت رهندڙ محله پير مولا بخش ڪالوني هالا نيو تعلقو هالا ضلعو متياري ...اپيليڪينٽ...خلاف: (1) فضل مقيم ولد بابر حسن رضا (2) جهانگير بابر ولد بابر حسن رضا (3) بابر ڪنول ڌيءُ بابر حسن رضا زال محمد آصف (4) محمد عبدالله ولد بابر حسن رضا رهندڙ محله پير مولا بخش ڪالوني هالا نيو تعلقو هالا ضلعو متياري .. (5) محمد عبيدالله ولد بابر حسن رضا (عمر 17 سال) (6) محمد اسدالله ولد بابر حسن رضا (عمر 16 سال) (7) بي بي دعا فاطمه ڌي بابر حسن رضا (عمر 12 سال) سيريل نمبر 5 کان 7 مائنر معرفت فضل مقيم اپونئنس نمبر 01 رهندڙ محله پير مولا بخش ڪالوني هالا نيو تعلقو هالا ضلعو متياري (8) جنرل پبلڪ ايٽ لارج

نالي مٿين اپونئنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ 1890 تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج -II هالا

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ /فيملي جج ٽنڊو الهيار
(روبرو جناب مس حنا شوڪت)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر سال 2025
فيملي سوٽ نمبر18 سال 2025

(1)مسمات سميرا زال اسد علي ڌيءُ محمد اشرف ذات رند رهندڙ سبحان الله ڪالوني ٽنڊو الهيار (2) بيبي آمنه عمر 12 سال (3) بابا داد محمد عمر 04 سال (4) بيبي نور محمد عمر 02 سال مائنر معرفت پلينٽف نمبر 1 ...پلينٽف...خلاف: اسد علي ولد داد محمد ذات رند رهندڙ مشتاق هوٽل Chata رند چاڙهي تعلقو ضلعو لسبيلا بلوچستان سيل نمبر 03008004796/03138004796....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ /فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IV حيدرآباد
(روبرو جناب صلاح حسين نوهڙي)
فيملي سوٽ نمبر1440 سال 2025

مسمات افشان ڌيءُ غلام شبير رهندڙ نسيم نگر شاپنگ مال الائيڊ بينڪ بلاڪ A1قاسم آباد حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: محمد نواز ولد علي دوست رهندڙ PPHI نزد هنڊا شورم شورا ڳوٺ حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ٻارن جي مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج IV حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ممتاز علي ولد عبدالواحد ذات جٽ درخواست ڏني آهي ته سندس پاءُ نالي ذوالفقار علي ولد عبدالواحد تاريخ 02-03-2005 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 320-B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر، سروي نمبر 02-04 1/1 to 3, 1-27 123/1, 12-39 14/1 to 13, 08-03 2/1 to 8, 14-00 3/1to12,15,16, 12-34 4/1to 5,6 to 13, 01-16 6/1,2 12-00 12/2to7 , 10 to 16, 14-00 13/1to7, 10 to 15, 08-00 17/3 to 6 , 11 to 14, 08-00 16/1,2,7 to 10,15,16, 16-00 30/1to16 7-00 31/1,2,7to 15,16(118-03) ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 5.36 ايڪڙ رڪارڊ موجب تي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ چوڌري شهباز ديهه نمبر320-B ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) الهه ڏنو (2) ممتاز علي (3) افتخار علي (4) آفتاب علي (5) نسرين (6) روبينه (7) آسيه بي بي. هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توري زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ممتاز علي ولد عبدالواحد ذات جٽ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي عبدالواحد ولد محمد شريف تاريخ 01-03-1998 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 320-B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر، سروي نمبر 17/1,2, 7 to 10,15,16 (8-00) ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 20-1 ايڪڙ رڪارڊ موجب تي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ چوڌري شهباز جٽ ديهه نمبر320-B ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) الهه ڏنو (2) ممتاز علي (3) افتخار علي (4) آفتاب علي (5) ذوالفقار علي (6) نسرين (7) روبينه (8) آسيه بي بي. هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توري زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امان الله ولد مشتاق احمد ذات جٽ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي مشتاق احمد ولد محمد شريف تاريخ 01-01-2012 فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 320-B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر، سروي نمبر 02-04 1/1 to 3, 1-27 123/1, 12-39 14/1 to 13, 08-03 2/1 to 8, 14-00 3/1to12,15,16, 12-34 4/1to 5,6 to 13, 01-16 6/1,2 12-00 12/2to7 , 10 to 16, 14-00 13/1to7, 10 to 15, 08-00 17/3 to 6 , 11 to 14, 08-00 16/1,2,7 to 10,15,16, 16-00 30/1to16 7-00 31/1,2,7to 15,16 08-001 17/1,2,7 to 10,15.16 (126-03) ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 00-32 ايڪڙ رڪارڊ موجب تي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ چوڌري شهباز جٽ ديهه نمبر320-B ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) امان الله (پٽ) (2) ثناء الله (پٽ) (3) راشد علي (پٽ) (4) ياسر علي (5)ماجد (6) شازيه بي بي (ڌيءَ) (7) نسرين بي بي (ڌيءَ) (8) عابده پروين (9) رضيه (10) رفيعه (11) رقيه. هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توري زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري، ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد ڀرڳڙي

عام اطلاع

جيئن ته نالي زنوار حسين ولد مير خان پنهور ويٺل ڳوٺ وسي ميل پوراٽ تعلقو ۽ ضلعو متياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي ميرل خان ولد عرس پنهور جيڪو اريگيشن کاتي ۾ رٽائرڊ (ڪولي) هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 22-08-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) سجاد علي (پٽ) (2) زنوار حسين (پٽ) (3) نورل (پٽ) (4) جميل (پٽ) (5) نسرين (ڌيءَ)، (6)تليمان (ڌيءَ) (7) حاجاڻي (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: قربان علي ولد عبدالحڪيم پنهور ۽ غلام مرتضيٰ ولد محمد حسين جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات نصرت زال انور ويٺل ڳوٺ شير محمد نوڙها تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي انور احمداڻي ولد محمد موسيٰ جيڪو اريگيشن کاتي ۾ ٽيوب ويل چوڪيدار هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 22-08-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات نصرت (بيواهه) (2) مظفر احمد (پٽ) (3) راحيل (پٽ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: محمد سليم ولد غلام قادر خاصخيلي ۽ پرويز ولد غلام عباس ڪوسو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات سڄڻ بيواهه امير بخش ڪوري ويٺل ڳوٺ پنيو ڪدري تعلقو ۽ ضلعو متياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي امير بخش ولد حاجي ڪوري جيڪو اريگيشن کاتي ۾ حاضر سروس "ڊاروغو" هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 11-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات سڄڻ (بيواهه) (2) مسمات ثنا (ڌيءَ) (3) شعيب علي (پٽ) (4) زوهيب علي (پٽ) (5) مسمات آمنت خاتون (والده). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي ريڏنو ولد خان محمد ڪوري ۽ غلام محمد ولد خميسو ڪوري جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته ڪمرشل پراپرٽي ڊبل اسٽوري تعمير ٿيل بنگلو نمبر 8-RCC ايراضي 2493 اسڪوائر فوٽ سنگر ويو هائوسنگ اسڪيم، روينيو سروي نمبر 274 (حصو)، 275 (مڪمل) 382 (حصو)، 383 (حصو)، 384 (حصو)، 385 (حصو ڪل ايراضي 14 15-31 گهنٽا واقع ديهه گنو بندر تعلقو لطيف آباد ضلعو حيدرآباد جو سودو اشتهار ڏيندڙ ۽ غلام صديق ولد غلام نبي راجڙ جي مابين طئي ٿي ويو آهي جڏهن ته مذڪوره پراپرٽي تي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض، حق يا ڏيتي ليتي هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر ڪاغذي ثبوت سان گڏ هيٺ ڄاڻايل نمبر تي رابطو ڪري سگهو ٿا. معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

المشتهر: سهيل احمد خان خٽڪ ولد دوست محمد خان رهندڙ گهر نمبر 28 بلاڪ-D/7 يونٽ نمبر07 لطيف آباد حيدرآباد
رابطو نمبر: 0315-3026877

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀينرن هر هڪ نالي نادير، فوزيه، ساجدا، ماڻون ادريس سان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيا آهيون اسان پاڻ جو انهن سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي اهي پنهنجي ٻري ڀلي جا پاڻ ذميوار آهن اسان جي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

منظور قريشي ولد محمد بشير شناختي ڪارڊ نمبر 4130227189695 ، محمد ساجد ولد محمد بشير محمد يونس ولد محمد بشير

بقايا | 1 | ٻڏي فوت

عبدالرحيم گهراڻو ۽ سندس سئوٽ شاهه ڏني مير محمد گهراڻو شامل آهن واقعي بابت علائقي واسين موجب ٻار راند ۾ مصروف هئا ته اوچتو پير ترڪڻ سبب ٻئي پاڻي جي ڪڏ ۾ ڪري پيا، جتان پاڻ سنڀالي نه سگهيا. حادثي کان پوءِ ٻنهي کي فوري طور تعلقه اسپتال ڳولاڙچي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن انهن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي اوچتي حادثي سبب ڳوٺ ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ شديد ڏک، خوف ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي والدين ۽ وارث غم مان بيحال جڏهن ته معصومن جي لاڏاڻي جي خبر پٽي علائقي واسين حادثي کي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو ته ڳوٺ جي اندر موجود پاڻي واري ڪڏن کي ڀريو يا محفوظ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا واقعا پيش نه اچن .معصوم ٻارن جي فوتگي تي سڄو علائقو سوڳوار آهي.

بقايا | 2 | منعقد ڪيو ويو

سرڪار جي "پولي ۾ ٻان پناڻي" جهنگاري پروگرام جو باضابطه افتتاح ڪيو جڏهن ته پريس ڪلب جي صدر نويد لارڪ، نائب صدر غلام مرتضيٰ ڪلهوڙو، جنرل سيڪريٽري عبدالقادر جاگيراڻي، سينئر فوٽو جرنلسٽ نديم اختر سومرو محمد عاشق پٺاڻ منير سومرو اياز ساريو حنيف سهاڳ، سلامت ابڙو منصور عباس ابڙو نصير محمد ڪهاڙ ۽ ٻين عهديدارن، ميمبرن سينئر ۽ نوجوان صحافين ۽ پريس ڪلب جي ڪارڪنن مهمانن جو استقبال ڪيو ۽ انهن کي سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ پارائي ڏني پروگرام لاءِ اسٽيج ۽ جڳهه کي دلهن وانگر سينگاريو ويو هو اسٽيج تي پس منظر ۾ موهن جو دڙو جي کنڊرن اسٽوپا، بادشاهه پادري ۽ سامبرا جي مجسمن جي هڪ رنگيل تصوير پروگرام جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪيو هن موقعي تي مشهور سنڌي ڳائڻي ديبا سحر سُريلي ڳائڻي وقار ملاح مشهور يڪتاري ۽ چاپري فنڪار جگر جلال مشهور فنڪار شبو لال ۽ سونيا علي سرن پرفارم ڪيو جن "سنڌ منهنجي ماءُ آهي منهنجو ساهه منهنجو آهي"، "اسان پنهنجو قومي ڏينهن ٽوپي پائي ملهائينداسين"، "هن جنم ۾، هن جنم ۾، مان ڳائيندس، جتي به هجان سنڌ تنهنجي هوندي"، "ڪير سيني سان سينو نه چاهيندو جيڪو سنڌ جي آزادي نه چاهيندو"، "مان سنڌ کي سينگاريندس، تنهنجي ماءُ تنهنجي هوندي"، "خوبصورت، خوبصورت سنڌ، پنهنجي زندگي گذاريو"، "مور ٿو ٽلي راڻا"، "جواني نه رهندي، جواني نه رهندي"، "منهنجي سنڌ مان جيئن اسان کي پنهنجي اباڻي وطن مان پنهنجي زندگي ڏسڻ ڏيو"، "جيڪو منهنجي ڪلهي تي آهي، مان ان کي ڪٽندس سنڌ جيئن سنڌ جيئن مان اهو چوندس" ۽ ٻيا سنڌي قومي گيت ڳايا، جيڪي سامعين ۾ موجود سامعين کي ناچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيا. جڏهن ته مشهور مزاحيه فنڪار ماما لالو ۽ خادم ٿهيم مزاحيه لطيفا ۽ ٽوٽڪا ٻڌائي ماڻهن کي کلايو ان موقعي تي سنڌ حڪومت جي ترجمان بلند خان جوڻيجو وڏي وزير جو خاص مددگار خير محمد شيخ، ڊپٽي ڪمشنر شرجيل نور چنا، ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري، عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي چيئرمين ڊاڪٽر منير شيخ انفارميشن ڊائريڪٽر ارشاد احمد چانڊيو عوامي شهري اتحاد جي اڳواڻن اياز جعفري، مامو رمضان شيخ، سليم جام چانڊيو ڊاڪٽر امجد چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ اڳواڻن مصطفيٰ شيخ اسدالله ميرجت، پ پ اڳواڻن سردار صفدر علي ملاڻي سردار حبدار علي ڪجهي سيڪو يونين اڳواڻ وسيم جتوئي آپڪا اڳواڻن مبين بلوري جاويد پنڊ، ڊي آءِ بي انچارج علي بخش ڏاهاڻي اسپيشل برانچ لاڙڪاڻو انچارج اسدالله شاهاڻي چيمبر آف ڪامرس جي انچارج عباس عباسي انچارج وسيم شيخ ۽ انچارج لاڙڪاڻي واسي موجود هئا. لاڙڪاڻو محمد امين شيخ، پ پ اڳواڻن علي رضا ڪوڪي ڊاڪٽر سڏم چند، لاڙڪاڻو شهري اتحاد جي صدر نياز حسين ابڙو لاڙڪاڻو تعليمي بورڊ آفيسر احمد خان چنو ڊاڪٽر مشتاق علي شيخ ڊي آءِ بي انچارج منير سمون ڊاڪٽر عبدالغني شيخ ڊاڪٽر بدر سانگي ذوالفقار علي ابڙو پي پي اڳواڻ برڪت علي شيخ ايس آءِ بي اصغر تنيو وحيد بخش جيسر سيد نجف شاهه ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن صحافين ڪئميرامين فوٽوگرافرن ۽ ميڊيا ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر نويد لارڪ پنهنجي استقبالي خطاب ۾ سيني مهمانن جو استقبال ڪيو ۽ چيو ته هن ايڪتا ثقافتي پروگرام ۾ زندگي جي مختلف شعبن جا مهمان شامل آهن هر سال ايڪتا ڏينهن سنڌي ميڊيا جي ميزباني هيٺ منعقد ڪيو ويندو آهي جڏهن ته پهريون ڀيرو لاڙڪاڻو پريس ڪلب هڪ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو آهي جيڪو ڪلب جي سيني عهديدارن ۽ صحافين گڏجي منعقد ڪيو آهي. هن چيو ته ڊسمبر مهيني جي آمد سان سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجي ثقافت کي ملهائڻ جو جذبو ۽ جوش وڌي ويندو آهي. 7 ڊسمبر تي شهر جي جناح باغ چوڪ تي ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويندو ايڪتا ثقافتي فيسٽيول جو هڪ خوبصورت ۽ شاندار مکيه پروگرام منعقد ڪيو ويندو اسان پنهنجو قومي فيسٽيول اڳ کان وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان ملهائينداسين ٻئي طرف، مهمانن کي گرم چانهه ڪافي، ساڳي چانهه ۽ ڪشميري چانهه سان نوازيو ويو پروگرام جو انتظام جنرل سيڪريٽري عبدالقادر جاگيراڻي، سينئر صحافي منور رند، ليکڪ ۽ ريڊيو پيش ڪندڙ عبدالصمد پلي ڪيو

بقايا | 3 | اسپتال داخل

دين مهر سخت زخمي ٿي پيا جن کي مقامي ماڻهن ڀرپاسي اسپتال داخل ڪرايو .زخمي نوجوان اسلم مهر ٻڌايو ته روڊ خراب هجڻ ڪري موٽرسائيڪل سلپ ٿي وئي نوشهروفيروز وڃي رهيا هئاسين ته حادثو پيش آيو امام الدين مهر سخت ڦٽجڻ جوڳي حالت هجڻ ڪري نواب شاهه اسپتال نيو ويو.جڏهن ته ٻئي پاسي گذريل ڪيترين سالن کان پرياروڙ ۽ ڀرپاسي روڊ تباهه هجڻ ڪري ڪيترين ئي انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن ڪيترائي ماڻهون معزوري واري زندگي گهارڻ تي مجبور بڻيل آهن.

بقايا | 4 | اهم اجلاس

جا ميمبر آهن انهن کي گهرجي ته پنهنجن علائقن مان صحت، تعليم، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي ضرورتن بابت پنهنجون اسڪيمون جمع ڪرائڻ سيني ميمبرن کي انشاءالله گڏ ڪئي هلنداسين ان کان علاوه هن سيني آئل اينڊ گيس ڪمپنين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ملازمن جو ڊيٽا شيئر ڪن ته جيئن مقامي ماڻهن کي ملازمت سان گڏ وڳڏ بنيادي سهولتون مهيا ڪري سگهجن. قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ ويلفيئر ڪميٽي جي چيئرمين پي پي ايل، يو اي پي ۽ او جي ڊي سي ايل جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهل ۽ تعليم يافته مقامي نوجوانن سان گڏ هن اسڪل پوسٽن تي به مقامي ماڻهن کي نوڪريون فراهم ڪن. ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ساره جاويد چيو ته سيني آئل اينڊ گيس ڪمپنين کي گهرجي ته هو انٽرنشپ پروگرام شروع ڪري مقامي نوجوانن کي تربيت ڏين ۽ ڪين خليجي ملڪن ڏانهن موڪلين.

بقايا | 5 | 2ڄڻا فوت

هٿي ڪلٽي ٿي پٽي موٽر سائيڪل تي سوار 2 نوجوان ٽڏهي تي فوت ٿي ويا خوفناڪ حادثي ۾ فوت ٿيل 2 ڄڻا ٽرڪ ۾ ڦاسي پيا جن کي ريسڪيو ڪري ڪڍيو ويو فوتين جا لاش ۽ زخمي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو فوتين مان هڪ جي سڃاڻپ مڪلي واسي ڪاڪا پٺاڻ ۽ ٻئي جي سڃاڻپ ٺٽي لڳ پٺاڻ ڪالوني واسي خالد پٺاڻ طور ڪئي ويئي زخمي جي سڃاڻپ مڪلي واسي سعيدگل پٺاڻ طور ڪئي ويئي

بقايا | 6 | ڪيس داخل

ڪري ڪيس ڪيرڻ کان آجو ڪرڻ ڪانپوءِ لجالت ڪرڻ جو ذڪر شامل ڪيو ويو آهي جڏهن ته لجالت واري الزام ۾ ڄاڻايل جوابدار ملاح فورم جي اڳواڻن سندس خلاف داخل ڪيل ايف آءِ آر بابت چيو آهي ته بلوچي شاهه ڪريم ۾ پکين جي شڪار تان قتل ٿيل حسين ملاح جي قتل واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪرڻ سبب مقس بلوچي شاهه ڪريم ٿاڻي ڪانپو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا | 7 | گهر ۾ ڪهرام

موٽرسائيڪل جي ٽڪر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي نازڪ حالت هئڻ ڪري وارث فوري طور ٽراما سينٽر لاڙڪاڻو کڻائي ويا هئا جتي هلندڙ علاج دوران سندس زندگي جو ڏيئو اجهامي ويو هوڏانهن ايمبولينس ذريعي نوجوان جو مڙهه باڊهه آندو ويو ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو نوجوان برڪت ڦليپوٽو پورهيت هيو ۽ مزدوري ڪري گهر جو گذر سفر ڪندو هو

بقايا | 8 | اجلاس

موجوده صورتحال صفائي ستٿرائي جي نظام، ڪچرا ڪونڊين جي فعالي ۽ ناجائز قبضن خلاف ڪارروائي سميت ڪيترن ئي معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو.

بقايا | 9 | اڳواڻن جو احتجاج

روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي لنگهه جا رستا بند ڪري ڇڏيا آن موقعي تي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شعبان رائيس مل تي چوڪيدار هيو جيڪو گبر ڪلهوڙي جو رهواسي هيو 05 مهينن کان مبينه طور گم هيو

بقايا | 10 | منٺ قافلو پهتو

ته جلد فيصلي جي تاريخ وٺي فيصلو ڪنداسين ميڙ ۾ آيل سيڊن ٿوڙي چگڻ مڙس چيو آهي ته ٻنهي ڌرين صلح منٺ ڏني آهي.

بقايا | 11 | بک هڙتال

ڪٽائي ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪئي آهي. هن چيو ته بلاول ڀٽو چاچڙ ۾ جلسي کي خطاب دوران ڪارونجهر جي تحفظ جو ذڪر ڪيو ۽ سنڌ حڪومت وري ڪارونجهر ڪٽائي لاءِ آئيني عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪئي آهي

بقايا | 12 | ميڊيا لاءِ احتجاج

ڳالهائيندي چيو ته انٽرن نرسز سرڪاري اسپتالن ۾ ڏينهن رات ڊيوٽي ڏئي مريضن جي سارسنڀال ڪن ٿيون.

بقايا | 13 | ڪيمپ لڳائي

باريجو يوسي ٽونگ تعلقو ٺاڻوبولاخان ضلع جامشورو ۾ فري ميڊيڪل هيلٿ يونٽن علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ويون

بقايا | 14 | گهر ۾ ڪهرام

لاش تعلقه اسپتال ڏگهڙي منتقل

بقايا | 15 | اڪاوتن ڊاهي پٽ

روڊن رستن ۽ نالن مٿان ناجائز غير قانوني قبضن خلاف شهرين پاران شڪايتن جو نوٽيس وٺندي اڄ ٻاهر جي درگاهه شريف چوڪ وٽ قائم غيرقانوني ڇپرا دڪان مانڊيون ۽ ريڙها هٽائي روڊ کي ڪليئر ڪري ڇڏيو آهي

بقايا | 16 | نوٽس جاري

آئيني پٽيشن داخل ڪئي آهي ته ڪورٽ سڳوري ضلع بدين ۾ هلندڙ منشيات بند ڪرايو

بقايا | 17 | ٽيڪ جو حڪم

جوڊيشل ميجسٽريٽ ون ميرپورماٿيلو خالد ستار جو جروار ٿاڻي ڇاپو هنيو ناحق ٻاندي جو ڄاڻايل شهري هٿ ته اچي سگهيو

بقايا | 18 | شهري بازياب

کي بازياب ڪرايو.چيو ويو ته نيو سعيدآباد شهر ۾ هندو برادري درميان ملڪيت جو تڪرار هلندڙ هو پوليس هڪ ڌر جي چرچ تي انيل ڪمار کي گرفتار ڪري ڇڏيو هو

بقايا | 19 | پٽ ڪري ڇڏيا

لاءِ آپريشن ڪيو جنهن دوران ريلوي انتظاميه ماڻهن سان ڪارروائي ڪوارٽر خالي ڪرائي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

بقايا | 20 | احتجاجي مظاهرو

رسم هلندڙ هئي ان ڪري گهر ۾ ساڳيو موجود هئا جنهن سبب اسان حملي آورن کي ڊوڙائي ڇڏيو

بقايا | 21 | ملهايو ويو

سنڌي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ نهايت اهم آهن

بقايا | 22 | ڌرڻو روڊ بلاڪ

حيدرآباد روڊ تي احتجاجي ڌرڻو ، سول سوسائٽي وڪيل اڳواڻ شامل ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي حيدرآباد روڊ باءِ پاس تي بلوچي شاهه ڪريم ۾ پکين جي شڪار تان قتل ٿيل حسين ملاح جي قتل واري معاملي تي ڪيل احتجاج ۾ شامل وارثن تي بلوچي شاهه ڪريم ۾ دهشتگردي ايڪٽ وارن ايف آءِ آر داخل ٿيڻ تي وارثن سان گڏ حيدرآباد جي وڪيلن ، سول سوسائٽي جي اڳواڻن احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

بقايا | 23 | ڏينهن تي ريلي

ايڪشن ڪميٽي ضلعي متياري جي اڳواڻ پير منور علي شاهه معشوق حاجانو لعل خان نظاماڻي جي يو آءِ اڳواڻ صاحب ڏنو وڙياهر هالا بار جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ آصف علي ڪوڪر ايڊووڪيٽ منير احمد ڳاهوڻي ايڊووڪيٽ نعمان علي ،جسقم اڳواڻ عبدالرشيد ڏيٽي پي پي آءِ اڳواڻ ارشاد مغل، سماجي اڳواڻ سردار اياز ميمڻ انصار ميمڻ سميت متياري ضلعي جي معذورن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | 24 | وفات ڪري ويو

ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد اڳواڻن صحافين شرڪت ڪئي مرحوم کي اباڻي قبرستان جهنگ شاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا | 25 | لاڏاڻو ڪري ويا

تي ادا ڪئي وئي، جنهن بعد انهن کي پنهنجي آبائي ڳوٺ ڪلري ڪلرو پير عثمان شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا | 26 | دعا گهري وئي

الرحمان جو عوامي پيغام هر ڪي گهر گهر پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

بقايا | 27 | آصف رزاق ڌاريجو

پرنس سڪندر علي لاکي ميونسپل اسٽاف ۽ ڪائونسلر پڻ ساڻس گڏ هئا. چيئرمين ميونسپل ڪميٽي جام آصف رزاق خان ڌاريجو ليڊيز آرامگاهه صاف پيئڻ جي پاڻي لاءِ لڳايل واٽر پلانٽ ۽ پارڪ جي مختلف حصن ۾ جاري ترقياتي ڪم جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کان منصوبن بابت رپورٽ پڻ حاصل ڪئي

بقايا | 28 | احتجاجي ريلي

سهيل لاکو خالد ظهور بيگ استاد ڪلهوڙو حافظ ڪاشف رضا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪورٽ چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪري پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا | 29 | لطيف پليجو

انڪر سپورٽ پروگرام جي پوپان پندي پٽي ڪراچي جي اسان جي دل دماغ، شهه رڳ، تخت گاهه آهي جنهن کان سواءِ سنڌ تصور ڪونهي. ڪراچي سنڌ جي ڪنڌ جو نو لکو هار آهي ڪراچي ۾ ڪنهن به هٿ وڌو ڪراچي کان ڪشمور تائين روڊ رستا بند ڪري سنڌ جام ڪري ڇڏينداسين

بقايا | 30 | خودڪشي

پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسلام ڪوٽ جي سرڪاري اسپتال آندو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو

بقايا | 31 | ڏنڊ مقرر

سيد شمن علي شاهه ۽ اميرعلي خان جتوئي ڌرين ۾ سرچاءُ جو خاص طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو

بقايا | 32 | احتجاج

ايجنٽ بيٺل آهن ايجنٽن کان بغير ڪنهن کي به بينڪ اندر داخل ٿيڻ نٿا ڏين وري ايجنٽن کي پئسا ڏئي اندر وڃون ٿا بينڪ عملو الڳ پئسا وٺي ٿو جيڪو ظلم آهي هنن چيو ته هاري ڪارڊ تي پنج کان ڏهه هزار روپيا رشوت ورتي پئي وڃي جيڪا هارين آبادگارن سان زيادتي آهي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڄاڻايل بينڪ عملي خلاف ڪارروائي ڪري هارين سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 33 | ڪاهي ويا

پنهور کي ڏينهن ڏٺي جو ٻن ٻٽ بڌل هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي دڪان ۾ يرغمال بڻائي 38 هزار روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان شهر مان فرار ٿي ويا.

بقايا | 34 | نوجوان مارجي ويو

فائرنگ ۾ ٺل واسي جتوئي برادري جو هاريو ڪندڙ سيد احسان شاهه مارجي ويو . هٿيارٻندن زمين تي ڪم ڪندڙ ٺل واسي هاري کي گوليون هنيون گوليون لڳڻ سبب مارجي ويو جڏهن مهر هٿيارٻندن سيد نوجوان کي جتوئي سمجهي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو علائقائي ذريعا ،مارجي ويل مقتول جو لاش واقعي واري هنڌ پيل ، پوليس اڃاڻا واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال آندو ،فائرنگ سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل.

بقايا | 35 | ڪيمپ قائم

مفت طبي صلاح ڏني جڏهن ته 963 کان وڌيڪ ماڻهن فائدو حاصل ڪيو وائيس آف سوسائٽي جو باني عمير خان آهي، جيڪو Q-26 پي اي سي ايڇ ايس بلاڪ 2 جو رهواسي آهي، جيڪو علائقي جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ مسلسل خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي

بقايا | 36 | احتجاج

سيڪشن خيرپور پوليس وٽ فرياد ڪئي ويس ته پوليس به ڌڪا ڏئي واپس ڪري ڇڏيو آهي .مغوي ناري جي ماءُ مسمات سڪينه جوکي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو کان مطالبو ڪيو آهي ته منهنجي نياڻيءَ کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا | 37 | ريلي ڪڍي وئي

ڏاتوري، علي ڏنو ڏاتوري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ خيرپور ۾ ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي مقرري جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

بقايا | 38 | آگاهي ريلي

انجيڪشن جو غير ضروري استعمال نه ڪيو وڃي انتهائي ضرورت جي وقت نئين ڊسپوزل سرنج جو استعمال ڪيو وڃي حجام کان ڏاڙهي يا وار ڪٽرائڻ وقت نئين بليڊ استعمال ڪيو وڃي.

بقايا | 39 | احتجاجي ڌرڻو

جنهن خلاف سوين آبادگار سراپا احتجاج ٿي قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو

بقايا | 40 | ڳالهه ٻولهه

تعاون جي خاطري ڪرائيندي شهر جي واپارين ۽ صنعتڪارن کي پيش ايندڙ مسئلن بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون.

بقايا | 41 | مڙس زخمي

کي سول اسپتال پهچايو جڏهن ته پوليس پاران وين کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي ۽ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي ٻئي طرف زخمين جو علاج جاري آهي.

بقايا | 42 | اي ڊي سي ون

فوجي ۽ شهيدن جي فيملي جو خاص خيال رکيو وڃي ته جيئن هو ۽ انهن جي ٻارڙن لاءِ تعليم صحت ۽ انصاف جي فراهمي سميت سمورا مسئلا فوري طور تي حل ٿي سگهن ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي

بقايا | 43 | روڊ بلاڪ

بيچيني پکڙجي وئي آهي. عبدالقدير عمراڻي جي وارثن ڳڙهي خيرو ڏيداپور ناڪي تان احتجاجي ريلي ڪڍي سموري شهر جو گشت ڪيو

بقايا | 44 | منعقد ڪئي وئي

حسين مظهر حسين ميمڻ نذير علي شاهه رياض حسين ميمڻ اشرف گلاباڻي حبيب الله ڪوسو محمد ياسين جيسر ۽ ٻين ربن ڪاٽي ڪئي

گورنمينٽ آف سنڌ

سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر ڊپارٽمينٽ

خالي آسامي

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل ۽ مستقبل رهائشي سرٽيفڪيٽ (پي آر سي) رکندڙ اهل اميدوارن کان هيٺ ڄاڻايل آسامي لاءِ سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر اينڊ هيومن ريسورسز ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ ۾ مقرري واسطي ڄاڻايل قابليت ۽ تجربو رکندڙن کان هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد		تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط مقرري جي قائدن موجب
				گهٽ ۾ گهٽ	وڌ ۾ وڌ	
1	اسٽيٽسٽيڪل اسسٽنٽ	11	01	21	28	ڪنهن به تسليم ٿيل يونيورسٽي مان سبجيڪٽس جي هڪ طور اسٽيٽسٽڪس سان سيڪنڊ ڊويزن ۾ گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيٽ. تجربو رکندڙن کي ترجيح ڏني ويندي.

درخواستگذار جيڪي هيٺ ڄاڻايل گهرجون پوريون ڪندا هجن، اهي ڄاڻايل عهدن لاءِ حڪومت سنڌ جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي درخواست ڏين.

1) درخواستگذار جن جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ آف گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي جيڪا سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ڪئي وئي هئي. جنهن جو سرٽيفڪيٽ رکندڙ جيڪو STS پاران جاري ڪيو ويو ڄاڻايل عهدن تي مقرري واسطي گهربل آهي.
2) درخواستگذار جي عمر درخواست پيش ڪرڻ جي تاريخ کان رول 7 آف سنڌ سول سروينٽس موجب ڳڻي ويندي. (عمر جي مٿانهين حد ۾ رعايت) رولز 2024. جڏهن ته عمر ۾ رعايت جي حد 5 سال جو نوٽيفڪيشن سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نمبر SOII(SGA&CD)5/1/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب آهي.
3) شروعاتي مقرري لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي پاليسي/رولز قائدن موجب لاڳو ڪيو ويندو.
4) اهي درخواستگذار جيڪي اڳواٽ سرڪاري ملازمت ۾ آهن اهي پنهنجي کاتن کان اين او سي جاري ڪيل درخواست سان گڏ پيش ڪن ۽ اصل ڪاپي اين او سي جي انٽرويو وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ڪن.
5) مقرري سنڌ حڪومت جي پاليسي نوٽيفاءِ ڪيل تاريخ 26-04-2023 ۽ سنڌ سول سروينٽس ايڪٽ 1973 جي فقري تحت ۽ ان جي رول وقت بوقت ترميم ٿيل تحت ڪئي ويندي.
6) درخواستگذار ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو اصل دستاويزن سميت انٽرويو لاءِ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول موجب پيش ٿيندا.
7) انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي نه ڏنو ويندو.

سيڪريٽري
سنڌ منيمم ويجز بورڊ ڪراچي.

INF/KRY No.4050/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

گورنمينٽ آف سنڌ

سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر ڊپارٽمينٽ

خالي آسامي

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل ۽ مستقبل رهائشي سرٽيفڪيٽ (پي آر سي) رکندڙ اهل اميدوارن کان هيٺ ڄاڻايل آسامي لاءِ سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر اينڊ هيومن ريسورسز ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ ۾ مقرري واسطي ڄاڻايل قابليت ۽ تجربو رکندڙ کان هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد		تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط مقرري جي قائدن موجب
				گهٽ ۾ گهٽ	وڌ ۾ وڌ	
1	سروي اسسٽنٽ	11	05	21	28	ڪنهن به تسليم ٿيل يونيورسٽي مان سبجيڪٽس جي هڪ طور اسٽيٽسٽڪس سان سيڪنڊ ڊويزن ۾ گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيٽ. ترجيح انهن کي ڏني ويندي جيڪي ڊيٽا جي وصولي جي لاڳاپيل سروي ورڪ ۾ تجربو رکندڙ هوندا.
	گرينڊ ٽوٽل عهدا		05			

درخواستگذار جيڪي هيٺ ڄاڻايل گهرجون پوريون ڪندا هجن، اهي ڄاڻايل عهدن لاءِ حڪومت سنڌ جي جاب پورٽل https:// sjp.gos.pk تي درخواست ڏين.

1) درخواستگذار جن جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ آف گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي جيڪا سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ڪئي وئي هئي. جنهن جو سرٽيفڪيٽ رکندڙ جيڪو STS پاران جاري ڪيو ويو ڄاڻايل عهدن تي مقرري واسطي گهربل آهي.
2) درخواستگذار جي عمر درخواست پيش ڪرڻ جي تاريخ کان رول 7 آف سنڌ سول سروينٽس موجب ڳڻي ويندي. (عمر جي مٿانهين حد ۾ رعايت) رولز 2024. جڏهن ته عمر ۾ رعايت جي حد 5 سال جو نوٽيفڪيشن سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نمبر SOII(SGA&CD)5/1/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب آهي.
3) شروعاتي مقرري لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي پاليسي/رولز قائدن موجب لاڳو ڪيو ويندو.
4) اهي درخواستگذار جيڪي اڳواٽ سرڪاري ملازمت ۾ آهن اهي پنهنجي کاتن کان اين او سي جاري ڪيل درخواست سان گڏ پيش ڪن ۽ اصل ڪاپي اين او سي جي انٽرويو وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ڪن.
5) مقرري سنڌ حڪومت جي پاليسي نوٽيفاءِ ڪيل تاريخ 26-04-2023 ۽ سنڌ سول سروينٽس ايڪٽ 1973 جي فقري تحت ۽ ان جي رول وقت بوقت ترميم ٿيل تحت ڪئي ويندي.
6) درخواستگذار ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو اصل دستاويزن سميت انٽرويو لاءِ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول موجب پيش ٿيندا.
7) انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي نه ڏنو ويندو.

سيڪريٽري
سنڌ منيمم ويجز بورڊ ڪراچي.

INF/KRY No.4035/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

گورنمينٽ آف سنڌ

سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر ڊپارٽمينٽ

خالي آسامي

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل ۽ مستقبل رهائشي سرٽيفڪيٽ (پي آر سي) رکندڙ اهل اميدوارن کان هيٺ ڄاڻايل آسامي لاءِ سنڌ منيمم ويجز بورڊ ليبر اينڊ هيومن ريسورسز ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ ۾ مقرري واسطي ڄاڻايل قابليت ۽ تجربو رکندڙن کان هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	BPS	جاين جو تعداد	عمر جي حد		تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط مقرري جي قائدن موجب
				گهٽ ۾ گهٽ	وڌ ۾ وڌ	
1	ريسرچ اسسٽنٽ	11	01	21	28	ڪنهن به تسليم ٿيل يونيورسٽي مان سبجيڪٽس جي هڪ طور اڪنامڪس سان سيڪنڊ ڊويزن ۾ گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيٽ. تجربو رکندڙن کي ترجيح ڏني ويندي.
	گرينڊ ٽوٽل عهدا		01			

درخواستگذار جيڪي هيٺ ڄاڻايل گهرجون پوريون ڪندا هجن، اهي ڄاڻايل عهدن لاءِ حڪومت سنڌ جي جاب پورٽل https:// sjp.gos.pk تي درخواست ڏين.

1) درخواستگذار جن جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ آف گريجوئيشن ڪيٽيگري ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي جيڪا سکر IBA ٽيسٽنگ سروسز (STS) پاران ڪئي وئي هئي. جنهن جو سرٽيفڪيٽ رکندڙ جيڪو STS پاران جاري ڪيو ويو ڄاڻايل عهدن تي مقرري واسطي گهربل آهي.
2) درخواستگذار جي عمر درخواست پيش ڪرڻ جي تاريخ کان رول 7 آف سنڌ سول سروينٽس موجب ڳڻي ويندي. (عمر جي مٿانهين حد ۾ رعايت) رولز 2024. جڏهن ته عمر ۾ رعايت جي حد 5 سال جو نوٽيفڪيشن سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نمبر SOII(SGA&CD)5/1/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب آهي.
3) شروعاتي مقرري لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي پاليسي/رولز قائدن موجب لاڳو ڪيو ويندو.
4) اهي درخواستگذار جيڪي اڳواٽ سرڪاري ملازمت ۾ آهن اهي پنهنجي کاتن کان اين او سي جاري ڪيل درخواست سان گڏ پيش ڪن ۽ اصل ڪاپي اين او سي جي انٽرويو وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي اڳيان پيش ڪن.
5) مقرري سنڌ حڪومت جي پاليسي نوٽيفاءِ ڪيل تاريخ 26-04-2023 ۽ سنڌ سول سروينٽس ايڪٽ 1973 جي فقري تحت ۽ ان جي رول وقت بوقت ترميم ٿيل تحت ڪئي ويندي.
6) درخواستگذار ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو اصل دستاويزن سميت انٽرويو لاءِ جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيل شيڊيول موجب پيش ٿيندا.
7) انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي نه ڏنو ويندو.

سيڪريٽري
سنڌ منيمم ويجز بورڊ ڪراچي.

INF/KRY No.4034/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

گولاڙچي پرسان افسوسناڪ واقعو، ٻه ٻارڙا پاڻي ڪڏي ۾ ٻڏي فوت

چڪ نمبر 17 ۾ عبدالمجيد ۽ ثنا گهراڻو راند ڪندي پير ترڪڻ سبب پاڻي ڪڏ ۾ ڪري پيا

حادثي بعد ٻارن کي ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، جتي ڊاڪٽر فوتگي جي تصديق ڪئي

ٻارن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، حادثي تي علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي پرسان چڪ نمبر 17 ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي راند ڪندي گهراڻو برادري جا ٻه معصوم ٻار پاڻي جي ڪڏ ۾ ڪري فوت ٿي ويا. فوت ٿيندڙ ٻارن ۾ 6 سالا عبدالمجيد ولد

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو پريس ڪلب پاران "سنڌي ثقافتي ڏينهن" پروگرام منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

ديبا سحر، وقار ملاح، جگر جلال ۽ ٻين فنڪارن قومي گيت ڳائي ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پريس ڪلب پاران "سنڌي ثقافتي ڏينهن" پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اجرڪ ٽوپي ۽ سنڌي لباس ۾ ملبوس صحافين شرڪت ڪئي پروگرام ۾ وڏي انگ ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن سياسي ۽ سماجي اڳواڻن صحافين ۽ مذهبي اسڪالرن شرڪت ڪئي، جن ۾ وڏي وزير جو خاص مددگار خير محمد شيخ سنڌ حڪومت جو ترجمان بلند خان جوڻيجو ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو شرجيل چنا، ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري شامل هئا. مشهور ڳائڪي شيراز عباسي پڻ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پرياسڻي لڳ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ٻه نوجوان سخت زخمي، اسپتال داخل

پرياسڻي (ن ع) پرياسڻي پرسان موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب ٻه نوجوان سخت زخمي اسپتال داخل. پرياسڻي ۽ پرياروڊ تباهه هجڻ ڪري جلباڻي شاخ لڳ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب نور پور واسي ٻه نوجوان اسلم مهر ۽ امام

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: پريس ڪلب پاران ملهايل ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي فنڪارائون راڳ ٻڌائي رهيون آهن ٻئي طرف فوٽو گرافر نديم سومرو کي اجرڪ اوڍائي پئي وڃي

ٺٽي لڳ ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

سجاول روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جتي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار ڪاڪا پٺاڻ ۽ خالد پٺاڻ موقعي تي فوت ٿي ويا

زخمي سعيد گل پٺاڻ ۽ لاشن کي ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٺٽو (د ر) ٺٽي لڳ برانچ موري وٽ سجاول روڊ تي خوفناڪ حادثو ٽرڪ موٽر سائيڪل سوار ٽن نوجوانن کي چيڀاڙي ڇڏيو 2 ڄڻا ٽڏي فوت هڪ زخمي ٺٽو سجاول روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل کي ٽڪر

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٻاڊهه ۾ ست ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٻاڊهه (ن ع) ٻاڊهه - ڪنڊ روڊ تي 7 ڏينهن اڳ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل برڪت ڦليپوٽو زخمن جا سور نه سهندي ڪراما سينٽر لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ علاج دوران زندگي جي جنگ هارائي ويو ياد رهي ته گذريل اربع واري ڏينهن ٻاڊهه - ڪنڊ روڊ تي ٿريشر تي مزدوري ڪندڙ ٻاڊهه جي پياري محلي جو رهواسي نوجوان برڪت ڦليپوٽو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٻاڊهه: حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جو مڙهه ۽ سندس حياتي جي تصوير

ٽنڊومحمدخان ٿاڻي تي عورت سان لڄالٽ جي 4 ڄڻن تي ڪيس داخل

ڪيس ۾ فريادي صوبيا پاران جوابدار منصور، اعجاز، امتياز ۽ دلشير جا نالا شامل

حسين ملاح قتل واقعي ۾ احتجاج تي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي: ملاح فورم اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي رومين ٿاڻي تي عورت سان لڄالٽ واري واقعي جي ملاح فورم جي اڳواڻ سميت 4 ڄڻن تي اجتماعي لڄالٽ جي ايف آءِ آر داخل، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پوليس رومين ٿاڻي تي فريادي عورت صوبيا زال محبوب علي جي فرياد تي لڄالٽ جي الزام تحت ملاح فورم جي منصور ملاح، اعجاز، امتياز ۽ دلشير تي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوابدارن شوڪت ڪالوني ۾ گهر جي اندر داخل ٿي عورت سان اجتماعي لڄالٽ ڪئي جنهن ۾ عورت کي مارڪٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شهدادڪوٽ لڳ ڪارنهن الزام ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

ٻهرام شهر ۾ دڪان تي ويٺل 22 ورهين جي محمد قاسم ولد نيازل مگسي کي جوابدارن قتل ڪيو

شهدادڪوٽ (د ر) ڪارنهن جي الزام هيٺ 22 سالن جو نوجوان قتل گهر ۾ ڪهرام رپورٽ موجب ٻهرام شهر ۾ دڪان تي ويٺل 22 سالن جي نوجوان محمد قاسم ولد نيازل مگسي کي جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو...

شهدادڪوٽ: فوتي شعبان ڪلهوڙو جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

سجاول ٽائون ڪميٽي جي اڪائونٽنٽ، ڪائونسلرن ۽ عملي سان اجلاس

سجاول (د ر) ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند جي خصوصي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد پيرل چانڊيو ٽائون ڪميٽي سجاول جي اڪائونٽنٽ، ڪائونسلرن ۽ عملي سان هڪ اهم اجلاس ڪوٺايو جنهن ۾ شهر جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٿاڻو بولا خان لڳ وڏي ويز جي صلاحڪار گيانچند جي هدايتن تي ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

ٿاڻوبولاخان (ن ع) وزير اعليٰ سنڌ جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي خاص هدايتن تي ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جي ٻن يونٽن اڄ ڳوٺ جاڙو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ينگ نرسز ايسوسيئيشن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين سميع الله مگسي، علي دوست شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

فوري طور پيڊ انٽرنشپ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري نرسز ۾ ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ينگ نرسز ايسوسيئيشن شاگرد ونگ جي سڏ تي ميل ڪاليج آف نرسنگ جي شاگردن پڳهار سان ڳنڍ هائوس جاب پيڊ انٽرنشپ نه ملڻ خلاف ڪاليج جي احاطي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان دوران شاگردن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪري پيڊ انٽرنشپ جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندڙ شاگرد اڳواڻن سميع الله مگسي جنرل سيڪريٽري علي دوست شر انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر علي پتو نائب صدر سرفراز جکرو ياسر علي مغيري، وقار سولنگي، عاطف حسين ۽ ٻين ميڊيا سان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊو جان محمد روڊ تي ٻاءِ پاس وٽ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب موٽرسائيڪل سوار علي حسن ٽڏي تي فوت ٿي ويو، لاش اسپتال منتقل

پوليس ڪار ڊرائيور کي ڪار سميت پنهنجي تحويل وٺي جيل حوالي ڪري ڇڏيو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ٿاڻي جي حد ٽنڊو جان محمد روڊ ٻائي پاس تي ڪار جو موٽر سائيڪل سوار کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ جلال اڀڙنگ واسي نوجوان علي حسن ولد الله ڏنو اڀڙنگ فوت فوتي جو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: ڪار حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش ۽ حياتي جي تصوير

ٻاڊهه ۾ حدخلين خلاف عوامي شڪايتن تي آپريشن، ناجائز اڏاوتون ڊاهي پٽ

اسسٽنٽ ڪمشنر فرزانه ميراڻي جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي

آپريشن دوران ناجائز اڏيل ڇپرن، ماڻڊين، ريڙهين ۽ دڪانن ڊاهي پٽ ڪيو ويو

ٻاڊهه (ن ع) ٻاڊهه ۾ حدخلين خلاف عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري ميڊم فرزانه ميراڻي ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار ڏوڪري ڪامران منگي ٽائون ڪميٽي ٻاڊهه جو عملو ۽ پوليس ساڻ ڪٺي ٻاڊهه درگاهه شريف چوڪ تي ناجائز حدخلين ڇپرن ماڻڊين ريڙهين ۽ دڪانن خلاف آپريشن ڪندي سمورين حدخلين هٽائي ڇڏيون جنهن تي متاثرن دڪاندارن دانهون ڪيون ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري ميڊم فرزانه ميراڻي ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار ڏوڪري ڪامران منگي چيو ته ٻاڊهه ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٻاڊهه: اسسٽنٽ ڪمشنر فرزانه ميراڻي شهر مان حدخلين هٽرائي رهي آهي

راڄوخاناڻي جي ٻن وڪيل ڀائرن پاران منشيات خلاف حيدرآباد عدالت ۾ پٽيشن داخل، نوٽس جاري

راڄوخاناڻي (ن ع) ضلعي بدين جي شهر راڄوخاناڻي سان تعلق رکندڙ ٻن نوجوان وڪيل ڀائرن فياض آرائين ۽ عظيم آرائين هاءِ ڪورٽ سنڌ حيدرآباد پهچي هڪ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

جروار ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو، گرفتار شهري هٿ نه اچي سگهيو، ايس ايڇ او کي پيش ٿيڻ جو حڪم

ميرپورماٿيلو (ن ع) جروار ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو گرفتار شهري هٿ نه اچي سگهيو .ايس ايڇ او جروار کي سپاٽي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ريڊ ڪمشنر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

نيوسعيدآباد ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو، بيگناهه ٻانڌي بڻايل شهري بازياب

سول جج ڇاپو هڻي انيل ڪمار کي بازياب ڪرائي ورتو، ايس ايڇ او عدالت طلب

پرڪاش ڪمار رشوت نه ڏني پوليس هٿان مبينا طور گرفتار ڪرايو: انيل ڪمار

نيو سعيدآباد (ت ر) نيوسعيدآباد ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو پوليس پاران بيگناهه ٻانڌي بڻايل شهري کي پوليس جي چنبي مان بازياب ڪرايو ويو عدالت ايس ايڇ او سميت چئن پوليس عملدارن کي سپاٽي (اڄ) طلب ڪري ورتو سيشن ڪورٽ مٽياري جي حڪم تي سول جج هالا ون نيوسعيدآباد ٿاڻي تي ڇاپو هڻي ناحق ٻانڌي بڻايل شهري انيل ولد اشوڪ ڪمار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ حسين ملاح جي وارثن خلاف دهشتگردي جي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مقتول جي وارثن سان گڏ حيدرآباد جي وڪيلن، سول سوسائٽي اڳواڻن ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو، ٽريفڪ معطل

قتل ٿي ويل ڳوٺاڻي جي وارثن تي دهشتگردي انت واري ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ انصاف سان ناانصافي ڪئي وئي

پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ فريادين تي پريشر وجهي ڪيس تان دستبردار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ويجهو پڪين جي شڪارتان قتل ٿي ويل حسين ملاح جي قتل واري واقعي تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪيل احتجاج ۾ شامل وارثن تي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪپرو جو نوجوان هاڪر محمد رمضان ڪپري مرگهي جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو

ڪپرو (ن ع) نوجوان هاڪر محمد رمضان عرف ماڻي ڪپري صبح جو سوير مرگهي جو دورو پوڻ سبب پاڻي ٽب ۾ ڪري ويو جنهن کي سندس ڀائيجي موجب واش روم جي اندران ڏٺل ڪندي ڪولي ٻاهر ڪيي تعلقي اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي فوتي جي جنازي نماز جامع مسجد ڪپرو ۾ ادا

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ اين ڊي ايف جي معذورن جي عالمي ڏينهن تي ريلي

معذورن جي تڪليفن کي مدنظر رکندي انهن کي روزگار فراهم ڪيو وڃي: اڳواڻ

سرڪاري ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ ڪوٽا، اسپيشل ايجوڪيشن موثر قدم کنيا وڃن

هالا (ت ر) معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان معذورن جي حقن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هالا ۾ الله واري چوڪ کان پريس ڪلب هالا تائين معذورن جي نالي واري سماجي تنظيم نيشنل ڊس ايبلٽي اينڊ ڊوليپمينٽ فورم پاڪستان (اين ڊي ايف) جي سڏ تي هڪ غطيم الشان ريلي جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ معذورن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ نالي واري سماجي اڳواڻ ۽ اين ڊي ايف ضلع مٽياري جي ڪوآرڊينيٽر سلمان علي لغاري، هيومن رائٽس ڪميشن مٽياري جي انچارج عبدالرزاق حاجاڻو چانڊيو پروٽيڪشن مٽياري جي خالد نظاماڻي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

INTERNATIONAL DAY OF
PERSONS WITH DISABILITIES
3 December, 2025
Organized by: National Disability Alliance- NDA PAKISTAN
هالا: معذورن جي ڏهاڙي جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سکر جي يوسي اڪبرپور جي چيئرمين عبدالرؤف ڪنڀر جي چاچي لاڏاڻو ڪري وئي

سکر (بيورو رپورٽ) يونين ڪائونسل اڪبرپور جي چيئرمين سردار عبدالرؤف ڪنڀر جي چاچي ۽ نامور سماجي شخصيت وڏيرو روشن علي ڪنڀر جي والده رضاءِ الاهي سان لاڏاڻو ڪري وئي مرحومه جي جنازي جي نماز 02 ڊسمبر 2025 ع

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

JUSTICE FOR
Jam Aziz Shaheed
شهدادپور: مبينا پوليس تشدد ۾ فوت ٿيل استاد جا وارث انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳڙهي ياسين لڳ بجلي شارٽ سرڪٽ سبب دڪان ۽ هوٽل کي باهه

ڳوٺ ٻانيپهڙ ۾ ڳوٺاڻي قادر بخش سولنگي جي هوٽل ۽ دڪان کي باهه وڪوڙيو

لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي، حڪومت ۽ انتظاميا نوٽيس وٺي مدد ڪري: متاثر

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين لڳ ڳوٺ ٻانيپهڙ ۾ ڳوٺاڻي قادر بخش سولنگي جي هوٽل ۽ دوڪان کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ سبب باهه لڳي وئي. وقت سر فائر برگيڊ جو عملو نه پهچڻ سبب دوڪان ۾ رکيل اناج ۽ سامان سڙي رک ٿي ويو باهه لڳڻ بعد ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي ڳوٺاڻي قادر بخش سولنگي جو چوڻ هو ته بروقت فائر برگيڊ پهچي ها ته ڪجهه بچاءُ ٿئي ها، پر افسوس منهنجو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو منهنجو لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي حڪومت ۽ انتظاميا سمورا مسڪين جي مالي سهائتا ڪن

ضلعي سانگهڙ جي سماجي ويلفيئر ڪميٽي آئل اينڊ گيس جو اهم اجلاس

ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ فلاحي ڪمن جو جائزو ورتو ويو

تعليم يافته نوجوانن سان گڏ نان اسڪل ورڪرن کي مقامي ماڻهن کي نوڪريون فراهم ڪيون وڃن: صلاح الدين

ٽنڊوآدم (ن ع) ضلعي سانگهڙ ۾ قائم سماجي ويلفيئر ڪميٽي آئل اينڊ گيس جو اهم اجلاس ڪميٽي جي چيئرمين ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر علاؤالدين جوڻيجو جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪميٽي جي ميمبرن مقامي انتظاميا ۽ تيل ۽ گيس ڪمپنين جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ علائقي ۾ جاري سماجي ۽ ترقياتي منصوبن عوامي فلاح و بهبود جي ڪمن ۽ ڪميونٽي سپورٽ پروگرامز جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ علاؤالدين جوڻيجو چيو ته سيٽي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلن جا چيئرمين ۽ ويلفيئر ڪميٽي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: تيل ۽ گئس جي سماجي ڀلائي بابت ضلعي ڪميٽي جو اجلاس ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي، ڊپٽي ڪمشنر سارا جاويد پڻ شريڪ آهي

شهدادڪوٽ ۾ شعبان ڪلهوڙو جي وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جو احتجاج

مظاهرين حمل خشڪ، حيات ٽونيو، آصف مگسي ۽ ٻين روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو

پورهيت شعبان ڪلهوڙو جي قاتلن کي گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ (د ر) زمين ۾ پوريل شعبان ڪلهوڙو جي هٿ آيل لاش کي وارثن مستوئي شاخ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي قمبر شهدادڪوٽ روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل رهي مظاهرين سياسي سماجي ۽ وارثن جي اڳواڻي ايس يو پي اڳواڻ حمل خشڪ، ايس ٽي پي اڳواڻ حيات ٽونيو، آصف علي مگسي، جي يو آءِ اڳواڻ مولانا شمس الدين، ذوالفقار سيلرو، بابر ڪلهوڙو، وحيد ڪلهوڙو، عمران خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شعبان ڪلهوڙو سان انصاف لاءِ قمبر شهدادڪوٽ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين لڳ چانڊيا برادري ۾ خوني تڪرار جي نبيري لاءِ ميڙ منٿ قافلو پهتو

سيد شاهه حسين شاهه محمد قاسم چانڊيو ۽ ٻين ڌرين کي نبيري لاءِ منٿ ڪئي

ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن قافلي کي مان ڏيندي ناهه تي راضپو ظاهر ڪيو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين ويجهو چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ حب علي ۽ سڪندر چانڊيو ۾ هلندڙ خوني تڪرار جي خاتمي لاءِ علائقي واسي ٽوڙي برادريءَ جي چڱن مڙسن پاران پنهوخان چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ٻنهي ڌرين جي سنڌن ڳوٺن جوابپور چانڊيو ۾ سڪندر چانڊيو نثار چانڊيو ۽ ڳوٺ بخشا شاخ ۾ حب علي چانڊيو وٽ ميڙ منٿ قافلو پهتو، جتي ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن ميڙ منٿ قافلي کي مان ڏيندي، جهيڙي کي ختم ڪري ناهه تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي، ٻنهي ڌرين جي چڱن مڙسن جو چوڻ آهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سڄاڳ فورم جو ڪارونجهر ڪٽائي خلاف بک هڙتال

حڪومت آئيني عدالت ۾ ڊر ٻڌجي ڪارونجهر ڪٽائي ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪئي آهي

ڪارونجهر جي حفاظت لاءِ ميدان تي نڪتل آهيون پر اجا تائين ڪو چونڊيل نمائندو ناهي پهتو: مظاهرين

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين طرفان ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ سنڌ حڪومت طرفان آئيني عدالت ۾ داخل پٽيشن خلاف ننگرپارڪر ۾ جاري بک هڙتالي ڪئمپ کي هڪ هفتو مڪمل ٿي ويو آهي، پر ٿرپارڪر ضلعي جي چونڊيل ايم پي اي، ايم اين اي ٽوڙي حڪومتي ڌر جو ڪوبه اڳواڻ احتجاجي ڪئمپ تي لڳي ناهي آيو. صحافين سان ڳالهائيندي ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻ الهرکيو کوسو چيو ته سنڌ حڪومت آئيني عدالت ۾ ڊر ٻڌجي ڪارونجهر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ڪارونجهر ڪٽ خلاف بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

سکر ريلوي انتظاميا پاران قبضي هيٺ آيل ٻه ڪوارٽر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا، احتجاج

ڊي اين اي ون جهانزيب خان جي اڳواڻي ۾ عملي قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن ڪيو

ڪارروائي دوران قبضا خورن مزاحمت ڪرڻ بعد احتجاج ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) ريلوي ڪوارٽرن تي قبضن خلاف ريلوي انتظاميا جو آپريشن ٻه ڪوارٽر ڊاهي پٽ ڪيا ويا انتظاميه جي ڪارروائي خلاف متاثرن جي مزاحمت سخت احتجاج ريلوي پوليس ساٿين کي ڇڙ وڇڙ ڪرڻ لاءِ هوائي فائرنگ ڪري ڏني جنهن دوران علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو ان سلسلي ۾ ريلوي انتظاميه پاران ريلوي جي ڪوارٽرن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ ريلوي انتظاميه طرفان ڊي اين اي ون جهانزيب خان جي اڳواڻي ۾ عملي ۽ ريلوي پوليس طرفان نئون پنڌ ريلوي ڪالوني ڪوسا پاڙي ۾ ٻن ڪوارٽرن تان غير قانوني قبضا ختم ڪرائڻ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر جي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

صديق خاصخيلي ۽ ٻين گهر تي چڙهائي ڪري نياڻي اغوا جي ڪوشش ڪئي: مظاهرين

حملي آورن کان جاني خطرو آهي، آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڪن

مٽياري (د ر) مٽياري ويجهو ڳوٺ پنيو خدري جي رهواسين منظور علي ماڇي، پير بخش ماڇي، شمشير ماڇي، ممتاز ماڇي، شمن ماڇي، شبانه ماڇي ۽ مسمات سبحاني خاتون ماڇي سٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو ته نالي صديق خاصخيلي ۽ وقار خاصخيلي پنهنجن ساٿين اصف خاصخيلي، امجو خاصخيلي ۽ هڪ نامعلوم سان گڏجي هٿيارن سان اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري سڌي فائرنگ ڪندي اسان جي نياڻي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ان وقت گهر ۾ اسان جي نياڻي جي مڱڻي جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

دي سمارٽ اسڪول بدين ڪيمپس ۾ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني سان ملهايو ويو

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي اجرڪ ٽوپي پهري ٽيبلوز پيش ڪيا، سنڌي گيتن تي رقص

اسان جي نسلن کي پنهنجي ثقافت سان آگاهه ڪرڻ لاءِ اهڙين ثقافتي ڏهاڙن ملهائڻ اهم آهي: احمد زرگر

بدين (د ر) اڄ دي اسمارٽ اسڪول بدين ڪيمپس ۾ سنڌ ثقافتي ڏهاڙو شاندار نموني سان ملهايو ويو اسڪول جي گهٽي گهٽي ۾ اجرڪ ٽوپي لوڪ رنگ ۽ ثقافتي سرن سان ٻارڙن ٽيبلو سنڌي ٽوپي اجرڪ ڏئن تي سيني کي جهومائي ڇڏيو تقريب ۾ اسڪول جي پرنسپل ميدم تعظيم ۽ احمد زرگر خطاب ڪندي سنڌ جي ڌرتي، سنڌي ٻولي ۽ صوفيانا ورثي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هنن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته سنڌ اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ اسان جي نسلن کي پنهنجي ثقافت سان آگاهه ڪرڻ لاءِ اهڙين

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

بدين: ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ۾ ٻارڙيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

ملاقات جي آخر ۾ فرض جي ادائگي دوران سمورن پوليس شهيدن جي بلنديءَ درجات لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

جمعيت هميشه عوام جي حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريو آهي: مولانا عبدالغفور حيدري

انشاءالله عوام جي جائز حقن جي حصول لاءِ ڪنهن به قدم پوئتي نه هٽنداسين

ڪارڪنن کي گهرجي ته قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جو پيغام گهر گهر

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مولانا عبدالغفور حيدري چيو آهي ته جمعيت هميشه عوام جي حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندي رهي آهي ۽ انشاءالله عوام جي جائز حقن جي حصول لاءِ ڪنهن به قدم پوئتي نه هٽنداسين نظرياتي ڪارڪن پارٽي جو قيمتي سرمايو آهن ڪارڪنن کي گهرجي ته قائد جمعيت مولانا فضل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي جا شهري بهترين سهولتن جا حقدار آهن: ڄام آصف رزاق ڌاريجو

شهيد ذوالفقار ڀٽو پارڪ جي ٻيهر تعمير ۽ بحالي جو ڪم تيزي سان جاري آهي

پارڪ نه رڳو تفريح جو اهم مرڪز نه پر شهري ماحول کي صحتمند رکڻ لاءِ اهم جاءِ آهي

گهوٽڪي (ن ع) ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين ڄام آصف رزاق خان ڌاريجو جي هدايت تي شهيد ذوالفقار ڀٽو پارڪ جي ٻيهر تعمير ۽ بحالي جو ڪم تيزي سان جاري آهي هن سلسلي ۾ چيئرمين ڄام اصف رزاق خان ڌاريجو شهيد ذوالفقار ڀٽو سرڪاري باغ جو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران چيف ميونسپل آفيسر قمر زمان آنڊڙ فوڪل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ استاد ڄام عزيز جکرو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي

ڄام حيدر جکرو، سهيل لاکو خالد ظهور بيگ استاد ڪلهوڙو حافظ ڪاشف رضا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

استاد ڄام عزيز جي واقعي کي 20 ڏينهن گذري ويا آهن پر خون سان انصاف ناهي ٿي سگهيو: مظاهرين

قاتل پوليس آفيسر ۽ اهلڪارن جي ضمانت رد ڪري کين فوري گرفتار ڪري جوڊيشل انڪوائري ڪرائي وڃي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ هفتا اڳ پوليس حراست دوران پوليس جي مبينه تشدد ۾ فوت ٿيندڙ استاد ڄام عزيز جکرو جي قاتلن جي گرفتاري ۽ انصاف لاءِ وارثن استادن ۽ شهرين پاران پاءِ ڄام حيدر جکرو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ مائٽن کان نراض نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ پانهٽيون پيبل ۾ 19 ورهين جي نوجوان گيان ولد ڏامون ڀيل گهر جي پرسان خالي ٻيل چونري اندر رسو ٻڌي ڦاهو کائي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو اطلاع تي اسلام ڪوٽ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پيپلزپارٽي جي ڪرپٽ سنڌ حڪومت سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي: اياز لطيف پليجو

سنڌ آڳوڻي ڇاپ هوندي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي پويان ڀڄندي پئي

ڪراچي اسان جي دل، دماغ، شهه رڳ، تخت گاهه آهي، جنهن کان سواءِ سنڌ تصور ڪرڻهي

ڄامشورو (د ر) سنڌي شاگرد تحريڪ QAT پاران سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پيغام لطيف جي عنوان سان جلسه عام ٿيو جنهن ۾ قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو مهمان خاص طور شريڪ ٿيو جلسي ۾ سنڌ، مهراڻ ۽ لمس سميت ٻين تعليمي ادارن جا هزارين شاگرد شريڪ ٿيا. سنڌ يونيورسٽي پهچڻ تي شاگرد گلن جي ورکا ڪري ۽ اجرڪون اوڍائين اياز لطيف پليجو جو شاندار استقبال ڪيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي اياز لطيف پليجو چيو ته پڙهيل سنڌ هوندي ته سنڌ وڌندي جي سنڌ آڳوڻي ڇاپ هوندي ته بينظير

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو مظهر راهوجو زينت سمون ۽ ٻيا سنڌ يونيورسٽي ۾ پيغام لطيف جلسي کي خطاب ڪري رهيا آهن

چڪ لڳ سالن کان هلندڙ شر ٻڌائي تڪرار جو نبيرو، ٻنهي ڌرين تي 5ڪروڙ 75لک ڏنڊ مقرر

نبيرو ڊاڪٽر محمد ابراهيم خان مير عابد حسين خان جتوئي جي سرپرستي هيٺ جتوئي هائوس شڪارپور ۾ ٿي گذريو

ٻنهي ڌرين جا 17 خون ۽ 14 زخمي ثابت ٿيڻ مجموعي طور تي 5ڪروڙ 75لک ڏنڊ وڌو ويو

سائين سيد شمن علي شاهه ۽ اميرعلي خان جتوئي ڌرين کير کنڊ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ سالن کان هلندڙ شر ٻڌائي تڪرار ڊاڪٽر محمد ابراهيم خان مير عابد حسين خان جتوئي جن جي سرپرستي هيٺ جتوئي هائوس شڪارپور ۾ نبيرو ٿي گذريو سائين

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۾ رات دير سان اڻڄاتل چاٻي چور صفائي ڪارڪن جي موٽرسائيڪل ڪاهي ويا

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ رات دير سان مٺن چوڪ شهيد فاضل راهو تان ڪٿبن اڳيان بيٺل رميش جي سير استار موٽرسائيڪل اڻڄاتل چاٻي چور چوري ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڏينهن اڳ شهر جي مٺن بازار مان سيٺ سڪندر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو سنڌ بينڪ مينيجر خلاف قومي عوامي تحريڪ جو احتجاج

ڪارڪنن محمدخان شر، ميان لطف، سرور گبول ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مينيجر زرعي ڪارڊ ايڪٽو ڪرڻ تي پنج کان ڏهه هزار رشوت گهري رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ۾ سنڌ بينڪ مان هاري ڪارڊ حاصل ڪرڻ آبادگارن لاءِ مسئلو بڻيل آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن هارين پاران قومي عوامي تحريڪ پارٽي جي پليٽ فارم تان بينڪ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مظاهرين محمدخان شر ميان لطف شر سرور گبول، سردار ملڪ ۽ ٻين الزام هڻندي چيو آهي ته سنڌ بينڪ ميرپورماٿيلو ۽ اوباوڙو جو عملو هارين لاءِ آيل هاري ڪارڊ تي رشوت جي گهر ڪري رهيو آهي بينڪ جي مک گيٽ تي درجنين

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ جنگا مهر ۽ مرڙائي جتوئي تڪرار تان فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

رضا ڳوٺ جي ڪچي ۾ فائرنگ دوران ٽل واسي جتوئي برادري جو هارپو ڪندڙ سيد احسان شاهه مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويل جو لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل جي ڪچي ۾ جنگا مهر ۽ مرڙائي جتوئي تڪرار تان فائرنگ ۾ سيد نوجوان قتل ان سلسلي ۾ پنو عاقل تعلقي جي رضا ڳوٺ جي ڪچي ۾ فائرنگ دوران هٿياربندن جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: فوتي جو لاش سندس گهر ۾ رکيل آهي

ڪراچي ۾ وائس آف سوسائٽي پاران مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم

10تجربيڪار ڊاڪٽرن 963 کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪري دوائون ڏنيون ويون

ڪراچي (پ ر) وائس آف سوسائٽي جو مفت ميڊيڪل ڪئمپ، بي اي سي ايڇ ايس بلاڪ 2 ۾ منعقد ڪيو ويومقامي برادري جي زندگي ۾ مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ جي جذبي سان، وائس آف سوسائٽي گورنمينٽ سينئر ماڊل اسڪول بي اي سي ايڇ ايس بلاڪ 2، ڪراچي ۾ هڪ مفت طبي ڪئمپ جو انعقاد ڪيو هن ڪئمپ ۾ 10 قابليت رکندڙ ڊاڪٽرن عوام کي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: وائيس آف سوسائٽي پاران لڳايل مفت طبي ڪئمپ ۾ خدمتون ڏيندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي کي تحفا ڏنا پيا وڃن

خيرپور جي خورشيد ڪالوني نوجوان ناري مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

خيرپور (د ر) خيرپور جي خورشيد ڪالوني جي نوجوان ناري ڪونج جوڳي مبينا اغوا ٿي وئي آهي ان ڏس ۾ سندس ماءُ سڪينا جوڳي ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته بااثر ماڻهن منهنجي نياڻي ڪونج جوڳي کي اغوا ڪري ويا آهن بي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڊي ايڇ او جي قيادت ۾ ايڇ آءِ وي ايڊز جي عالمي ڏينهن تي آگاهي ريلي

ايڊز لاعلاج مرض آهي ان کان بچاءُ لاءِ احتياط انتهائي ضروري آهي: ظهور عباسي

رت لڳائڻ وقت ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته هي رت ايڊز جي بيماري کان پاڪ آهي

بدين (د ر) ايڇ آءِ وي ايڊز جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊي ايڇ او آفيس کان سول اسپتال تائين ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي جي قيادت ۾ آگاهي واڪ ڪيو ويو ان موقعي تي آگاهي واڪ کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي چيو ته ايڊز لاعلاج مرض آهي ان کان بچاءُ لاءِ احتياط انتهائي ضروري آهي انهي لاءِ اسان کي پنهنجي معمول جي زندگي ۾ احتياطي اپاءَ وٺڻا پوندا هن چيو ته بيماري جي حالت ۾ پنهنجو علاج عطائي ڊاڪٽرن کان نه پر ڪنهن سرٽيفائيڊ ڊاڪٽر کان ڪرايو وڃي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور شهري اتحاد پاران ايس ايس پي ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي مقرري جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

خيرپور (د ر) خيرپور شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فتح ميرائي، اسدالله ناريجو، عامرعباسي، جميل جويو، آفتاب پنيرو، مجاهد شنباڻي، محمد يوسف

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو الائنس شوگرمل ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود نه کلي، آبادگارن پاران احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن غلام حسين انڍڙ، نادر انڍڙ، اڪبر گنب، مجيد سميجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو

سنڌ حڪومت جي پڇ تي الائنس شوگر ملز بند ڪرائي آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪري رهي آهي: مظاهرين

ڊي آءِ بي انچارج اصغر جسڪاڻي پاران ٽن ڏينهن اندر ڪولائڻ جي خاطري تي قومي شاهراهه تان ڌرڻو ختم ڪيو ويو

اوباوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوهڙ) اوباوڙو ۾ ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود الائنس شوگر مل نه کلي ۽ ٻن ڏينهن کان پوليس الائنس شوگر ملز جي داخلي رستن تي نفري مقرر ڪري ڪمند سان ڀريل ٽرالين موٽائي ڇڏيون

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو: شگر مل ۾ ڪرشنگ بند ٿيڻ خلاف آبادگار روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر تاجر ڪائونسل اڳواڻن جي اي ايس پي سان ملاقات، پيش ايندڙ مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه

سکر (بيورو رپورٽ) تاجر سپريم ڪائونسل جي صدر حاجي شفيع عباسي جي اڳواڻي ۾ عهديدارن جي وفد نئون مقرر ٿيل اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) سهيب سان سندن آفيس ۾ تعارفي ملاقات ڪئي، ملاقات دوران تاجر سپريم ڪائونسل جي وفد نئون مقرر ٿيل اي ايس پي کي مڪمل

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سکر: جي يو آءِ جو جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالغفور حيدري ڪارڪنن سان ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور لڳ مسافر وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، زال ۽ مڙس زخمي

مٺو مري اسٽاپ وٽ حادثي ۾ واجد ٻڙدي ۽ سندس زال ناهده خاتون زخمي ٿي پيا

موجود ماڻهن زخمين کي سول اسپتال پهچايو، پوليس وين تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

خيرپور (د ر) شاهه حسين ٿاڻي جي حد مٺو مري اسٽاپ وٽ تيز رفتار مسافر وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، زال ۽ مڙس زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب مٺو مري اسٽاپ وٽ تيز رفتار مسافر وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار واجد ٻڙدي ۽ سندس زال ناهده خاتون سخت زخمي ٿي پيا ان موقعي تي موجود ماڻهن ٻنهي زخمين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪرونڊي لڳ نوجوان گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڦول باغ محلي واسين فوجومل عرف بابو سوچي انتهائي قدم کنيو

نوجوان کي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي فوت ٿي ويو، مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام

خيرپور (د ر) ڪرونڊي واسي نوجوان پاران مبينا طور خودڪشي اسپتال منتقل ڪرڻ دوران نوجوان رستي ۾ فوت ٿي ويو تفصيل موجب ڪرونڊي جي ڦول باغ محلي واسي نوجوان فوجومل عرف بابو سوچي گهريلو پريشانين سبب زهريلين گوريون کائي خود ڪشي ڪري ڇڏي حالت خراب ٿيڻ بعد وارثن نوجوان کي ٽڪٽي جوڳي حالت ۾ ڪرونڊي جي نجي اسپتال آندو جتان ڪيس ٽڪٽي جوڳي حالت هجڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ نواب شاهه نيو پئي ويو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو نوجوان جي اطلاع تي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو.

رٽائرڊ آرمي پرسن قابل فخر آهن، انهن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: اي ڊي سي ون

بدين (د ر) پنهنجي جواني وطن جي دفاع لاءِ ارپيندڙ رٽائرڊ آرمي پرسن پوري قوم لاءِ قابل فخر ۽ قابل احترام آهن انهن جا سمورا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي دربار هال ۾ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندي لاڳاپيل ڪاتن کي چيو ته رٽائرڊ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو ۾ حيدرآباد مان گم ٿيل نوجوان جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

عبدالقدير عمراڻي جي وارثن دوداپور ناڪي تي ريلي ڪڍي سنڌ-بلوچستان دنگ تي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

مون پنهنجي ٻارن جي بهترين تربيت ڪئي آهي، منهنجو پٽ ڪنهن به غيرقانوني سرگرمي ۾ شامل ناهي: والد

عبدالقدير عمراڻي کي فوري طور ظاهر ڪري نوجوان جي محفوظ واپسي يقيني بڻائي انصاف ڪيو وڃي

ڳڙهي خيرو (ن ع) حيدرآباد جي پٺائي نگر واري علائقي مان 19 ڏينهن اڳ گم ٿيل نوجوان عبدالقدير عمراڻي جي گمشدگي اڄا تائين ظاهر نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب خاندان ۽ علائقي جي ماڻهن ۾ شديد

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو: حيدرآباد مان گم ٿيل نوجوان عبدالقدير عمراڻي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مورو جي هاءِ اسڪول ۾ شاگردن پاران سائنسي ثقافتي تعليمي سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي

مورو (ن ع) راشد موراڻي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽائون ڪيمپس ۾ شاگردن پاران سائنسي ثقافتي تعليمي سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص تقريب منعقد ڪئي وئي هن تقريب جي افتتاح چيئرمين نذير احمد ميمڻ وائيس چيئرمين انور علي قائمخاڻي اسلم امين آرائين، راشد مسعود عباسي، سعيد احمد ڪلهوڙو، پير مظهر

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.